سِنڌيَت جيِ سُڳَنڌِ

(An Intermediate Course in Sindhi)

ڪنعيالعل ليکواڻي

ڀارتيه ڀاشا سنسٿان، مئسور
مانوَ سنساڌن وڪاس منتراليه
سکيا وڀاڳ
ڀارت سرڪار

سِنڌيَت جِي سَگَنڌِ

(An Intermediate Course in Sindhi)

CENTRAL INSTITUTE OF INDIAN LANGUAGES
PUBLICATION NO.448

Major Indian Languages: Sindhi - Arabic

سِنڌيَت جي سُڳَنڌِ

(An Intermediate Course in Sindhi)

ڪنعيالعل ليکواڻي

ڀارتيه ڀاشا سنستان، مئسور

مانوَ سنساڌن وڪاس منتراليه

سکيا وڀاڳ

ڀارت سرڪار

Sindhyat Ji Sugandh, an Intermediate Course in Sindhi - Arabic
Kanhaiyalal Lekhwani

First published: *October 1999* / *Asvina 1921*

© *Central Institute of Indian Languages, Mysore 1999*

This material may not be reproduced or transmitted in any form or by any means, electronic, or mechanical, including photocopy, recording, or any information storage and retrieval system, without permission in writing from the publisher.

Address for correspondence:
Director
Central Institute of Indian Languages
Manasagangotri, Vinoba Road
MYSORE 570 006, INDIA.

Phone: 91-821-515558, 515820.
Telex: 0846-268 CIIL IN,
E.mail: ciil@glasbg01.vsnl.net.in,
Grams: BHARATI
Fax: 0091-821-515032
Website: http://www.ciil.org

ISBN-81-7342-047-5

Price Rs. 80.00

Published by Dr. N. Ramaswami, Director I\c., for
Central Institute of Indian Languages, Mysore.
Printed by Mr. S.B.Biswas, Manager, at
CIIL Printing Press, Manasagangotri, Vinoba Road,
Mysore 570 006, India.
Production: K. Srinivasacharya

FOREWORD

The Central Institute of Indian Languages was established on 17th July 1969 to help, evolve and implement the language policy of the Government of India and to coordinate the development of Indian languages through research, training, material production for their use in education, administration and other public domains. The Institute has six Regional Language Centres to impart 10 months intensive training in modern Indian languages to the teachers deputed by their respective State Governments and Union Territories. This 10 months training programme is divided into three levels Basic Course, Intermediate Course and Advanced Course. The Centres not only produce teaching materials and also supporting materials like audio and video cassettes.

The materials which are produced in the Regional Language Centres are specialized in nature as they are designed and produced to suit the need of the second language learners to develop all the four skills, namely, listening, speaking, reading and writing within a short duration of 10 months.

The Intensive Course or Basic Course aims at developing the skills of listening and speaking; the Intermediate Course aims at developing the skills of reading and writing; and the Advanced Course aims at developing interest and skill in appreciating the literature.

The present volume, *Sindhyat Ji Sugandh,* an Intermediate Course in Sindhi prepared by Dr. Kanhaiyalal Lekhwani for the Central Institute of Indian Languages on the above mentioned model to suit the needs of those

ACKNOWLEDGEMENT

it is my pleasant duty to acknowledge my indebtedness to the persons from whom I received help and guidance while working on the present book.

I am grateful to all the authors and scholars who helped me directly or indirectly to write lessons on different topics. I am thankful to the Editor 'Hindustan' Sindhi daily for his generous permission to include one editorial and two news items in the present textbook.

I am thankful to the Director, Central Institute of Indian Languages and Dr. J. C. Sharma, Prof.-cum-Deputy Director for their encouragement and guidance. I am grateful to Dr. M. S. Thirumalai Ex. Prof.-cum-Deputy Director for his guidance regarding the topics and different types of exercises covered in the book. I thank Dr. Dutta Baruah, Reader-cum-Research Officer under whose supervision the work was completed. I sincerely thank Mr. K. T. Vasnani who has gone through the whole manuscript critically and gave many valuable suggestions. I am thankful to Dr. Usha Nair for her help and encouragement. I am also thankful to Smt. Suman Belwalkar with whom I could discuss some aspects about the work.

I must acknowledge the several batches of Sindhi teacher trainees on whom these lessons were tried out. I thank Ms. Jyoti Uttamchandani for her assistance to prepare the press copy. I am also thankful to Shri H. J. Samtani, Proprietor MSP Pagesetters Pune for composing and pagesetting and Manager, CIIL Printing Press Mysore for the neat execution of printing of this volume.

KANHAIYALAL LEKHWANI

who want to learn Sindhi as second language. If the present volume helps the learners to develop all the four language skills in Sindhi, then the aims of the Institute will be fulfilled.

(N. Ramaswami)
Director I\c.

مهاڳ

ڀارتيہ ڀاشا سنسٿان دوارا پنهنجي اسٿاپنا (1969) کان وٺي ڪوچنا، سامگري نرماڻ ۽ ٽريننگ وغيره ذريعي ڀارتي ڀاشائن جي واڌاري ۽ واهپي لاءِ انيڪ ڪوششون ڪيون وڃن پيون.

اسان جي ملڪ جي اسڪولن ۾ ٽِٻولي سرشتو عمل ۾ آڻڻ جي مراد سان هن سنسٿان جي جدا جدا سينٽرن ۾ ماسترن کي پنهنجي ماتر ڀاشا کانسواءِ ٻيون مکيہ ڀارتي ٻوليون سيکارڻ جو بندوبست ڪيو ويو آهي جيئن هو اهي نيون ٻوليون سکي پنهنجي اسڪولن ۾ وڃي شاگردن کي مکيہ ڀارتي ٻوليون سکڻ جا وڌيڪ وجهہ ميسر ڪرائي سگهن.

ماسترن لاءِ ڏهن مهنن جي هن ڪورس کي ٽن ڀاڱن ۾ ورهايو ويو آهي : بنيادي اڀياس، درمياني اڀياس ۽ اوچ اڀياس. بنيادي اڀياس دوران 'اين انٽينسو ڪورس اِن سنڌي' ذريعي بنيادي ڀاشا رچنا جو اڀياس ڪرايو وڃي ٿو. شروعاتي پڙهڻ لکڻ سيکارڻ لاءِ 'پنهنجي ٻولي سنڌي - ڀاڱو پهريون' جو پڻ استعمال ڪيو وڃي ٿو. هن اڀياس جي مکيہ مراد اها آهي تہ نئين ٻولي سکندڙ روزمره جي وشين تي سوليءَ سنڌيءَ ۾ ڳالهائي ٻولهائي ۽ لکي پڙهي سگهن.

درمياني اڀياس لاءِ 'سنڌيت جي سڳنڌ' نالي سان ڪتاب تيار ڪيو ويو آهي جنهن جي آڌار تي سکيل نون لفظن ۽ ڀاشا رچنا جو جدا جدا وشين ۽ حالتن ۾ استعمال ڪرڻ جو اڀياس ڪرايو وڃي ٿو. سنڌي ريتين رواجن ۽ ڏڻ وارن جي پڻ ڪين ڄاڻ ڏني وڃي ٿي جيئن هو صحيح معنيٰ ۾ سنڌي سماج کي سمجهي سگهن ۽ پنهنجي ريتين رواجن ۽ ڏڻ وارن جي ڄاڻ ڏيئي سگهن. ان کانسواءِ هو سنڌيءَ ۾ عام وشين بابت ننڍا ننڍا ليک، ڪتاب، اخبارون ۽ رسالا پڙهي سگهن ۽ سوليءَ سنڌيءَ ۾ زباني توڙي لکت روپ ۾ پنهنجا ويچار پيش ڪري سگهن.

اوچ اڀياس لاءِ 'ادبي گلدستو' تيار ڪيو ويو آهي. هن اڀياس دوران ڪين ٿوري ۾ سنڌي ساهت جي اتهاس جي ڄاڻ ڏيئي سنڌي ادب جي جدا جدا شاخن جي ڪن چونڊ رچنائن جو رس وٺايو وڃي ٿو جيئن هو سنڌي ادب سان واقف ٿي ان کي ماڻي ۽ ساراهي سگهن. ان سان گڏوگڏ ڪين تنقيد ۽ ترجمي لاءِ پڻ همٿايو وڃي ٿو. هو پنهنجي اسڪولن ۾ شاگردن کي نئينءَ ٻوليءَ جي روپ ۾ اثردار نموني سنڌي

ڪيئن پاڙهي سگهن ٿا ان بابت پڻ سندن رهنمائي ڪئي وڃي ٿي. 'سنڌيت جي سڳنڌ' ڪتاب ۾ ڪل ٣٠ سبق ڏنا ويا آهن جن مان ٽي سنڌيءَ جا مشهور ٻال گيت (جو ڪير پئي، واهه ڙي تارا ۽ منهنجي امڙ) آهن ۽ هڪ سمپادڪي ليک آهي. باقي سڀ سبق هن ڪتاب جي ليکڪ ئي لکيا آهن. اهي سبق تيار ڪرڻ وقت انيڪ ليکڪن ۽ ڪتابن جي مدد ورتي ويئي آهي ۽ ڪيترن ودوانن جا رايا پڻ ورتا ويا آهن. ليکڪ انهن سڀني ودوانن جو تہ دل شڪرگذار آهي. اهي سبق شاگردن جي ضرورت ۽ قوت کي ڌيان ۾ رکي روزمره جي سوليءَ ٻوليءَ ۾ پيش ڪيا ويا آهن. جتي ضروري سمجهيو ويو آهي اتي سبقن جي پٺيان تهذيبي نقطن جي ٿوري ۾ ڄاڻ ڏني ويئي آهي. ان بعد سبق ۾ آيل چونڊ نون لفظن، اصطلاحن ۽ پهاڪن وغيره جي معنيٰ ڏني ويئي آهي جئين شاگرد پاڻ سبق چڱي طرح سمجهي سگهن ۽ ٻين حالتن ۾ انهن جو استعمال ڪري سگهن.

هر سبق جي پڇاڙيءَ ۾ اڀياس ڏنو ويو آهي. اڀياس ۾ ٻن قسمن جا سوال پڇيا ويا آهن: وشيہ بابت ۽ ڀاشا رچنا بابت. وشيہ بابت پڇيل سوالن جي پٺيان اها مراد آهي تہ شاگرد سبقن ۾ آيل مول ڀاون کي سمجهي پنهنجي لفظن ۾ اظهاري سگهن. سبقن جي وشين جي آڌار تي ڪي سوال شاگردن جي سماج جي ڏڻ وارن ۽ ريتين رواجن بابت پڻ پڇيا ويا آهن. ڀاشا رچنا جا سوال مثالن جي آڌار تي پڇيا ويا آهن جن سان سندن ٻوليائي قوت ۾ سهاويڪ نموني واڌارو ٿيندو.

اُميد تہ نئينءَ ٻوليءَ جي روپ ۾ سنڌي سکندڙن لاءِ هي ڪتاب ڪارائتو ثابت ٿيندو. اڄ ڀارت ۾ سنڌين جي ٻوليائي ماحول کي ڏسجي تہ خبر پوي ٿي تہ ڪيترين حالتن ۾ هو پنهنجي تهذيبي ۽ ادبي ورثي کان ڪٽجي رهيا آهن. ان سبب عام سنڌين توڙي غير سنڌين لاءِ دستوري توڙي غير دستوري سطح تي سنڌي سکڻ/سيکارڻ لاءِ پڻ هن ڪتاب جو استعمال ڪري سگهجي ٿو.

تعليمدان ۽ شاگرد هن ڪتاب بابت پنهنجا قيمتي رايا موڪليندا تہ ليکڪ سندن نهايت ٿورائتو ٿيندو.

ليکواڻي

فهرست

١. نِماڻي نورِي	1
٢. ڏِيارِي	8
٣. نِرموهِي ڪَنوَرُ	14
٤. ٻاراڻيون رانديون	19
٥. جو ڪيرُ پيئي	26
٦. سنڌِي لوڪ ناچَ	27
٧. شاديءَ جون رِيتيون رَسمون	30
٨. تَهذِيبي وَرثي جي اَڻمُلهُ ڪَڙِي - موئِن جو دَڙو	39
٩. سِنڌيَتَ ڏِينهُن - چيٽِي چَنڊُ	45
١٠. واهه ڙي تارا	50
١١. عُمَرُ مارئِي	51
١٢. آسانجا ڏِڻَ وارَ	57
١٣. اَمَرُ شَهِيدُ هيمون ڪالاڻِي	64
١٤. ڀَڳتِ	69
١٥. مُنهِنجِي اَمڙِ	74

١٦. سِنڌي ٻولي	77
١٧. ڪرمَ يوڳي - ساڌُو واسواڻي	83
١٨. بَددُعا يا دُعا	88
١٩. هاڪي	93
٢٠. قُدرَتَ جا نَظارا	97
٢١. توانائِيءَ جو خزانو : ايٽمُ	99
٢٢. وَتائي فَقيرَ جا قِصا	106
٢٣. سِنڌي فِلمَ - آباڻا	112
٢٤. ڳوٺَ جي ڪوٺَ	117
٢٥. مان آهيان سِنڌو	121
٢٦. سنڌيءَ جو سِرمورُ - شاهُ لَطيفُ	125
٢٧. ڪامپيوٽر يُڳُ	131
٢٨. قومَ جو آتمِ ٻلُ	136
٢٩. نيلسَن مَنڊيلا - زِندَهَ باد (سَمپادَڪي ليکُ)	141
٣٠. دوستَ ڏانهُن خَطَ	147

١. نماڻي نوري

هيءَ ڳالهه اُن زماني جي آهي جڏهن سنڌ ۾ سمي گهراڻي جي حاڪم جام تماچيءَ جو راڄ هو.

جام تماچي شيل شڪار جو ڏاڍو شوقين هو. هڪ ڏينهن هُن ٻيڙيءَ ۾ چڙهي ڪينجهر ڍنڍ جو سير پئي ڪيو ته سندس نظر وڃي نوريءَ تي پيئي. بس اُتي ئي هو سندس سونهن تي دل هاري ويٺو. محل ۾ موٽيو ته سهي پر نوريءَ جي سونهن کي وساري نه سگهيو. سموري پُڇا ڪرايائين ته هوءَ ڪير آهي؟ ڪٿي رهندي آهي؟ ڪنهن جي ڌيءُ آهي؟

نوري هُئي مُهاڻي. سندس ذات وارا ڪينجهر ڍنڍ تي ٻيڙين ۾ ئي رهندا هُئا. اُنهن مسڪينن جي گذران جو وسيلو هو مڇيون مارڻ. مرد مڇيون ماريندا هُئا ۽ زالون وائڻن تي وڃي مڇيون وڪڻنديون هيون. هو ڪارا ڪوجها هُئا جن جي بدن مان پيئي مڇين جي بانس ايندي هُئي، پر سندن نينگر نوري ته چنڊ کان به سُندر هُئي.

جام ڪهي آيو مُهاڻن وٽ ۽ ڪانڌُن نوريءَ جو سڱ گهُريائين. مُهاڻن جي ته جڄ الله ٻُڌي. ٻنهين جي شادي ٿي. جام خوش ٿي سندن ڍلون محصول معاف ڪري ڇڏيا ۽ ڪينجهر ڍنڍ سندن جاگير بڻائي ڇڏي.

جام نوريءَ کي محل ۾ آڻي راڻين ۾ راڻي ڪري ويهاريو. پر ان سبب نوريءَ ڪڏهن به گهمنڊ ڪونه ڪيو. نياز ۽ نِئڙت جي مورت هُئي نوري. جهڙي هُئس صورت تهڙي هُئس سيرت. سدائين ڇوندي رهندي هُئي، 'مان ته آهيان بيشمار عيبن واري معمولي مُهاڻي. مان ته ڪنهن ساراه جي لائق آهيان ئي ڪين. هيءَ ته توهانجي مهر آهي جو مون

٣) سَرڪارِ ڪيتيءَ جي واڌاري لاءِ ڪروڙن جي تعدادَ ۾ رُپيا خَرچ ڪَري پيئي.

سُوالُ ٩ مِثالُ موجِب جُملا ڦيري لکو :

مِثالُ : سَندَسِ ڪَپڙا ڦاڙي ويا هُئا.

سَندَسِ ڪپڙا ڦاٽلَ هُئا.

١) سَڀُ مَٽَ ڀڳي پاڻيءَ سان ڀَريا ويا هُئا.

٢) اِهو سَبَقُ پڙهيو ويو هو.

٣) اِها ڳالهه سَڀني کي ٻُڌائي ويئي هُئي.

٤) اِهي سِٽُون بورڊَ تي لکيُون ويئُون هيُون.

سُوالُ ١٠ ڏِنلَ لَفظَن جا جوڙا ڀَري جُملا پورا ڪَريو :

(جي - سي، جو - سو، جا - سا، جَنهِن - تَنهِن، جِن - تِن)

١) ــــــ شَخصَ کي پيَسي جي گهُرجَ هُوندي هُئي، ــــــ کي سَنتُ ڪَنورُ مُٺ ڀري پيَسا ڏِيندو هو.

٢) ــــــ ماڻهُن سَندَس راڳُ ٻُڌو، ــــــ کيس خُوبُ ساراهيو.

٣) ــــــ عَورَتَ ڌِيءَ جي شاديءَ لاءِ پيَسا گهُرڻَ آئي هُئي، ــــــ غَريبُ هُئي.

٤) ــــــ شاهُوڪارُ پيٽا کڻي آيو هو، ــــــ ڏاڍو نِراس ٿيو.

٥) ــــــ ماڻهُو نِرموهي هُوندا آهِن، ــــــ پَنهِنجي فائِدي بابَتِ نَہ سوچِيندا آهِن.

❋ ❋ ❋ ❋ ❋

اَڄُ سانجهيءَ جو تَوهين سَنبرجي ويهڄو. تَوهان مان جَنهِنکي پَسَند ڪَندُسِ تَنهِن کي سيَرُ ڪَرائِڻَ وَٺي ويندُسِ. سانجهيءَ جو جامَ اَچي ڏٺو بيوَن سَڀُ سَميوَن تَہ ڏاڍا هارَ سِينگارَ ڪري وينيوَن هُيوَن پَرَ نُوري بِنا ڪَنهِن هارَ سِينگارَ جي پَنهِنجي سادي اَباڻي وَڳي ۾ ويٺي هُئي. جامَ پُڇيُسِ، ُڇو نوري، بيُنِ حاڪِمياڻيُن وانگُرُ تو هارُ سِينگارُ ڇو نَہ ڪيو آهي ؟'

ُحاڪِمَ جي مُحَبَتَ ئي مُنهِنجو سِينگارُ آهي. مُونکي بيو ڪُجهہ بہ نَہ کپي.' نوريءَ وَراڻيو.

جامُ وَٽِسِ اَچي هَتَ کان وَٺي سيَرُ ڪَرائِڻَ ويو. اُنَ ڏينهَن کان وَٺي هُنَ نوريءَ کي پَنهِنجي پَٽراڻي بَڻائي ڇڏيو.

اَهڙيءَ ريتِ نوريءَ جي نِماڻائيءَ کيسِ معمُولي مُهاڻيءَ مان پَٽراڻيءَ جو اعليٰ دَرجي تي پَهُچايو.

چُونڊ نوان لَفظَ ۽ اِصطلاحَ :

لَفظَ : نِماڻو = نمرَتا وارو، نِهَٺو؛ حاڪِمُ = راجا؛
حاڪِمياڻي = راڻي؛ شيَلُ = سيَرُ؛ ڏِنڍَ = سَرووَرُ، وَڏو تَلاءُ؛
مُهاڻو = مَڇِيُن پَڪِڙَڻَ جو ڌَنڌو ڪَندڙُ؛ مِسڪينُ = غَريبُ؛
ٻاٽَ = رَستو، راهَ؛ ڪوجهو = بَدصوُرَت؛ نينگَرِ = ڪَنيا،
ڇوڪِري؛ ڍَلَ = ٽئڪسِ، مَحِصوُلُ؛ نيازُ = نَمرَتا، نِهَٺائي؛
نِئَڙَتَ = نَمرَتا، نِهَٺائي؛ بيشُمارُ = اَڻَ ڳِڻِ، تَمامُ گهَڻا؛
عيَبُ = دوشُ، خامي؛ مَهِرَ = ڪرپا، ڏيا؛ طَنزَ = طعنو؛
نوُعُ = ڍَنگُ، طَريقو؛ وَراڻِيُ = جَوابُ ڏِيَڻُ؛ مَتان = اِئين
نَہ ٿِئي؛ پَشيمانُ = شَرمِندو، لَڄي؛ نياپو = سَنديشُ، پيغامُ؛
اَباڻو = ماءُ پيءُ جي گهَرَ جو؛ وَڳو = ڪپڙَنِ جو جوڙو؛
خَسيِسُ = معمُولي، ساڌارَڻ؛ اعليٰ = بِهتَرِينُ، سَهِنِي کان
سٺو.

مِسڪينَ کي ايڏو مانُ ڏِنو اَٿوَ!' نوريءَ جي اِنَ نِرٽِتَ تي تہ موهيو هو ڄامَ کي!

نُوريءَ جو مانُ وَڌندو ڏِسي ٻيوُن سَميوُن سَڙَڻَ لڳيوُن ۽ کيسِ ڄامَ جي نَظَرُنِ مان ڪيرائِڻَ لاءِ پَهَ پَچائِڻَ لڳيوُن.

نُوريءَ جو پاءُ سائُسِ گَڏِجَڻَ اَڪثَرِ مَحَلَ ۾ ايندو هو. سَميُنِ وَٽِي راڄا جا ڪَنَ ڀَريا تہ هِتِ نُوريءَ کي جيڪي هيرا جَواهَرَ هَٿِ اَچَنِ ٿا سي وَٽِي ٿِي پاءُ هَٿِ پيڪي موڪِليندي.

هِڪِڙِي دَفعي نُوريءَ جو پاءُ مَحَلَ مان نِڪتو پِئي تہ سامهوُن ڄامَ تماچيءَ کي ڏِسي هَٿَ ۾ جهَليَلَ هَڙَ لِڪائِڻَ جي ڪوشِشَ ڪَرَڻَ لڳو. تَڏَهِن سَميُنِ جو شَڪُ وَڌي ويو. هِڪَ سَميءَ پُڇيُسِ، 'مُهاڻا، ڇا پيو لِڪائين؟ ڪَنهِن ڏِني اَٿيئِي اِها هَڙَ؟ پيڻَ ڪا سوُکِڙِي تہ ڪانہ ڏِني اَٿيئِي پيڪَنِ لاءِ؟'

'هيڏانهَن ڪَرِ، حاڪِمُ بہ تہ ڏِسي اِها سوُکِڙِي.' ٻيءَ سَميءَ طَنزِي نوُع ۾ چَيو.

هُنَ هَٻڪَندي اُها هَڙَ ڄامَ جي حَوالي ڪَئِي. ڄامَ هَڙَ کولي ڏِٺي تہ سَڀُ وائِڙا ٿِي ويا. هَڙَ ۾ هِڪَ رِڪيبي ٻَڌَلَ هُئي، جَنهِن ۾ ڏوڏي جا سُڪا ٽُڪَرَ ۽ مَڇيءَ جا ڪَنڊا پيا هُئا. ڄامَ عَجَبَ وِچان نُوريءَ کان پُڇيو، 'هيءُ ڇا نُوري! توُن تہ حاڪِمياڻِي آهين، تَنهِن هوُندي بہ هيءُ سُڪو ڏوڏو ۽ مَڇِي ٿِي کائين؟'

نُوريءَ نِماڻائِيءَ سان وَراڻيو، 'سائِين مان تہ سَدائِين پاڻَ کي پَنهِنجو اَصُلُ يادِ ڏِيارِيندِي آهيان. مَتان هِتان جا طعامَ ڏِسي موُن مُهاڻِيءَ جو مَنُ ڦِرِي وَڃي، گهَمَنڊُ اَچِي وَڃي!'

سَميوُن پَنهِنجي ڪَئي تي پَشيمانُ ٿيوُن ۽ پاڻَ ۾ پيڻرُنِ جيان رَهَڻَ لڳيوُن.

هِڪَ دَفعي ڄامَ سَپِني راڻِيُنِ ڏانهَن نياپو موڪِليو تہ

سوالُ ۴ ڏِنلَ اِشارَنِ جي آڌارَ تي آکاڻي لِکو :

سُهڻي ميهارُ

پنجابَ جي گُجرات شَهرَ جي مشهورُ ڪُنڀرَ جي ڌيءَ سُهڻي - ٻُخارا جي شاهوڪارُ واپاريءَ مِرزا عليءَ جو پُٽُ عِزت بيگُ - نوجوانُ عِزت بيگَ جو واپارَ سانگي هِندُستانَ ۾ اَچَڻُ - تُلي ڪُنڀرَ جي ٿانوَن جي هٽَ - نوڪَرَ کي ٿانوَ خَريدَ ڪرَڻَ لاءِ موڪِلَڻُ - نوڪَرَ جي نَظرَ سُهڻيءَ تي - اَچي مالِڪَ کي ٻُڌائِڻُ - عِزت بيگَ جو پاڻَ وَڃَڻُ - سُهڻيءَ کي ڏِسَندي ئي موهِتُ - واپارَ ۾ گهاٽو - اوڌرِ تي تُلي کان ٿانوَ وَٺَڻُ - قرضُ نہ چُڪائي سگهَڻُ - تُلي وَٽِ مينهُن چارَڻَ جي نوڪِري - وَجهہ وَٺي عِزت بيگَ ميهارَ جو اَڪيلي ۾ سُهڻيءَ سان مُحبَتَ جو اِظهارُ - سُهڻي پڻ هُنَ تي موهِتُ - تُلي ڪُواران سُهڻيءَ جي شادي ڏَمَ سان ڪَرائِڻُ - ميهارَ جو جوڳي بَڻجي چِنابَ جي ٻِئي پَرِ رَهَڻُ - سَندَسِ هٽَ - سُهڻيءَ جو وَٽِسِ وَڃَڻُ ۽ سُڃاڻَڻُ - روزُ راتِ جو پَڪي گهڙي جي سَهاري دَرياهُ پارِ ڪَري ميهارَ سان مِلَڻُ - سَندَسِ نِڻانَ کي خَبَرَ پَوَڻُ - پَڪي گهڙي بَدِران ڪَچو گهڙو رَکَڻُ - سُهڻيءَ جو گهڙو کَڻي دَرياهَ ۾ گهڙَڻُ - گهڙو ڀُرَڻُ - وَڪِڙي ۾ غوطا کائِڻُ ؛ ميهارَ کي پُڪارَڻُ - پُڪارَ ٻُڌي ميهارَ جو وچ سيرَ ۾ اَچي سُهڻيءَ کي ڀاڪُرَ ۾ ڀَرَڻُ - ٻِنهي جو دَرياهَ ۾ سَمائِجي وَڃَڻُ.

سُوالُ ۵ ضِدَ لِکو : مِسڪينُ، ڪوجهو، بانسَ، معمُولي.

سُوالُ ٦ جُملن ۾ استعمال ڪريو :

نَظرُنِ مان ڪيرائِڻُ، ٻہ ٻَچائِڻُ، ڪَنَ ٻَرَڻُ، وائڙو ٿيَڻُ.

سُوالُ ۷ ڏِنلَ مِثالَنِ جي آڌارَ تي لَفظَ جوڙيو :

مِثالُ : حاڪِمُ - حاڪِميائي

ڊاڪٽرُ، ماسترُ، نوڪِرُ، ڌوٻي.

مِثالُ : نِمالو - نِمالائي

اصطلاح : نظرن مان ڪيرائڻ = بي عزت ڪرڻ ، پهَ پچائڻ = رِٿ
رِٿڻ، يوجنا ٺاهڻ ، ڪن پرڻ = پڙڪائڻ، چُغلي هڻڻ ،
واٽڙو ٿيڻ = عجب ۾ پوڻ.

اَڀياس

سوالُ ۱ سوالن جا جواب لکو :

۱) جامَ تماچيءَ کي ڇا جو شوقُ هو؟
۲) هو سيرَ ڪرڻ ڪيڏانهن ويو ۽ اُتي هُن ڪنهن کي ڏٺو؟
۳) مُهاڻا ڇو خوش ٿيا؟ جامَ تماچيءَ خوش ٿي کين ڇا ڏنو؟
۴) سميُن نوريءَ جي پاڻ بابت ڪهڙي شڪايت ڪئي؟ ڇا سندن ڳالهه سچ هُئي؟
۵) سميُون پنهنجي ڪئي تي پشيمانُ ڇو ٿيون؟ سندن سُڀاءَ ۾ ڪهڙو ڦيرو آيو؟
۶) جامَ راڻين ڏانهن ڪهڙو پيغامُ موڪليو؟ پيغامُ ٻُڌي سڀني راڻين ڇا ڪيو؟
۷) نوري پٽراڻيءَ جي پَدَ تي ڪيئن پهتي؟

سوالُ ۲ حوالا ڏيئي سمجهايو :

۱) اِها ته توهان جي مهرَ آهي جو مون مسڪين کي ايڏو مانُ ڏنو اٿوَ.
۲) مان ته سدائين پاڻ کي پنهنجو اَصلُ يادِ ڏياريندي آهيان.

سوالُ ۳ ٿوري ۾ لکو :

۱) مُهاڻن جي جيوَتِ
۲) نُوريءَ جو نياز.

نہ ڪري سگهندو.
٣) جيڪي دلِ لڳائي ڪَمُ ڪَنِ ٿا سي زِندَگِيءَ ۾ ضرُورُ ڪامياب ٿِيَنِ ٿا.

پَلو، ٻُرو، سُنو، چِڱو، ڳهرو.

مِثالُ : شُمارُ - بيشُمارُ

مَطلَبُ، قَرارُ، حَدَ، كارِ، صَبرُ.

سُوالُ ٨ ضَميري پَڇاڙيُن هَٽائي ضَميري لَفظ اِستعمالُ ڪَري جُملا وَري لِکو :

١) مُون مسڪين کي ايڏو مانُ ڏنو اٿوَ.
٢) ڪَنهِن ڏِني اٿيئي اِها هَڙَ؟
٣) هِڪ سَميءَ پُڇيُس.

سُوالُ ٩ مِثالَ مُوجِب ڏِنِلَ جُملَنِ مان مُرڪَب جُملا جوڙيو :

مِثالُ : مان هُنَ کي پَسند ڪندُس. مان اُنهيءَ کي سيَرُ ڪرائڻ وَٺِي ويندُس.

مان جَنهِن کي پَسند ڪندُس، تَنهِن کي سيَرُ ڪرائِڻ وَٺِي ويندُس.

١) هُنَ لوڪ ڪٿا ٻُڌي. اُنَ خُوبُ ساراهيو.
٢) هُنَنِ وَٽِ لوڪ ساهِتُ آهي. اُنهَنِ وَٽِ اعليٰ تَهذيبَ پڻ آهي.
٣) هُنَنِ نُوريءَ کي بَدنامُ ڪَرَڻُ چاهيو، اُنهَنِ هُنَ کان معافي وَرتي.

شُوالُ ١٠ مِثالَ موجِب جُملَنِ مان مُفرَدُ جُملا جوڙيو :

مِثالُ : نُوريءَ کي جيڪي هيرا جَواهَرَ هَٿِ اَچِنِ ٿا سي وَڃي ٿي پاڻُ هَٿِ پيڪي موڪِلِيندي.

نُوريءَ کي هوُ هيرا جَواهَرَ هَٿِ اَچِنِ ٿا اُهي هوءَ وَڃي ٿي پاڻُ هَٿِ پيڪي موڪِلِيندي.

١) جيڪا ڳالهه هُنَ مُونکي ٻُڌائي سان مُون توهان کي لِکي.
٢) جيڪو ماڻهوُ رُڳو ٻِيَنِ جي چَوَڻَ تي هَلندو سو پاڻَ ڪُجهه

۽ اُنَ اَڱيان لَڇميءَ جي مورتيءِ رَکي هَٿاليُون سَجائِينديُون، پُوڄا جي سَموريءِ سامَگريءِ سَجائيءِ رَکَنديُون. اَنيڪَ قِسمَنِ جا طعامَ ۽ مِٺايون تيارُ ڪنديُون. بازارِ مان پڻ مِٺايُون ۽ ڦٽاڪا گهُرائِبا. ننڍا وَڏا، زالُون مَردَ نوان ڪپڙا پائِيندا. زالُون خُوبُ هارَ سِينگارَ ڪنديُون. ٻارَ تہ خُوشيءَ وِچان ڪپڙَنِ ۾ ئِي نہ ماپَندا. سانجهيءَ وَقتِ گهرَ جي اَڱڻَ ۾ ۽ لَڇمي پوُڄا جي آستانَ تي ڏِيئا ٻاري رَکِبا. ٽِڪاڻَنِ، مَندَرَنِ ۽ اوڙي پاڙي ۾ مِٺايُون موڪِليبيُون. جَڏَهِن مَردَ گهرِ موٽَندا، تَڏَهِن گهرَ جا سَڀُ ڀاتيِ لَڇمي پوڄا ڪَندا. بعدِ ميلوُٽِڙا ٻاري ٻاهِرِ گهُمَندا ۽ چَوَندا ۽ ’ڏِياريءَ جو ڏيئو ڏِئو ڏِئو، ننڍو وَڏو چيڙُ مِلو مِلو.‘ ۽ ’ڏِياري ڏِياريِ ميلوُٽِڙو‘. خُوبُ ڦَٽاڪا ٻارِيندا، مِٺايُون ۽ طعامَ کائِيندا.

ڏياريءَ جي ٻئي ڏِينهَن کي ٻَڙُهہ چَئِبو آهي. اِنَ ڏِينهُن مِٽَ مائِٽَ، دوستَ عَزيزَ هِڪَ ٻئي کي مانيءَ جو نوتو ڏِيندا آهِنِ. هِڪَ ٻئي جي گهَرِ مِٺايُون کَڻِي ويندا آهِنِ. هَرِڪو هِڪَ ٻئي کي نَئين سالَ جُون واڌايُون ڏِيندو آهي. هِنَ ڏِينهُن پڻ مِٺايُون ۽ طعامَ کائِيندا آهن ۽ پُوڄا پاٺَ ڪَندا آهِنِ.

ڏِياريءَ جي ٽئين ڏِينهَن کي چَنڊُ چَئِبو آهي. هِنَ ڏِينهَن ماڻهوُ مَندَرَنِ ۽ ٽِڪاڻَنِ ۾ وَڃي مَٿو ٽيڪي اِيندا آهِنِ. زالوُن دَرياہ شاہَ تي وَڃي اَکو پائِينديُون آهِنِ. گهَرَ جا ننڍا ڀاتيِ وَڏَنِ کي پيري پيئي آسِيسَ گهُرَندا آهِنِ.

اِنَ ريتِ سِنڌي ڏِياريءَ جا ٽيئي ڏِينهَن پوُڄا پاٺَ ڪَندا آهِنِ، مِٺايُون کائِيندا ۽ کارائِيندا آهِنِ، ڏيئَنِ ۽ بَتيُنِ سان روشِني ڪَندا آهِنِ ۽ خُوبُ ڦَٽاڪا ٻارِيندا آهِنِ.

چُونڊ نوان لَفظ ۽ اِصطِلاحَ :

لَفظَ : ڏڻ وارُ = وَڏو ڏِينهُن، پَربُ؛ پَنگَتيِ = سَماجيِ؛

٢. ڏياري

اَسانجي مُلڪَ ۾ دَسهرو، ڏِياري ۽ هولي وَغيرَهَ ڏڻَ قومي سَطَح تي مَلهايا وَڃن ٿا. اِهي ڏڻَ مَلهائڻَ جي طريقي ۾ ڪافي هِڪجهڙائي هُوندي بہ ڪيترَ ۽ پَنگَتي رَواجَن ۾ ٿورو گهڻو تفاوتَ رَهي ٿو.

گهڻي ڀاڱي سِنڌي واپاري آهِن اِنَ ڪري ڏِياريءَ جي موقعي تي لَڇمي پوڄا جي وَڏيڪ اَهميَتَ آهي.

ڏِياريءَ کان ڪُجهہ ڏينهَن اَڳہ ئي تياريوُن شُروع ٿي وينديوُن آهن. مَڪانَن ۽ دُڪانَن جي صافُ صَفائي ڪري، رَنگَ روغَنَ لڳائي نئون ڪيو ويندو آهي.

ڏِياريءَ جو ڏڻُ ٽي ڏينهَن هَلَندو آهي. پهريون ڏينهَن ڏِياري يا لَڇمي پوڄا، ٻيو ڏينهَن ٻَڙهہ ۽ ٽيون ڏينهَن چَنڊ.

لَڇمي پوڄا دُڪانَ تي ۽ گهرِ ٻنهي هَنڌَ ڪئي ويندي آهي.

دُڪاندارُ دُڪانَ کي گُلَن جي هارَن ۽ بِجليءَ جي روشنائيءَ سان سِينگارِيندو آهي. دُڪانَ ۾ هِڪَ آسڻَ تي لَڇميءَ جي مُورتيءَ اَڳِيان پوڄا جي سامگريءَ جي ٿالهي ٺاهي رَکَندو آهي. ٿالهيءَ ۾ ڏيئو، مودَڪُ، سوپاري، چانوَرَ، چَندَن چوُرو، ڪٽوريءَ ۾ کيرُ ۽ سِندُرُ رَکَندو آهي. اُنَ اَڳِيان چوَپڙيوُن رَکَندو آهي. مُقرَرُ وَقتَ تي مَهراجُ اَچي پوڄا ڪَندو آهي يا وَري دُڪاندارُ پاڻَ ئي پوڄا ڪَندو آهي. پوڄا بعدِ پَرسادُ ۽ مِٺايوُن وِرهائيبيوُن آهِن. نوڪَرَن کي مِٺايوُن، خَرچي ۽ نَوان ڪپڙا ڏِنا ويندا آهِن. موٽَ ۾ سَڀُ دُڪاندارَ کي ڏِياريءَ جوُن واڌايوُن ڏيندا آهِن.

هوڏانهَن وَري زالوُن گهرَ ۾ لَڇمي پوڄا جي تياري ڪَنديوُن. گهرَ ۾ هِڪَ صافُ سُٿري آسڻَ تي پِٽ تي چِٽَ چِٽينديوُن

۽ ٻچڙن جي وڏي اَورچا ۽ خوشحاليءَ لاءِ آسيس مڱنديون آهن. ان کي چئبو آهي اکو پائڻ.

اَڀياس

سوال ١ سوالن جا جواب لکو:

١) ڏياريءَ کان اڳ ڪهڙيون تياريون ڪيون وينديون آهن؟

٢) دڪان تي سنڌي لڇمي پوڄا ڪهڙيءَ ريت ڪندا آهن؟

٣) سنڌي گهر ۾ لڇمي پوڄا ڪيئن ڪندا آهن؟

سوال ٢ ٿوري ۾ لکو:

١) ڏيالي، ميلوڙو، ٻڙهه، ڇنڊ.

سوال ٣ توهان جي ڪيٽر ۾ ڏياري ڪيترا ڏينهن ۽ ڪهڙيءَ ريت ملهائيندا آهن، اُن جو ٿوري ۾ بيان ڪريو.

سوال ٤ ضد لکو: نئون، اڳيان، سانجهي، خوشي.

سوال ٥ جملن ۾ استعمال ڪريو:

ڪپڙن ۾ نه ماپڻ، واڌايون ڏيڻ، مٺو ٿيڪڻ.

سوال ٦ معنيٰ سمجهايو:

ڏياري ڏياري ميلوڙو

ڏياريءَ جو ڏيئو ڏڌ ڏلو، ننڍو وڏو ڇهڙ ملو ملو.

سوال ٧ ڏنل مثالن جي آڌار تي لفظ جوڙيو:

مثال: دڪانُ - دڪاندارُ

روز، پهرو، رشتو، واسطو، قرض.

تَفاوَتُ = فَرقُ؛ مُغرَرُ = ڪَيلُ؛ مَهراجُ = ٻانِيُ،
براهمڻ؛ طعامُ = سيرو پُوريُون وَغيرَهَ کاڌي جوُن سُليوُن
شيوُن، لذيذُ کاڌو؛ چيڙُ = ننڍڙيءَ وَنگيءَ جهڙو ميوو؛
مِٽُ مائِٽُ = رِشتيدارُ؛ دَرياه شاهُ = وڏي ندي، سَمنڊ.
اِصطِلاح : ڪَپڙَنِ ۾ نہ ماپڻُ = ڏاڍو خُوش ٿيڻُ.
هَٽالِي = هَٽالِي دُڪانَ جو پرتيڪُ آهي. گهڻي ڀاڱي سِنڌي
واپاري آهِن اِنَ ڪري سَندَن اِها مُرادَ هوُندو آهي
تہ گهَرَ ۾ جيترا مَردَ هُجَنِ اوترا دُڪانَ ٻہ هُجَنِ.
اِنَ ڪري گهَرَ ۾ جيترا مَردَ ۽ ڇوڪرا هُوندا آهِن
اوترِيوُن هَٽاليوُن سينگاري لڇميءَ اَڳيان رَکي پُوڄا ڪندا
آهِن جيئَن هُنَن تي لڇميءَ جي مِهرَ رَهي ۽ سَندَن
واپارَ ۾ واڌارو ٿِئي.
ميلُوئِڙو = ڪاني جي ٽُڪَرَ تي اَڳِڙي ٻَڌي تيلَ ۾ ٻوڙي مَشعالَ
جيان ٻاري گهَر کان ٻاهِر گهُمِبو آهي ۽ چَئِبو آهي
'ڏِياري ڏِياري ميلُوئِڙو. جَنهِن جي مُراد آهي تہ
ڏِياريءَ جي شُڀَ موقعي تي سَڀَ وِيڇا وِساري ميلَ
ميلاپَ سان خُوشيون مَلهايو.
ڏِياريءَ جو ڏِيئو ڏِنو ڏِنو، ننڍو وَڏو چيڙُ مِنو مِنو :
چيڙُ هِڪَ قِسمَ جي ننڍيءَ ڪَکڙيءَ جهڙو ڦَلُ هُوندو آهي جو
ڏِياريءَ کان اَڳَ ڪَچو هُئڻ سَبب سوادَ ۾ ڪَوڙو هُوندو آهي
پر ڏِياريءَ وَقت اُنَ جي ڪَوڙاڻ خَتمَ ٿي ويندي آهي. اُهو
پَڪي مِٺو ٿِي ويندو آهي. اُنَ کي پرتيڪَ مڃي چَئِبو آهي
تہ ڀاڻَ ۾ ڪيترا ويرَ ڀاوَ هُجَنِ، سَڀُ خَتمَ ڪَري ڏِياريءَ
جو ڏڻُ گَڏِجي سِڪَ پريمَ سان مَلهائجي.
اَکو ڀائڻُ : زالوُن 'اَکيتِ' يعنِي سَڄا چانورَ ۽ کَنڊُ جا داڻا
دَرياه ۾ وِجهي وَرڻُ ديوتا جي اُستتي ڪنديوُن آهِن

٥) ڪَنَ جو عِلاجُ وَقتُ/وَقتَ/وَقتِ تي ٿِيَڻَ سَبَبِ هو بَچِي ويو.
٦) زِندَگِيءَ ۾ ڪاميابُ ٿِيَڻو آهِيَ تَہ وَقتُ/وَقتَ/وَقتِ آجايو نَہ وڃايو.

* * * * *

مِثالُ : واپارُ - واپاري
پَسارُ، شِڪارُ، گيانُ، اَپياسُ.
مِثالُ : ڪوڙو - ڪوڙائي
ڏُڏو، ڪوسو، آلو، ٻاڙهو، ڳورو.

سُوالُ ٨ مِثالُ موجب جُملا ڦيري لِکو :
مِثالُ : مِنايوُن ورهائبيوُن آهِن.
مِنايوُن ورهايوُن ويندِيوُن آهِن.
١) نوڪرَن کي نوان ڪپڙا ڏِنا آهِن.
٢) بازار مان ڦلاڪا گهرائِبا آهِن.
٣) هَرَ گهرَ ۾ لڇمِيءَ جي پُوڄا ڪبي آهي.
٤) مِٽَن مائِٽَن ڏانهَن مِنايوُن موڪِلبيوُن آهِن.
٥) عَزيزَنِ جي گهر وَڃبو آهي.

سُوالُ ٩ مِثالُ مُوجِب مُرڪبُ جُملا جوڙيو :
مِثالُ : مَردَ گهرِ موٽَندا. گهرَ جا سَڀُ ياتي لڇمي پوُڄا ڪَندا.
جڏهِن مَردَ گهرِ موٽَندا تڏهِن گهرِ جا سَڀُ ياتي لڇمِي پوڄا ڪندا.
١) هوُ توهان وَٽِ اَچَن. توهين اَسان کي ٻُڌائِجو.
٢) هُنَ کي هي خَطُ مِلَندو. هُوءَ ڏاڍو خُوش ٿيندي.
٣) توهين چوَندا. هوُ توهان سان گَڏجَڻَ ايندا.

سُوالُ ١٠ صَحِيح لَفظَ چوُنڊي جُملا وَري لِکو :
١) سَندَس دُڪانُ گهرُ/گهرَ/گهرِ کان پَنجَ ڪِلوميٽرَ پَري آهي.
٢) اَسان جي گهرُ/گهرَ/گهرِ ڪَڏهِن ايندا ؟
٣) سَندَس گهرُ/گهرَ/گهرِ سِنڌوُ نَگرَ ۾ آهي.
٤) هِنَ وَقتُ/وَقتَ/وَقتِ هوُ ممبئي پَهُتو هوندو.

پاسي ۾ رَکيوُن ۽ پَنهِنجو راڳُ جاري رَکيو. ڪُجهه وَقت بعدِ حَلوو ٻُڌَندَڙن ۾ اُتي ئي ورهائي ڇَڏيائين. سَندس پاڙي ۾ هڪَ غَريبُ مائي رَهَندي هُئي، جَنهِن جي ڌيءُ جي شادي ٺِيڪِي هُئي سو سَوَ رُپيا اُنَ مائيءَ ڏانهَن ڊِياري موڪِليائين. ايتِري ۾ هِڪِڙَ مَستاني عوَرَت پِگهت صاحِبَ وٽِ اَچِي پَهُتي. سَندَس ڪپڙا ميرا ۽ ڦاٽَلَ هُئا. هُنَ چيِّس، 'پِگهت صاحِبَ، سُڀاڻي عيدَ آهي. مُنهِنجا ڪپڙا ڦاٽي ويا آهِنِ. مُون کي هِڪُ نئون وَڳو وٺي ڏِيو نَہ.'

پِگهت صاحِبَ اُهو وَڳو ڪَڍِي اُن مَستانيءَ کي ڏيئي ڇڏيو. هوءَ خُوش ٿِي کيس دُعائُون ڪندي هَلِي ويئي.

اِهو سَڀُ ڏِسي شاهوُڪارَ جو مُنهُن ئي لَهي ويو. سَندَس مُنهُن لَٿلُ ڏِسي پِگهت صاحِبَ چَيُس، 'جيڪا تُوهان ڀيٽا ڏِني، اَسان وَرتِي. وَري اَسان اُها سائينءَ جي نالي ڏيئي ڇڏِي. اِنَ ۾ نِراسُ ٿِيڻَ جِي ڪهڙي ڳالهہ آهي؟'

اَهڙو نِرموهي ۽ دَيالو هو سَنتُ ڪنوَرُ!

٢ نومبر ١٩٣٩ع تي رُڪَ اِسٽيشَنَ تي ڪنِ خبيثَنِ کيسِ پَنهِنجي گوليءَ جو شِڪارُ بَڻائي شَهادَتَ جو جامو پَهِرائي ڇَڏيو. پَرَ اَڄُ بہ هِندُ توڙي سِنڌُ ۾ جِتي ڪِٿي کيسِ ساراهجي پيو، سَندَس نالو ڳائجي پيو.

چوُنڊ نوان لَفظَ ۽ اِصطِلاحَ :

لَفظَ : سَمورو = سارو، سَڄو؛ حَياتي = زِندَگي، جيوَن؛

نِرموهي = جَنهِن کي ڪَنهِن قِسمَ جو موهُہ يا لوڀُ نَہ هُجي.

مومِنُ = مُسلِمانُ؛ واقعو = ڳهَٽنا؛ عَرضُ = وينِتي، پرارٿنا؛

مائي = عوَرَتَ، اِستري؛ مَستانو = پاڳَلُ؛ دُعا = آسِيسَ؛

٣. نِرموهي ڪَنوَرُ

سِنڌُ جي پوتر ڀوميءَ تي جِن سَنتن ۽ مَهاپُرُشَن جَنمُ وَرتو آهي تِن مان سَنتَ ڪَنوَرامَ جو نالو پڻ مَشهُورُ آهي. هِنَ سَنتَ پَنهِنجي سَمورِي حَياتيءَ ڀڳتيءَ، دِينَ دُکيَن جي سيوا ۽ هِندو مومِن ڀائيچاري ۾ لڳائي.

سَندَسِ جَنمُ ١٣ اَپريل ١٨٨٥ع تي سِنڌُ جي سَکَرَ ضلعي جي جَروارَنِ جي ڳوٺَ ۾ ٿيو هو. سَندَسِ پِتا جو نالو ڀائي تاراچَندُ ۽ ماتا جو نالو تيرٿ ٻائي هو.

ڪَنوَرُ نَنڍپڻ کان ئي سَنتَ سڀاوَ وارو نِماڻو ۽ نِرموهي هو.

سِنڌُ جي ڳوٺَ ڳوٺَ ۾ وَڃي جڏهِن هوُ ڀڳتِ ڪندو هو تہ هَزارين هِندوُ مومِن، غريبَ اَميرَ، اچي ڪٺا ٿيندا هُئا. جڏهِن هوُ چيِر جامو پائي ڪَنَ تي هَٿُ رکي راڳُ ڳائيندو هو تہ راڳَ تي سَڀُ موهِتِ ٿي پَنهِنجي سُڌِ ٻُڌِ وساري جهُومَڻَ لڳندا هُئا ۽ سَندَسِ جهولي رُپيَنِ سان ڀَري ڇڏيندا هُئا. هوُ اُنَ جهوليءَ مان پائي بہ پاڻَ نہ کڻندو هو. سَڀُ ڪُجهہ اُتي ئي غريبَنِ ۽ گهرجائُنِ ۾ ورهائي ڇڏيندو هو. پَنهِنجي ڪُٽنبَ جي گُذرانَ لاءِ نَنڍڙو دُڪانُ هَلائيندو هو.

سَندَسِ نِرموهي سڀاوَ جا اِنيڪ قِصا مَشهُورُ آهِنِ جِنِ مان هِڪُ واقعو هِنَ ريتِ آهي.

هِڪُ دَفعي جي ڳالهہ آهي، هِڪُ شاهوُڪارُ وَڏيءَ سِڪَ ۽ شرڌا سان ڀڳتِ ۾ اَچي حَلوي جوُن ٻہ پيتيوُن، سو رُپيا روڪَ ۽ هِڪُ ريشمي وَڳو سَنتَ ڪَنوَرَ اڳيان رَکيو ۽ هَٿَ جوڙي عَرضُ ڪيو، 'هي وَڳو توهان جي گهرواريءَ لاءِ آهي.'

ڀڳتَ صاحِبَ اِهي شيوُن شانتِ سڀاوَ سان سويڪارُ ڪَري

سُوالُ ٣ تُوهان جي ڪيترَ جي ڪَنهِن مَشهُورُ سَنتَ پُرُش جي جاڻ ڏوري ۾ لِکو.

سُوالُ ٤ ضِدَ لِکو : ڳوٺُ، جَنمُ، شاهوڪارُ

سُوالُ ٥ جُملَنِ ۾ استعمالُ ڪريو :
مُنهَن لَهي وَڃَڻُ، شَهادَتَ جو جامو پَهرَڻُ، نالو ڳائِجَڻُ.

سُوالُ ٦ مِثالَنِ جي آڌارَ تي لَفظَ جوڙيو :
مِثالُ : گهُرجَڻُ - گهُرجائُو
ڪَمائِڻُ، ڪَمائِڻُ، خَرچَڻُ، اُڏائِڻُ.
مِثالُ : موهِي - نرموهي
گُڻُ، دوشُ، ٻَلُ، ڏَنَ، وِڪارُ.

سُوالُ ٧ مِثالَ مُوجِبَ جُملا ڦيري لِکو :
مِثالُ : هُنَ جي شادي ٿي.
هُنَ جي شادي ٿِيَڻي آهي.
١) سَندَس دوستَ آسان جي گهر آيا.
٢) ٻَئي ساهيڙيُون پمپريءَ ويُون.
٣) سَندَس گهران خَطُ آيو.
٤) هُوءَ سَپني سان مِلي.

سُوالُ ٨ مِثالَ مُوجِبَ جُملا ڦيري لِکو :
مِثالُ : هُتي هَزارَنِ جي تعدادَ ۾ ماڻهُو ڪَنا ٿِيندا هُئا.
هُتي هَزارين ماڻهو ڪَنا ٿِيندا هُئا.
١) تَماشو ڏِسَڻَ سَڙڪَ تي سَوَنِ جي تعدادَ ۾ ماڻهو بيٺا هُئا.
٢) وَرهاڱي بعد لَکَن جي تعداد ۾ سِنڌي سِنڌُ ڇڏي آيا.

خَبيثُ = بيدَردُ، نِردئي ؛ شَهادَتَ = بَليدانُ.

اِصطِلاحَ : مُنهَن لَهِي وَڃَڻُ = نِراسُ ٿِيَڻُ؛ شَهادَتَ جو جامو پَهرَڻُ = شَهيدُ ٿِيَڻُ؛ نالو ڳائِجَڻُ = ساراهُ ٿِيَڻُ.

اَڀياسُ

سُوالُ ١ سُوالَن جا جَوابَ لِکو :

١) سَنت ڪَنوَرَ جي راڳَ جو ماڻهُن تي ڪَهڙو اَثَرُ پَوَندو هو؟

٢) سَنت ڪَنوَرَ پَنهِنجي جهوليءَ ۾ پيَلَ پيَسَن جو ڇا ڪَندو هو؟ ۽ هوُ پَنهِنجي گهَرَ جي گُذران لاءِ ڇا ڪَندو هو؟

٣) شاهوڪارَ سَنت ڪَنوَرَ اَڳِيان ڇا ڇا آڻي رَکيو ۽ سَندَس ڪَهڙي اِڇا هُئي؟

٤) سَنت ڪَنوَرَ سوَ رُپيَن جو ڇا ڪيو؟

٥) سَنت ڪَنوَرَ ريشمي وَڳو ڪَنهِن کي ڏنو ۽ ڇو؟

٦) نِراسُ شاهوُڪارَ کي سَنت ڪَنوَرَ ڇا چيو؟

٧) سَنت ڪَنوَرَ کي نِرموهي ڇو ٿو ڪوٺيو وَڃي؟

٨) سَنت ڪَنوَرَ جو ديهانتُ ڪَڏهِن ۽ ڪِٿي ٿيو؟

٩) سَنت ڪَنوَرَ کي ڪَهڙيءَ ڳالهِ اَمَرُ بَڻائي ڇَڏيو آهي؟

سُوالُ ٢ سَنت ڪَنوَرَ بابَتِ صَحيح جاڻ ڏيو :

الف	ب
جَنمَ جو آستانُ	
جَنمَ جي تاريخ ۽ سالُ	
ديهانتَ جو آستانُ	
ديهانت جي تاريخ ۽ سالُ	

٤. ٻاراڻيون رانديون

ڪنهن سمي ۾ چيو آهي جي اسپتالن جو تعداد گهٽائڻو هُجيو ته رانديون جا ميدان وڌايو. ٻارن جي بدني ۽ ذهني اوسر لاءِ رانديون جي وڏي اهميت آهي. رانديون سبب پاڻ ۾ ٻڌيءَ ۽ صحتمند چالاڪيءَ جو وڪاس پڻ ٿئي ٿو.

ٻالپڻ کان ئي راند رُوند ذريعي ٻار کي وندرائجي ٿو. ٻالڪ جڏهن ننڍڙو هوندو آهي ته هُن کي ماءُ کٽ يا پلنگ تي ويهي ٽنگون ڊگهيون ڪري پيرن تي ٻيهاري سندس ٻئي هٿ پڪڙي پينگهه جيان لوڏائيندي آهي ۽ ڳائيندي آهي :

لي لي لاوان

کير پٽ کانوان.

يا وري مڇي ماني کير کائي ويو؟ جهڙيءَ راند ذريعي ڪيس خوب کلائبو آهي. ننڍيءَ وهيءَ جا ٻار پاڻ ۾ اِرچڪ مِرچڪ کيڏندا آهن. سڀ ٻار گهيرو ڪري ويهندا آهن ۽ پنهنجي هٿن جون تريون پٽ تي رکندا. هڪ ٻار سندن هٿن تي واري سان آڱر رکي چوندو، 'اِرچڪ مِرچڪ، ڏاڏا ڏرچ ڪ، آڪ، پليهڙو، ٽويو، ٽيو، نانگڙ، جوڳڙ، ڪارا، ڪُلي، ٻُلي چُلي..... جنهن ٻار جي هٿ تي چُلي لفظ ايندو سو پنهنجو هٿ هٽائي ڇڏيندو. وري چئبو، 'اِرچڪ مِرچڪ..... پڇاڙيءَ ۾ جنهن جو هٿ بچيو تنهن هارايو.

ٻار ٻيون به ڪيتريون رانديون کيڏندا آهن جيئن اکه ٻوٽ، لڪ چُپ، منڊڪ منڊي ۽ ڦرُ ڦرُ سوٽلو وغيره. اکه ٻوٽ ۾ هڪڙو ٻارُ ٻئي ٻار جون سندس بي خبريءَ ۾ پُٺيان اچي اکيون ٻوٽيندو ۽ تيسين هٿ نه هٽائيندس جيسين هُو نالو وٺي سڃاڻي نه ٿو. لڪ چُپ ۾ ٻار وڃي لڪندا ۽ آڪ ڏيندڙ

کي ٻڌائِڻو پوندو آهي تہ هوُ ڪِٿي لِڪيا آهِن.

ڦرُ ڦِرُ سَونلو تمام مَزيدارُ رانِدِ آهي. هِڪَ کُليَلَ مَيدانَ ۾ سَڀُ ٻارَ گولُ گهيرو ٺاهي وِهَندا. آڳَ ڏيندڙُ ٻارُ ڪَپڙي جو سَونلو پاڻَ وَٽِ لِڪائي گهيري جي ٻاهِران گهُمَندو ۽ چَوَندو، 'ڦرُ ڦِرُ سَونلو.....' ٻيا سَڀُ ٻارَ چَوَندا، 'ڏَٻُلي تي چِٽِڪي.....' هوُ لِڪي لِڪي ڪَنهِن ٻارَ جي پُٺيان اُهو سَونلو رَکي ڇَڏِيندو. جي هُنَ ٻارَ کي اِنَ ڳالِهہ جي خَبَرَ پَئِجي ويئي تہ هوُ سَونلو کَڻي آڳَ ڏِيندَڙُ ٻارَ جي پُٺيان ڊوڙَندو ۽ پُٺيءَ تي تيسِين تائِين سَونلو هَڻَندو رَهَندَسِ جيسِين هوُ گولُ ڦِري سَندَسِ خالِي ڪَيَلَ جاء تي نہ ٿو اَچي وِهي. ۽ جي آڳَ ڏِيندَڙَ ٻارَ جي گولُ ڦري اَچَڻَ تائِين ڪيسِ اِنَ ڳالِهہ جي سُڌِ ڪانہ پيئي تہ پوء هوُ اُهو سَونلو کَڻي ڪيسِ هَڻي ڊوڙائِيندو. ۽ پوء اُنهيءَ ٻارَ کي آڳَ ڏِيَڻي پَوندِي.

ڪيترِيوُن ٻاراٽيوُن رانديوُن رُڳو ڇوڪريوُن ڪَنديوُن آهِنِ تہ کي رانديوُن ڇوڪرا.

ڇوڪرِيُن جوُن مُکيہ رانديوُن آهِن: نوڙيءَ رانِدِ، اِيسي ڏي موري ڏي، ٺِڪريءَ رانِدِ ۽ گُڏي گُڏيءَ جي رانِدِ وَغَيرہَ. نوڙيءَ رانِدِ ۾ ٻہ ڇوڪِريوُن نوڙي پَڪِڙي ڦيرائِينديوُن ۽ هِڪَ اُنَ جي وِچَ ۾ تيسِين تائِين ٽَپا ڏِيندي جيسِين تائِين هُنَ جو نوڙيءَ سان ڇُهاءُ نہ ٿو ٿِئي. ٻيوُن ڇوڪريوُن اُهي ٽَپا ڳَڻِينديوُن. 'اِيسي ڏي موري ڏي' ۾ ٻہ ڇوڪِريوُن ٻانهوُن ڊِگهيوُن ڪَري X جيئَن هِڪَ ٻِئي جا هَٿَ پَڪِڙي تيزيءَ سان گولُ ڦرنديوُن ۽ ڳائِينديوُن :

'اِيسي ڏي موري ڏي،
لالَ ڪلوري ڏي.'

ٻَئي تيسِين تائِين پيِيوُن ڦرنديوُن ۽ ڳائِينديوُن جيسِين

تائين ٻئي ٿڪجي نہ پون. ٻِڪريءَ راندِ لاءِ مَيدانَ تي لِيڪا پائي اٺَ خانا ٺاهِيندِيُون. هِڪَ ٻِڪريءَ کي ٻِيڇِي گَسائي گولُ ڪَنديُون. پوءِ لِيڪن جي ٻاهران بيهِي پَنهِنجي خاني ۾ ٻِڪري اُڇلائِبي. بعدِ هِڪَ پيرَ تي مَنڊِڪائيندي ٻِڪري پير سان ٺُڏي هِڪُ هِڪُ خانو پارِ ڪرائِبو. جيڪو ٻارُ سَڀَ کان گهڻا خانا پارِ ڪَندو سو کَٽَندو. ڳُڏي ڳُڏيءَ جي راندِ ڇوڪرِيُنِ لاءِ سَڀَ کان مَزيدارُ راندِ آهي. هِنَ راندِ ۾ هِڪَ ڳُڏي کي سينگاري ٻڌائيندي گهوٽُ راجا تَہ ٻي ٻڌائِيندي پَنهِنجي ڳُڏيءَ کي ڪُنوارِ راڻِي. پوءِ تہ واهَ جُون تياريُون ٿِينديُون ٻِنهِين پاسي. جَڃَ مَڃَ جي موجَ رَهَندي پوءِ سَڀُ ڳُڏي ڳُڏيءَ جي شادِي ڪَرائي خُوشِ ٿِي ٽولَ ڪائِينديُون.

ڇوڪِرَن جُون پِڻِ اَنيڪُ رانديُون آهِنِ جيئَن لاٽُون، لَغَڙَ، اِٽي-ڏَڪَرَ، ڇِڏي، وَنجهوٽِي ۽ ڪَبڏِي وَغيرَهَ.

لاٽُونءَ راندِ ٻارَ اَڪيلي سِرِ ۽ گَڏِجي کيڏَندا. لَغَڙَ ڪاٽا ڪَرَڻَ جي تَہ موجَ ئي نِرالِي هُوندي آهي. اِٽي ڏَڪَرَ پِڻِ ٻارَن جي مَزيدارُ راندِ آهي. اِنَ راندِ لاءِ ٻہ ٽي اِنچَ ڊِگهي ڪاٺَ جي اِٽي هُوندي جَنهِن جي ٻِنهي پاسي چُهِنبَ گهڙِيلَ هُوندي ۽ ڏيڍُ ٻہ فُوٽَ ڊِگهو لَڪُڻُ هُوندو جَنهِن کي چَئِبو آهي ڏَڪُرُ. ٻارَ کُليلَ مَيدانَ تي گِدِ ٺاهِيندا. آڳَ وَٺندڙُ ٻارُ گِدِ مَٿان آڏِي اِٽي رَکِي ڏَڪَرَ سان اُڇلَ ڏِيندُسِ. جي آڳَ ڏِيندَڙَ ٻارَ اُها جهَپِي وَرتِي تَہ آڳَ وَٺندڙُ آئُوٽِ ليکيو ويندو. نَہ تَہ هُو نيمَ مُوجِبِ گِدِ وَٽِ ڏَڪَرُ اُڀو جهَلِيندو يا وَرِي پَٽَ تي آڏو رَکَندو. آڳَ ڏِيندَڙُ ٻارُ اِٽيءَ سان ڏَڪَرَ کي اُتان بيهي چُٽِيندو. جي اِٽي ڏَڪَرَ کي لَڳِي تَہ آڳَ وَٺندڙُ آئُوٽ ٿِيندو ۽ جي اِٽي ڏَڪَرَ کي نَہ لَڳِي تَہ هُو اِٽيءَ وَٽِ وَڃِي اِٽيءَ کي ڏَڪَرَ سان هَلڪِي چوٽَ هَڻِي هَوا ۾ اُڏائِيندو ۽

يڪدم ٻيون دفعو اُنَ کي ڏڪر سان پوري زور سان ڌڪُ هڻندو جيئن اِنَ جيترو پري وڃي ڪري. اوترو بهتر. اِنَ وقت ٻہ آڳ ڏيندڙ اِنَ جهپڻ جي ڪوشش ڪندا. جي اِنَ جهپي ورتائون تہ هو آئوٽ ٿيندو نہ تہ هوُ آڳ وٺندو رهندو. جنهن هنڌ اِٽي ڪري ٿي اُتان ڳڊ تائين ڏڪر سان ماپبو آهي؛ ٻڪت، لين، مُون، نار، آر، ويهي، ٻيُہ..... در اَصل اِهي دراوڙ ٻوليءَ جي انگن هڪ، ٻہ، ٽي، چار وغيرہ جا لفظ آهن.

چڏي راند ٻڻ ٻارن جي مزيدار راند آهي. اِها راند اڪثر رنگين ڪانچ جي گولين سان کيڏجي ٿي. اِنَ لاءِ پٽ تي هڪ ننڍي ڳڊ کوٽبي آهي. ٽڪ ڪيل ٿوريءَ دوريءَ تي هڪ سِڌو ليڪو پائبو آهي؛ ٻوءِ اُنَ کان ميٽرُ کن پري وري ٻيو ليڪو پائبو آهي. هڪُ رانديگرُ گڏُ ڪيل چڏا هٿ ۾ جهلي پرئين ليڪي کان ڳڊ ڏانهن اُڇلائيندو آهي. جنهن جو چڏو ڳڊ جي سڀ کان ويجهو ڪريو سو پهرين وارو وٺندو آهي. وارو وٺندڙ ڳڊ ڏانهن چڏا اُڇلائي پڇندو آهي، ’ڪهڙو چُليان؟‘ جي هُنَ ٻڌايلُ چڏو چُليو تہ سڀ چڏا هُنَ جا، نہ تہ جيڪي چڏا ڳڊ ۾ پيا رهيو اُنهن تي ٻئي سندس حقُ رهندو. جي وري نشانو غلط چڏي کي وڃي لڳو تہ کيس ڏنڊُ ڀرڻو پوندو.

چڏي راند جو ٻيو ٻہ قسمُ آهي جنهن موجب آڳ وٺندڙ چڏي کي آڱوٺي ۽ ڏسڻيءَ ۾ جهلي ٻئي هٿ جي وچينءَ سان پنهنجو نشانو هڻندو آهي. جي کو ٻارُ پنهنجو چڏو ڳڊ ۾ پهچائڻ ۾ ڪامياب ٿيندو سو راند کٽندو.

ونجهوٽي ٻڻ ڏاڍي مزيدارُ راند آهي هِنَ راند ۾ ٻہ ٽوليون هونديون آهن. هر ٽوليءَ ۾ اٺ رانديگر هوندا آهن. راند لاءِ کليل ميدان تي هڪ جيتري مفاصلي تي ٽِنَ سان

سَتَ سِڏيوُن ٻِليوُن ڪِڏبيوُن آهِن ۽ اُنهَن جي ئيڪ وچ ۾ آڏي ٻِلي ڪِڏبي آهي. آڳ ڏيندڙَن مان وانجهي آڏي ٻِليءَ تي بيهَندو آهي ۽ سَندَس ٻيا ساٿي هِڪَ هِڪَ ٻِليءَ تي بيهَندا آهِن. آڳ وٺندڙَ اُنهَن کان پاڻ بَچائي هِڪُ هِڪُ خانو پارِ ڪَري ٻاهِر نِڪرَڻَ جي ڪوشِش ڪَندا آهِن. اُنهَن مان ڪَنهِن کي ٻہ آڳ ڏيندڙَنَ مان ڪَنهَن ٻہ ڇُهي وَرتو تہ ائين مَڃبو تہ اُها ٽولي هارائي ويئي. بعدِ کين آڳ ڏيڻي پوندي. جي ٻِنا ڪَنهن جي ڇُهَڻَ جي سَڀُ خانا پارِ ڪَري ٻاهِر نِڪرَڻَ ۾ ڪامياب ٿي ويا تہ ڄَڻبو تہ هُنَن راند کَٽي.

جَديدَ زَماني ۾ ٻيوُن ٻہ انيڪ ڏيهي ۽ پَرڏيهي رانديوُن کيڏيوُن وَڃِن ٿيوُن پَرَ اِنهَنِ ٻاراڻِيُن رانديُن جي مَوَجَ پَنهِنجي ئي آهي.

چوُنڊَ نَوان لَفظ :

ٻدني = جِسماني ؛ ذَهني = دِماغي ؛ اوسر = وِڪاس، واڌ ؛
ٻَڌي = ايڪِتا، ايڪو ؛ وَهي = عُمرِ ؛ ٽُڏڻُ = نوڪَر هَٽَڻُ ؛
اُپو = ڪَڙو.

اَڀياسُ

سوالُ ١ سُوالَن جا جَوابَ لِکو :

١) رانديُن مان مُکيہ ڪهڙا فائدا آهِن ؟
٢) ٻارَ اِرچِڪ مِرچِڪ راند ڪِيئَن کيڏَ نَدا آهِن ؟
٣) لِڙُ لِڙَ سوَنٽو راند ڪَهڙي ريتِ کَبي آهي ؟
٤) ڇوڪريُن جوُن مُکيہ رانديوُن ڪَهڙيوُن آهِن ؟ اُنهَن مان هِڪَ راندِ جو ٿوري ۾ بَيانُ ڪَريو.
٥) ڇِڏي راندِ جي ٻِنِ قِسمَن جو ٿوري ۾ بَيان ڪَريو.

سُوالُ ٢ ڇاڪاڻِ راندين جي باري ۾ ٿوري ۾ لکو :

اَکيون، لِکڻ، اِئي ڏکي، وَنجهوُنِي.

سُوالُ ٣ تَوهان جي کيتَرَ جي کَنهن بہ هِڪ رانِدِ جو ٿوري ۾ بَيانُ ڪريو.

سُوالُ ٤ مِثالَن جي آڌارَ تي لَفظ جوڙيو :

مِثالُ : بَدَنُ - بَدني

ذهَنُ، دماغُ، اِيمانُ، اَهنڪارُ، خاندانُ.

مِثالُ : صِحَتَ - صِحَتمَندُ

هُنَرُ، عَقلُ، اَحسانُ، غيرَتَ، فائِدو.

سُوالُ ٥ مِثالَ مُوجِب جُملا ڦيري لِکو :

مِثالُ : آڳَ ڏينَدڙ بارُ ٻُڌائيِندو.

آڳَ ڏينَدڙ بارَ کي ٻُڌائِڻو پَوندو.

١) توُن سَبِني کي مِنائِي ڪارائِيندين.

٢) تَوهين سَڀُ ٻالهائِيندا.

٣) اَسين پيَسا موڪلينداسين.

٤) هوءَ آفيسَ ۾ اِيندي.

سُوالُ ٦ مِثالَ مُوجِب جُملا ڦيري لِکو :

مِثالُ : هُنَ کي اِنَ ڳالهِ جي خَبَرَ پيئي.

هُنَ کي اِنَ ڳالهِ جي خَبَرَ پَئِجي ويئِي.

١) هُوءِ هِڪَدمِ ٻاهِرِ نِڪتي.

٢) پارٽيءَ ۾ سَڀُ وَقتَ تي پُهتا.

٣) گهرَ ۾ چانهِ خَتمُ ٿي.

٤) پوليس واري کي ڏِسي چورُ ڀڳو.

٥) سَڀُ ماستَرياڻيون ڪُرسيُنِ تي وينيُون.

سُوالُ ۷ مِثال مُوجِب جُملا ڦيري لِکو :

مِثالُ : جي تَوهين رانديُن جا مَيدان وڌائِيندا تہ اِسپتالُن جو تَعدادُ گهٽِجَندو.

جي اِسپتالُن جو تَعداد گهٽائِڻو هُجي تہ رانديُن جا مَيدانَ وَڌايو.

۱) جي تَوهين مَحنَت ڪَندا تہ پاسِ ٿِيندا.

۲) جي تون جَلدُ نِڪَرنديں تہ شامَ جو گهر پَهُچَنديں.

۳) جي تَوهين ٻُوٽَنِ ۾ ويندا تہ قُدرَتي سُونهَن ڏِسَندا.

۴) جي تون ٽِڪيٽ وَٺَنديئَن تہ پِڪچر ڏِسَنديئَن.

❋ ❋ ❋ ❋ ❋

٥. جو کِيرُ پِيئي.....

جو کِيرُ پِيئي سو وِيرُ ٿئي،
ڏَندَ زورُ وَٺِن، سُٺا سُهِڻا لَڳَنِ.
اَکيُنِ جوتِ وَڌي، ڏاڍي سُونهِن ٿِئي،
وَٽي زورُ بَدَنُ، لِڱَ چُستُ ٿِيَنِ.
کِيرُ صَفا سُٺو، واهَ ڏاڍو مِٺو،
ٻارو اَچو پيئُون، ٻيري کِيرَ وَٺيُون.
سَڀُ زورُ وَٺُون، پي کِيرُ وَڌُون،
ڏي کِيرُ اَما، پي پَڙهڻَ وَڃان.

چُونڊَ نوان لَفظ :

جوتِ = روشِني، پَرڪاشُ ؛ سُونهَن = سُندَرتا ؛ لِڱَ = سَرِيرَ جا عُضوا ؛
بَدَنُ = سَرِيرُ، تَنُ ؛ وَٽي = ڪَٽوري.

اَڀياسُ

سُوالُ ١ 'جو کِيرُ پِيئي' بيَت جو سارُ پَنهِنجَنِ لَفظَنِ ۾ لِکو.

سُوالُ ٢ ڏِنَلَ مِثالَ جي آڌارَ تي جُملا ڦيري لِکو.

مِثالُ : جو کِيرُ پِيئي سو وِيرُ ٿئي.

جو کِيرُ پِيئي ٿو سو وِيرُ ٿئي ٿو.

١) ڏَندَ سُهِڻا لَڳَنِ.
٢) اَکيُنِ جي جوتِ وَڌي.
٣) سَڀُ زورُ وَٺُون.
٤) کِيرُ پي وَڌُون.
٥) کِيرُ پي پَڙهڻَ وَڃان.

❋ ❋ ❋ ❋ ❋

٦. سنڌي لوڪ ناچ

لوڪ ڪٿائون، لوڪ ناٽڪ، لوڪ ساز، لوڪ گيت ۽ لوڪ ناچ وغيره لوڪ ڪلا جو اهم حصو آهن. انهن ذريعي پنهنجي پنگتي سرشتي ۽ تهذيبي ورثي کي پختو ۽ آسودو بڻائي سگهجي ٿو.

لوڪ ناچ سنڌي جيون جو مکيه انگ آهن. انهن ۾ سادگيءَ سان گڏوگڏ انوکي جُنبش، موج، مستي ۽ دلڪشي هوندي آهي.

سنڌين جا مُکيه لوڪ ناچ آهن: ڇيڄ، ڌمال، ڇينگهو، جمالو، ٽپڙو ۽ جهُمر وغيره.

ڇيڄ مردن جو خوشيءَ جو ناچ آهي. خاص ڪري ڇيلي چنڊ تي ٻ راتي اڳيان يا وري شاديءَ جي موقعي تي ججهه اڳيان مرد ڇيڄ هڻندا آهن. گجرات جي ڊانڊيا ناچ جيان هي پڻ ڏونڪلن جو لوڪ ناچ آهي. اٺ ڏهه يا اڃا به وڌيڪ مرد هٿن ۾ ڏونڪلا ۽ ريشمي رومال جهلي گول گهيرو ٺاهيندا. وچ يا پاسي ۾ شرنائيءَ وارو ۽ ڏُهلاري بيهندا. سڀ ڇيڄاري هڪ ٻئي جي ڏونڪلي سان ڏونڪلو هڻندا ۽ نچندي گول گهمندا. جيئن سُر تال جو جوش وڌندو ويندو تيئن ڇيڄارين جي ناچ جي رفتار پڻ ويندي وڌندي. پوري اُتساهه ۽ تيزيءَ سان ڏونڪلي سان ڏونڪلو هڻندا رهندا ۽ نچندا رهندا. سندن چوطرف بيٺل ماڻهو ڇيڄ جي موج ماڻيندي جهومڻ لڳندا. ڇيڄ پوري ٽيڪ تي سيئي چوندا: 'آيو لعل، جهولي لعل.'

ڌمال جا انيڪ قسم آهن جن مان وڌيڪ مشهور آهي قلندري ڌمال. درگاهن ۾ نغاري جي ڌمال تي مالڪ جي رنگ ۾ رڱجي ماڻهو پنهنجي سُڌ ٻُڌ وساري ٽپ ڏيئي پوري جوش سان نچڻ ۽ جهومڻ لڳندا آهن. 'تون ئي تون'، 'الا

هو - الا هو'، سخي قلندر' وغيره جي جوشيلي سُرَ سان سمُوري ماحولُ ۾ اِلاهي مستي ڇانئجي ويندي آهي.

ڇينگھو هوليءَ جي موقعي جو لوڪ ناچُ آهي ۽ جمالو شاديءَ يا سوڀَ جي موقعي جو ناچُ.

ٽپڙو زالُن جو ناچُ آهي. هوُ ننڍڙي ٻارَ کي وچَ ۾ وهاري اُنَ جي چوگردِ تاڙيُن جي تالَ تي نچنديُون ڳائينديُون آهِن.

زالُن جو سڀني کان مشهورُ لوڪ ناچَ آهي جهومِر. اِهو راجستانَ جي 'گهومِر' ناچَ سان ڪافي هڪجهڙائي رَکي ٿو. شاديءَ يا ٻئي ڪنهن خوشيءَ جي موقعي تي راتِ جو اوڙي پاڙي جوُن زالوُن هڪ وڏي اڱڻَ ۾ ڪٺيوُن ٿينديوُن. ڪا ڪٽندي ٿالهُ تَ ڪا وَري ڍولڪَ، تالُ وَڄائڻَ واريوُن زالوُن ڳنڍَن اڳيان گولُ ٺاهي ويهنديوُن. سڀُ ٿالهَ ۽ ڍولڪَ جي تالَ تي تاڙيوُن وڄائينديوُن ۽ لاڏا ڳائينديوُن. جُهمِر وِجهندڙَ گولُ گهيرو ٺاهي اُنَ تال تي نچنديوُن گولُ گهمنديوُن. سَندَن هٿَن جي ڪلا پيري چُرپُر، پيرَ ڪَٽڻَ جي اَدا جي نزاڪتَ ۽ سُندَرتا مَنُ موهي ڇڏي ٿي. اِنَ ريتِ سُرَ، تالُ ۽ ناچَ جو اَنوکو سنگمُ آهي جهُمِرِ.

جديدُ زَماني ۾ پڻِ اَنيڪُ لوڪ ناچَنِ جي خاصِ اهميَتَ آهي.

چوُنڊ نوان لفظ :

اَهمُ = مُکيُ، خاصِ؛ جُنبِشَ = جوشُ، اُتساهُ؛ دِلڪشُ = موهيندڙُ؛ ڍُهلاري = ڍُهلُ وَڄائيندڙُ؛ ڇيڄاري = ڇيڄَ ناچُ نچندڙُ، ڇيڄَ هڻندڙُ؛ رنگُ = رَنگُ؛ اِلاهي = خُدائي، پَرماتما جو؛ سوڀ = جيتَ؛ اَدا = هاءُ ڀاءُ، ناچَ وَغيرَهَ ۾ اِشارا يا مُدرائوُن؛ جديد = نئون، اَڄڪلهَ جو.

اَڀياسُ

سُوالُ ١ سُوالَنِ جا جَوابَ لِکو :
١) مُکيہُ سِنڌي لوڪ ناچَنِ جا نالا لِکو.
٢) ڇيجَ ڪهڙَنِ مَوقَعنِ تي ٿِئِي ويندي آهي؟ ڇيجَ جي باري ۾ ٿوري ۾ لِکو.
٣) جهُمرِ سُرَ، تالَ ۽ ناچَ جو اَنوکو ميلُ آهي. سَمُجهايو.

سُوالُ ٢ ٿوري ۾ لِکو : ڌَمال، ٽِپڙو.

سُوالُ ٣ تَوهان جي کيترَ جي ڪنهِن مُکيہُ لوڪ ناچَ جو ٿوري ۾ بَيانُ ڪريو.

سُوالُ ٤ ضِدَ لِکو : پُختو، اَڳيان، هارُ، خُوشي، سوڀ.

سُوالُ ٦ مِثال مُوجِبِ لَفَظَ ڦيري لکو :
مِثالُ : سُندَرُ - سُندَرتا
ڪومَلُ، سِيتَلُ، پوترُ، نِرمَلُ، ڪنورُ.

سُوالُ ٦ مِثالُ مُوجِب جُملا ڦيري لِکو :
مِثالُ : پَنهِنجي تهذِيبي وَرثي کي آسُودو بَڻائِجي ٿو.
پَنهِنجي تَهذِيبي وَرثي کي آسُودو بَڻائي سَگهجي ٿو.
١) هَرَ خُوشيءَ جي مُوقعي تي نَچجي ٿو.
٢) غريبَن جي مَدَدَ ڪجي ٿي.
٣) سَهِني کي ڳوٺَنِ ۾ روزگارُ ڏجي ٿو.
٤) وَقتَ تي فارمَ ڀَرجَنِ ٿا.
٥) ڪُنَ ڪٽ سوکڙيُون موڪِلجَنِ ٿيوُن.

✱ ✱ ✱ ✱ ✱

٧. شاديءَ جوُن رِيتيوُن - رَسموُن

هَرَ قومَ جوُن پنهنجوُن پَنگتي ريتيوُن رسموُن، پَنهنجا ساٿ سُڳڻ ڏِينَ ٿا. هِندوُ سِنڌيُن جا رِيتيوُن رَواجَ ڄَڻي، مُنڍ، شادي، ديهانتَ ۽ پِترَ پوڄڻ وَغيرهَ گهڻي ڀاڱي سَنسڪارَ ويدِڪ رَسمُنِ جي آڌارَ تي ٺَهيل آهِنِ. ها، ڪي ٿورا ساٿ سُڳڻَ، رِيتيوُن رَواجَ پَنهنجا آهِنِ. اِها ڳالهِ سَندَنِ شاديءَ جي رِيتيُنِ رَسمُنِ مان چِٽي ٿِي بيهي ٿِي.

ڪنهِن بِہ گهرَ ۾ شادي سڀَ کان وڏو خوشيءَ جو مَوقعو ليکيو وَڃي ٿو. مڱڻي بعدِ ٻانهَڻ کان شاديءَ جو مهوُرتُ ڪڍايو وَڃي ٿو ۽ پوءِ شاديءَ جوُن تياريوُن شروُع ٿِي وَڃَنِ ٿيوُن. مِٽَنِ مائٽَنِ، دوستَنِ عزيزَنِ کي شاديءَ ۾ شامِلُ ٿِيَڻَ جي نِينڊَ ڏِني وَڃي ٿِي. گهوٽَ جي ٻوڇِڻي ڀَري ٿِي وَڃي. لاڏَنِ جي موَجَ مَچي ٿِي وَڃي. اوڙي پاڙي جوُن زالوُن گهرَ جي وَڏي هالَ يا اَڱڻ ۾ ويهِي ڍالڪَ جي تالَ تي خوُبُ لاڏا ڳائِينِ ٿيوُن، خوُشيءَ وِچان نَچَنِ ٿيوُن ۽ سانگَ ڪَنِ ٿيوُن. گهوٽَ ماءُ کينِ مِٺايوُن کارائي ٿِي. لاڏَنِ جو اِهو دَوَرُ ساندَهِ چارِ پَنجَ ڏِينهَن هَلي ٿو. اَڄُ گهوٽَ پيڻَ پاران لاڏا تَہ سڀاڻي گهوٽَ نانيءَ پاران...

شاديءَ کان هِڪُ بَہ ڏِينهَن اَڳِ گهوٽُ ڪُنوارِ پَنهِنجي پَنهِنجي گهَرَ وَنواهَ ۾ وِهَنِ ٿا. گهوٽُ ڪُنوارِ کي اَڪيلو نَہ ڇڏِجي. ڪُنوارِ جي سَنڀالَ ۽ وِندُرَ جو خيالُ سَندَسِ ڀيڻَ رَکَندي آهي. اوڙي پاڙي جوُن ساهيڙيوُن ۽ ٻيوُن زالوُن وَٽسِ اَچي کيسِ مِٺايوُن کارائيِنديوُن آهِنِ. کيسِ اُبٽَڻُ لڳائي سُندَرُ بڻائيبو آهي. گهوٽَ جو ڀيڻيويو اُهِنرُ ٻيهَندو آهي ۽ گهوٽَ جي سَنڀالَ ڪَندو آهي. مِٽَ مائِٽَ، دوستَ ۽ پاڙي جا ٻارَ گهوٽَ

جا ڪپڙا ڦاڙيندا آهن. گهوٽ چڙندو ناهي اُٽلو خوش ٿي کين ميوا مٺايون کارائيندو آهي. گهر ۾ جسراج جي پوڄا ڪبي آهي. گهوٽ ماءُ جو رئو ۽ گهوٽ پيءُ جي بوڇڻي ڳاڙهي يا گلابي رنگ ۾ رڱيندا آهن ڇو جو ڳاڙهو رنگ ونش جي وڌڻ جي نشاني آهي.

شاديءَ کان هڪ ڏينهن اڳ گهوٽ ماءُ پنهنجي ڀاءُ سان رڃي درياهه تان ڳاڙهي دلي ڀري ايندي آهي. اُن بعد گهر ۾ ڏيو پوڄيا ويندا آهن ۽ سات سُڳڻ ڪيا ويندا آهن. ڪنوار جي گهر به ڏيو پوڄيا ويندا آهن ۽ سات سُڳڻ ڪيا ويندا آهن.

گهر ۾ مهراج کي گهرائي سڀ کان پهرين اِشٽ ديو گڻيش جي پوڄا ڪرائبي آهي جو سڀ ڪارج سِڌ ڪندو آهي. اِن سان گڏوگڏ ٻيا سڀ ڏيو به پوڄبا آهن. برادريءَ جي ڀاتين کي سڳڙو ٻڌبو آهي جنهن جي معنيٰ اِها هوندي آهي ته پاڻ ۾ پورڻ ايڪو آهن. گهوٽ کي ڏيون اڳيان وهاري ست سُهاڳڻيون اُکريءَ ۾ مُهريءَ سان ساريون ڪُٽينديون آهن ۽ جنڊ ۾ ٻڪ ڀري ڪڻڪ وجهي پيهنديون آهن. اِن کي ٻڪي کولبو آهي. اِن جي پنيان اِها مُراد آهي ته گهر ۾ اَن، ڌن جي ڪمي ڪانه رهندي ۽ هن شڀ موقعي تي سيئي گڏجي سيڊو پاڊو تيار ڪندا.

ڄاڻايل مهورت وقت مهراج اچي ڏِک جي رسم پوري ڪندو آهي. ست سُهاڳڻيون گهوٽ کي سنان ڪرائينديون آهن بعد گهوٽ ڀيڻ گهوٽ کي سڳڙي ٻڌندي آهي جا پوءِ گهوٽ جي سالي ڇوڙيندي آهي. گهوٽ نوان ڪپڙا پائي پينچڻ ۾ اچي مهراج جي اڳيان وهندو آهي. مهراج منتر اُچاري کيس مُڪٽ پائيندو آهي. پوءِ سڀ هڪ ٻئي کي واڌايون ڏيندا آهن.

گهوٽ کي مانُ ڏيڻ لاءِ سندس ڳچيءَ ۾ دوپٽا وجهندا آهن. نوٽن ۽ گُلن جا هار پائيندا آهن. هاڻي گهوٽ ڄڻ ته 'راجا' لڳندو آهي.

گهوٽ ڀيڻ ڪنوار جا ڳهه ۽ شاديءَ جو وڳو ڪنواريتن وٽ کڻي ويندي ڪنوار کي سينگارڻ. سندن وات مٺو ڪرائڻ لاءِ مٺايون به کڻي ويندي آهي. هوءَ اِهو به اِشارو ڏيندي آهي ته گهوٽ راجا ڍڪجي ڇلجي تيار ٿي ويو آهي ۽ ڄاڃ هتي پهتو. ڪنواريتا گهوٽ ڀيڻ ۽ ساٿس آيلن کي مٺايون کارائيندا آهن ۽ رواج موجب لاڳ ڏيندا آهن.

هوڏانهن وري گهوٽ کي تيار ڪرائي گهوڙيءَ تي چاڙهي (اڄڪلهه ڪار ۾) بينڊ باجن سان ڄڃ نڪرندي آهي. ڄڃ اڳيان ڦٽاڪا ٻاريندا آهن. مِٽ مائٽ ۽ دوست خوشيءَ وچان نچندا آهن ۽ گهورون گهوريندا آهن. رستي تي گهوٽ کي ٽڪاڻي ۾ وٺي وڃي مٿو ٽيڪائيندا آهن. اِن ريت ڄڃ سڙڪن ۽ گهٽين ۾ گهمندي اُتي پهچندي آهي جتي ڪنواريتا لٿل هوندا آهن. دراصل پهرين زماني ۾ گهوٽيتا ڪنواريتن جي ڳوٺ ۾ ڄڃ وٺي ويندا هئا پر اڄڪلهه گهڻي ڀاڱي ڪنواريتا گهوٽيتن جي شهر ۾ مڃ وٺي ايندا آهن. کين ڪنهن هوٽل، ڌرمشالا يا هال ۾ لاٿو ويندو آهي ۽ ڄڃ اُتي پهچندي آهي. ڪنواريتا اڳتي وڌي اچي ڄڃ جو سواڳت ڪندا آهن. خوشيءَ وچان هڪ ٻئي کي ڀاڪُرُ پائيندا آهن. اُن وقت ٿي دريءَ کان ڪنوار کي گهوٽ ڏيکاربو آهي. جنهن جي پُٺيان اِها مُراد هوندي آهي ته هن گهوٽ ڏٺو آهي ۽ کيس اِها شادي قبول آهي.

ڄڃ کي پوري مان شان سان وٺي اچي هال ۾ وهاربو آهي. در وٽ گهوٽ جي آرتي اُتاربي آهي. پردي جي آڙ ۾ گهوٽ کي ڳاڙهي ڏاڳي سان ماپبو آهي. بعد ڪنوار ماءُ

کيرَ ۽ جَل سان گھوٽ جا پيرَ ڌوئندي آھي.

وِڏيءَ تي گھوٽ جو مُڪُٽ لاھي ڪيس پڳ پائبي آھي. مِھراجُ گھوٽ ڪُنوارِ اڳيان نونِ گرھَنِ جا خانا ٺاھي ڪَلشُ پَري شاديءَ جو ھَوَنُ تيار ڪَندو آھي. گھوٽ ڪُنوارِ جا مائٽُ پيئرُ ھُننِ جي پَرسان وِھَندا آھن ۽ اھنرُ ھَٿَ ۾ ترارَ جھلي بيھَندو آھي. سڀ کان پھرين گڻيش جي پوڄا ڪَبي آھي. پوءِ وِشنوءَ، لڇميءَ ۽ ٻين ديوي ديوتائن ۽ نونِ گرھَنِ جي پوڄا ڪَبي آھي. مَھراجُ گھوٽ ڪُنوارِ جا پَلو ٻَڌندو آھي پوءِ سندن ھَٿيالو ٻَڌندو آھي. گھوٽ ڪُنوارِ پوترُ اگنيءَ جي پَريڪرما ڪَندا آھن. عامُ طورُ ھُو سَتَ ڦيرا پائيندا آھن. ڪن ۾ رُڳو چئن ڦيرَن جو رَواجُ بہ آھي. جي ڪُنوارِ جي راسِ گھوٽ جي راسِ کان جُدا ھوندي آھي تہ ٽئين ڦيري وَقتِ ڪُنوارِ جو نالو مَٽيندا آھن. پوءِ سپتَ پَديءَ جي رَسمَ ٿيندي آھي. گھوٽُ ڪُنوارِ ھِڪ ٻئي کي ڏکَ سُکَ ۾ ساٿُ نڀائڻ ۽ ڪُلَ جي مَريادا قائمُ رَکڻ جو وَچنُ ڏيندا آھن. ڪُنوارِ پيءُ، ڀاءُ، ڪاڪو ۽ مامو وَغيرہ ھَٿيالي تي ھَٿُ رَکي پنھنجي رَضامنديءَ جو اِظھارُ ڪَندا آھن. ڪُنوارِ پيءُ گودانُ، ڪَنيادانُ ۽ ٻيون رَسمون پوريون ڪري مَھراجَ کي دَکِڻا ڏيندو آھي. پوءِ مَھراجُ ھَٿيالو کوليندو آھي. گھوٽُ ڪُنوارِ ھِڪ ٻئي کي مِٺائي کارائي واتُ مِٺو ڪَندا آھن ۽ مالھائون پائيندا آھن.

اَڄُڪلهہ شاديءَ جون اِھي رَسمون پوريون ٿيڻ بعدِ گھوٽُ ڪُنوارِ ڏِکجي چِٽجي اَچي اِسٽيج تي وِھَندا آھن جتي کين سَندن دوستَ ۽ عزيزَ اَچي واڌايون ۽ سوکڙيون ڏيندا آھن. اِنَ سان گڏوگڏُ شاديءَ جي پارٽي بہ ھَلندي رَھندي آھي. پڇاڙيءَ ۾ ڪُنواريتا گھوٽيتَن کي ڏاجو سنڀالي ڏيندا آھن ۽ ھِڪ ٻئي کان موڪلائيندا آھن.

پهرين سنڌ ۾ ڏيتي ليتيءَ جو ايترو رواج ڪونه هو. هو پرهاٽيون ڏيندا هئا. هڪ پرهاٽيءَ جو ملهه هوندو هو پنجويهه رپيا. ڪي آڪهيون هڪ، ڪي ٻه، ٽي، چار يا وڌ ۾ وڌ پنجن پرهاٽين واريون هونديون هيون. اڄڪلهه ته ڏيتي ليتيءَ جو رواج ڏاڍو وڌي ويو آهي. ڏيکاءَ ۽ فضول خرچي روڪڻ لاءِ ڏاڍو چاهين ٿا ته ڪي نه ڏيکاري بند پيتيءَ ۾ ڏيڻ ۽ 'گڏيل شاديون' (سامُوهڪ وواهَه) ڪرائڻ تي زور ڏنو پيو وڃي.

شادي ڪري گهوٽ ڪنوار گهر ايندا آهن ته گهوٽ ماءُ آرتي ڪري سندن سواگت ڪندي آهي. گهر ۾ گهڙڻ وقت ڪنوار جي مٿي تي ڏيئو رکندا آهن جئن هوءَ ڪل لڇمي ٿي گهر کي روشن ۽ خوشحال بڻائي. گهوٽ وڏن کي پيري پئي آسيس وٺندو آهي. گهر جا سڀ ڀاتي ڪنوار سان ڏتر مٽيندا آهن. سڀ کان پهرين گهوٽ ٿالهه مان لوڻ جو ٻڪ ڀري ڪنوار جي ٻڪ ۾ وجهندو آهي. ساڳيو لوڻ موٽائي هوءَ گهوٽ جي ٻڪ ۾ وجهندي آهي. ائين هو ٽي ڀيرا ڪندا آهن. اُن بعد سس، سهرو، ڏير، ڏيراڻيون ۽ ننڻانون وغيره گهر جا ڀاتي ڪنوار سان ڏتر مٽيندا آهن. ٻڪ ۾ لوڻ ڏيڻ وٺڻ وقت ڪنوار کي ائين به چئبو آهي، 'هيءُ سهرو اٿيئي، هيءَ سسُ اٿيئي.....' اِن ريت گهر جي ڀاتين سان سندس واقفيت پڻ ڪرائبي آهي. هوءَ سڀني سان سڪ پريم سان رلي ملي رهي اِن مراد سان ئي ڏتر مٽبا آهن.

شاديءَ جي ٻئي ڏينهن ڪنواريتا گهوٽ ڪنوار، سندن مٽن مائٽن کي خوب طعام ڪارائيندا آهن. اِن کي ستاوڙو چئبو آهي.

اِهي آهن. سنڌين جي شاديءَ جون ڪي مکيه ريتيون رسمون.

چوُنڊَ نوان لفظَ ۽ اِصطلاحَ :

ڇِٽو = ظاهِرُ، صافُ؛ عَزيزُ = پنهنجو ماڻهو، گهَر جو ڀاتي؛

نِينڊَ = نوتو، دعوت؛ بوڇِڻي = ڏيِڻو؛ سانده = لڳاتار؛

لاڏو = شاديءَ جو گيتُ؛ پاران = طرفان؛

اَهنرُ = گهوٽ جو اَنگ رَکيِڪُ؛ اُلِلو = اُللو، اُبتو؛ ڏيو = ڪُل

ديوتا؛ سَڳو = ڏاڳو؛ ايڪو = ايڪتا، ٻَڌي؛ مُرادَ = ڪامِنا، اِڇا؛

ڪارجُ = شُڀُ ڪَمُ؛ ڇَڄ = گهوٽيتِن سان ويندڙ عزيزَن جي ٽولي؛

پَڳَ = پَٽڪو، پَڳڙي؛ رَضامَندي = مَنظوري، قبُوليَت؛

ڏاجو = شاديءَ ۾ ڪنواريتِن پاران ڏنل روڪ رَقمَ، گهَهَ ۽ ٻيو

سامانُ وَغيرَهَ؛ فضُول خَرچي = اَجايو خَرچُ؛ آڪهم = خاندانُ؛

سيڊو پاڏو = ڪاڏي پيتي جو سامانُ؛ وَڌَڻُ ويجهَڻُ = خُوشحالُ

ٿيَڻُ، آسُودو ٿِيَڻُ؛ ڏِڪڄڻُ ڇِتجڻُ = هارُ سينگارُ ڪَرڻُ.

ڇَٺي = ٻارَ جي جَنمَ جي ڇهين ڏينهَن اِها رَسمَ پوُري ڪبي

آهي. اِنَ ڏينهَن راتِ جو مِٽَ مائِٽَ ۽ دوستَ عزيزَ

گهَرَ ۾ ٻارَ وَٽِ اَچي ڪٺا ٿيندا آهِن. ٻارَ جي جَنمَ

جي گهَڙيءَ جي آڌارَ تي مَهراجُ سَندَس جَنمَ ڪُنڊلي

يعني ڇَٺي ناهي ڪَڍي ايندو آهي جَنهِن ۾ گرَهَنِ

جي آڌارَ تي ٻارَ جو نالو بہ دَرج هُوندو آهي. مَهراجُ

گَڻيشَ ۽ گرَهَنِ جي پوُڄا ڪَري ڇَٺي ٻارَ جي

پيءُ جي جهوليءَ ۾ وِجهَندو آهي. بعدِ سَيِني کي ٻارَ

جو نالو ٻُڌايو ويندو آهي. مَهراجُ سَيِني کي تِلڪُ ڏيندو

آهي ۽ پَچاڙيءَ ۾ پَلئُہ پائبو آهي. اِن خوشيءَ جي

موقعي تي عَزيزَن کي طعامَ ڪارائبا آهِن. هوُ موٽَ

۾ ٻارَ کي خَرچي ڏيندا آهِن ۽ ماءُ پيءُ کي واڌايوُن.

مُنَڻُ = ٻارُ جڏهن ٽيرَهين مَهني جو ٿيندو آهي تڏهن سَندَس

مُنَڻُ لارهائِبو آهي. ڪيترَن ۾ وري ٻئين ڏسهڙي يا

ڇيلهي ڇنڊَ تي مُنڍُ لارهائڻَ جو رَواجُ آهي. ٻُڌايَل ڳَهڙيءَ تي مَهراجُ، حَجَمُ ۽ سَڀُ عَزيزَ دَرياهَ ڪِناري يا کنهِن کَنڊيءَ (جهنڊِ) هيلان کَنا ٿِيندا آهِن. جِتِ ٻَهريون دَفعو ٻارَ جي مٿي جا وارَ لارهائِيندا آهِن. حَجَمُ ٻارَ جا وارَ لاهِيندو آهي ۽ مِٽَ مائِٽَ هُنَ جي چوَطَرفِ ويهِي ڳهورُون ڳهوري حَجَمَ کي ڏِيندا آهِن. اِنَ موقعي تي ٻارَ جي ماءُ ريشِمي وَڳو پائِيندي آهي ۽ ٻارَ کي سَنانُ ڪَرائي نَئون وَڳو پائِيندا آهِن. مَهراجُ پوڄا پاٺُ ڪَري ڏَکِڻا وَٺندو آهي. اِنَ خُوشيءَ جي موقعي تي ڏُهلاري ڏُهِلَ وَڄائِيندا آهِن. مَٿَن مائِٽَن ۾ کُٽي يا ٻَتُ وِرهائِبو آهي.

جَڻيو = عامُ طورَ پَنجَنِ کان ٻارهَن سالَن جي عُمَرَ جي ٻارَنِ کي جَڻيا پائِبا آهِن. گَهڻو ڪَري جَڏهِن گهَرَ ۾ ڇاڇي يا وڏي ڀاءُ وَغيرَهَ جي شادي هُوندي آهي تَڏهِن اُنَ شُڀُ موَقعي تي ٻارَنِ کي جَڻيا پائِبا آهِن. ٻارَ جا وَار لارهائي سَنانُ ڪَرائي لانگوٽي ٻارائي مَهراجَ اَڳِيان اَچِي وِهاربو آهي. پُوڄا پاٺَ بعدِ هُو کيسِ جَڻيو پائِيندو آهي ۽ ڀِکيا مَٽِي اَچَڻَ لاءِ چَوَندو آهي. اُتي حاضُرُ مائهُن کان هُو ڀِکيا وٺي مَهراجَ کي ڏِيندو آهي. اِنَ ريتِ اِها رَسمَ پوري ٿِيندي آهي.

مَڱڻو = ڇوڪِري ڇوڪِريءَ جُون ڇَليُون ڀيٽي ۽ لِهڻو ڏِيڻو ڏسي مائِٽيءَ جي پَکَ ڪَبِي آهي. ڇوڪِري وارا پَنهِنجي عَزيزَنِ سان ڇوڪِريءَ جي گهَرِ ويندا آهِن. اُتي مَڱِڻي جي رَسمَ پوري ٿِيندي آهي. ڇوڪِرو ڇوڪِري هِڪَ ٻِئي کي مُنڊي پائِيندا آهِن. ڇوڪِريءَ وارا ڇوڪِري وارن جي خُوبُ آجيان ڪَندا آهِن ۽ طعامَ ڪارائِيندا آهِن.

هُو ڪينِ مِصريِ ڏيندا آهِنِ جا ڇوڪري وارا پَنهِنجي مِلَنِ مائِٽَنِ ۾ وِرهائِيندا آهِنِ. موتَ ۾ هُو ڪينِ واڌايُون ڏيندا آهِنِ.

اَڀياسُ

سُوالُ ١ سُوالَنِ جا جَوابَ لِکو :

١) هِندو سِنڌيُنِ جي پَنگَتي سَنسڪارَنِ جو مُکيه آڌارُ ڪهڙو آهي ؟

٢) سِنڌيُنِ ۾ شاديءَ جُون تياريون ڪهڙيءَ ريتِ ڪيون وينديون آهِنِ ؟

٣) 'ڏڪَ' جي معنيٰ ڇا آهي ؟ اِنَ رَسمَ جو تُوري ۾ بَيانُ ڪَريو.

٤) شاديءَ وَقتِ ڪُنوارِ جو نالو ڇو مَٽائِبو آهي ؟

٥) پَهرئين ۽ اَجوڪي زَماني ۾ ڏيتي ليتيءَ بابَتِ ڪهڙو فيرو آيو آهي ؟ وَڌندڙَ ڏيتي لِيتي ۽ فِضُول خَرچي گهٽائڻَ لاءِ ڪهڙا قَدَمَ کَنيا پيا وَڃنِ ؟

سُوالُ ٢ تُوري ۾ لِکو :

وَنواهُ، اَهِنرُ، ٻُڪي، سَتاوڙو، دَريءَ کان گهوٽُ ڏيکارَڻُ، ڏَترَ مَڻُ.

سُوالُ ٣ تَوهان ۾ شاديءَ جُون مُکيهُ ريتيُون رَسمُون ڪهڙيُون آهِنِ ؟ اُنهَنِ جو تُوري ۾ سِلسليوار بَيان ڪَريو.

سُوالُ ٤ جُملَنِ ۾ اِستعمالُ ڪَريو :

وَڌَڻُ ويجهڻُ، ڏِکجڻُ چِٽجڻُ.

سُوالُ ٥ ضَميري پَڇاڙيُون هَٽائي ضَميري لَفظ اِستعمالُ ڪَري جُملا وَري لِکو :

١) ڪيس اُبَتَنُ لَٻائي سُندَرُ بَڻائِبو آهي.
٢) سَندَس ٻَچِيءَ ۾ ڏيئا وِجهندا آهِن.
٣) هوءَ سَندَن واتُ مِٺو ڪندي آهي.
٤) سائُس آيَلن کي مِنايوُن ڪارائِيندا آهِن.

سوالُ ٦ مِثالَ مُوجِبُ جُملا ڦيري لِکو :
مثالُ : هو ڌَرمشالا ۾ لهَندا آهِن.
هُنَن کي ڌَرمشالا ۾ لاهِبو آهي.
١) هو سَنانُ ڪَندو آهي.
٢) هو مِنايوُن کائِينديوُن آهِن.
٣) گهوٽُ گُلَن ۽ نوٽَن جا هارَ پائِيندو آهي.
٤) گهوٽ گهوڙِيءَ تي چڙهَندو آهي.
٥) ڪُنوار دريءَ کان گهوٽُ ڏِسَندي آهي.

❋ ❋ ❋ ❋ ❋

٨. تهذيبي ورثي جي انوٽ ڪڙي-موئن جو دڙو

’موئن جو دڙو‘ جي کوٽائيءَ انساني سڀيتا جي اتهاس ۾ هڪ سونهري ورق جوڙي ڇڏيو آهي. هتان جي کوٽائيءَ مان جنهن سڀيتا جي ڄاڻ ملي آهي تنهن کي سنڌو ماٿريءَ جي سڀيتا ڪوٺيو وڃي ٿو. ست اٺ هزار سال پراڻي اها سڀيتا دنيا جي اوائلي ۽ اسريل سڀيتا ليکي وڃي ٿي.

’موئن جو دڙو‘ جي لفظي معنيٰ آهي، اهو دڙو يا ملڪيءَ جو دلهه جنهن ۾ ماڻهو مري زمينڊوز ٿي ويا هجن. اهو اندازو ٿو لڳايو وڃي ته قديم زماني ۾ سنڌو ندي انهن دڙن وٽان وهندي هئي. دراصل شروع ۾ اتي ٢٥٠ ايڪڙن جي ايراضيءَ ۾ ننڍا وڏا پنج ڇهه دڙا هئا. نديءَ جي رخ مٽائڻ، جبلن تان هيٺ وهندڙ پاڻيءَ جي تيز وهڪري ۽ مٿان واري وهي اچڻ سبب اهي گڏجي هڪ ٿي ويا. اتي ڪو شهر هوندو جو سيلاب جهڙي قدرتي ڪهر جو شڪار ٿي زمينڊوز ٿي ويو هوندو. اهو حادثو رڳو هڪ پيرو نه پر گهٽ ۾ گهٽ چار پيرا ٿيو هوندو جو جو کوٽائيءَ ۾ مليل شين ۽ اهڃاڻن مان خبر پوي ٿي ته اتي ڇهن جدا جدا زمانن جون عمارتون زمينڊوز ٿيل آهن. لڳي ٿو ته اهو آسائش واپار جو مکيه مرڪز هوندو ان ڪري ئي ته وري وري وسايو ويو.

موئن جو دڙو سنڌ جي لاڙڪاڻي شهر کان اٽڪل پنجويهن ميلن ۽ ڏوڪري اسٽيشن کان ساڍن ستن ميلن جي مفاصلي تي آهي.

ان دڙي جي کوجنا جو جس آرڪيالاجيءَ جي عالم شري راکلداس بينرجيءَ لهڻو. پوءِ آرڪيالاجيءَ جي ڊائريڪٽر سر جان سنه ١٩٢٣ع کان ١٩٢٧ع تائين ان دڙي جي اٽڪل ١٣ ايڪڙ

ايراضيءَ جي کوٽائي ڪرائي. اِتان اَنيڪ شيون ۽ اُهڃاڻ مِليا جن دُنيا کي عَجَب ۾ وِجهي ڇڏيو. سَرَ جانَ مارشلَ، شري بينرجيءَ ۽ ٻين عالمن اُن وقت جي لوڪن جي ننگتي، تِجارتي ۽ تهذيبي حالتن جو بيانُ ڪندي ٻڌايو تہ سِنڌو ماٿريءَ جي سڀيتا هِڪ اُسريلُ اعليٰ ۽ شهري سڀيتا هُئي. عمارتن ۽ سڙڪن جي اَڏاوت تمامُ رٿائتي نموني هُئي. ماڻهوءَ گَڏجي مُحلن ۾ پاڙن ۾ رَهندا هُئا. سندن جايون ڪُشاديون، هوادارُ، پڪسريون ۽ پلستَرُ ڪيلَ هيون. جاين جي پَٽ تي پڻ سِرُن جا فَرشَ ٺهيلَ هُئا. هَرَ مَڪانَ ۾ سَنان جاءِ هُئي. جاين مان پاڻيءَ جي نيڪالَ جو پڻ پورو بَندوبَستُ هو. پاڻي گَهرَ جي موريُن مان وَهي وڃي گهٽين جي ڪسيُن ۾ پوندو هو. گهٽين جون ڪَسيون مَٿان ڍَڪيلَ هونديون هيون. پاڻيءَ جي نيڪالَ جي آهڙي بَهترينُ ۱۹ صديءَ تائين يورَپ ۾ بہ ڪانہ هُئي. ڪيترِيون جايون بہ ماڙ ٺماڙ بہ مِلَن ٿيون جن ۾ پڪيون ڏاڪڻون ٺهيلَ آهِن. گهرن وَٽ کوهَ پڻ مِلَن ٿا. عامُ خَلق لاءِ کوهَ، تلاءَ ۽ پينچائتي هالَ جهڙيون سَهوليتون پڻ هيون. شَهرُ تمامُ رٿائتي نموني اَڏيلَ هو. شَهرَ جي حفاظت لاءِ چوَڌاري وَڏيون پِٽيون ٺَهيلَ هيون ۽ پاسي کان کاهيون کوٽيلَ هيون.

ماڻهن جو مُکيہ ڌنڌو کيتي هو. هو گهوڙا، ڳانيون، رِڍون ۽ ٻڪريون بہ پاليندا هُئا. هو قابلُ ڪاريگر ۽ ڪامياب واپاري پڻ هُئا. هو ڪڻڪ، جَوَ ۽ ڪپهہ پوکيندا هُئا. هو کاڌي ۾ ڪڻڪ، جَوَ، سايون ڀاڄيون، ميوا ۽ کيرُ اِستعمالُ ڪندا هُئا. هو ماسُ مڇي بہ کائيندا هُئا. هو ڪتڻ ۽ اُڻڻ ۾ ڀَڙ هُئا. هو سوٽي ۽ اوني ڪپڙا پائيندا هُئا. سندن مُکيہ پوشاڪ هُئي ڌوتي ۽ چادَر. زالون توڙي مَرد هيرن، جَواهَرن ۽ سونَ ڳهَن جا شوقينُ هُئا. کوٽائيءَ ۾ هارَ، مُنڊيون، ڪنگڻ وغيره ڪيترن

ٿي ڳهڻ جا حوالا ملن ٿا.

هو ٻيڙن جا اوزار ۽ چٽسالي ڪيل مٽيءَ جا ٿانو ڪتب آڻيندا هئا. هتي ٽامي، ٽين ۽ چانديءَ جون پڻ ڪيتريون شيون ملن ٿيون. هو قسمين قسمين وٽ ۽ ماپا به ڪتب آڻيندا هئا. سنگتراشيءَ ۽ اُڪيرڻ جو ڪم به واهه جو اٿن. ڪوٽائيءَ ۾ سادا پنج سو کن مُهرون مليون آهن جن تي دلڪش ڪاريگري ڪيل آهي. ڪيترا ئي رانديڪا، ڏارا ۽ چڏا وغيره به مليا آهن. انهن مان خبر پوي ٿي ته هو جدا جدا رانديڪن جا شوقين هئا. ڪين ناچ، سنگيت ۽ ٻين لليت ڪلائن جي چڱي ڄاڻ هئي. ڪوٽائيءَ ۾ ڳدائون، ڪٽارون، ڀالا ۽ تير ڪمان انهن قسم جا ٻيا هٿيار تمام ٿوري تعداد ۾ مليا آهن جنهن مان لڳي ٿو ته هو شانتي ۽ صلح پسند لوڪ هئا.

هو پڙهڻ، لکڻ ڄاڻندا هئا جنهن جي ثابتي مُهرن تي اُڪريل اکرن مان ملي ٿي. ڪيترائي ودوان اها سنڌو لپي پڙهڻ جي ڪوشش ڪري رهيا آهن پر اڃا ڪين پوري ڪاميابي نه ملي سگهي آهي.

ڪوٽائيءَ ۾ مليل ٻيڙين ۽ ڏڳي گاڏين وغيره جي حوالن مان ڄاڻ ملي ٿي ته سندن واپار خشڪيءَ ۽ سمنڊ رستي جدا جدا ملڪن ۾ هلندو هو. هو شو ۽ شڪتيءَ جي پوڄا ڪندا هئا. هو شو جي واهڻ ڏڳي کي به پوڄيندا هئا. ان کانسواءِ هو وڻن ٽڻن ۽ جل جي پوڄا به ڪندا هئا.

ان ريت ڏسجي ٿو ته سنڌو ماٿريءَ جا لوڪ هر لحاظ کان اُسريل ۽ خوشحال هئا. ان بابت ٻي غور طلب ڳالهه اها آهي ته هنن پنهنجي سڀيتا جو پايو پاڻ ئي وڌو هو. سڀ کان وڏي ڳالهه اها آهي ته هن قديم سڀيتا جو سلسلو اڄ به سنڌ ۾ قائم آهي. اڄ به سنڌ جي ڳوٺن جون ڏڳي

گاڏيون، ٻيڙيون، گَهَ ۽ روزمَرهَ جون شَيون ڏيانَ سان ڏِسجَنِ تہ عَجَبُ لَڳندو تہ اُنهَنِ ۾ ۽ کوٽائيءَ ۾ مِليَل شَيُنِ ۾ ڪيتري نہ هِڪجَهِڙائي آهي. دَراَصَل سِنڌو ماٿريءَ جي اعليٰ سَيِتا جو سِلسِلو ٽُٽو ئي ڪانهي. اِنَ اَٽوٽ ورثي جي اَهَمُ ڪَڙي آهي موئِنِ جو دَڙو.

چُونڊ نَوان لَفظَ :

وَرقُ = پَنو، ڪاغَذُ ؛ اَوائِلي = پراچِينُ، شُروعاتي ؛ زميِندوزْ = زَمِينَ ۾ دَفَنْ ٿِيَلُ ؛ قَديِمُ = پراچِينُ، پُراڻو ؛ وَهِڪرو = پرَواهُ، ڌارا ؛ واري = ريتي ؛ سيَلابُ = ٻوڏِ ؛ قَهَرُ = ظُلمُ ؛ حادِثو = بُرو واقعو، دُرگَهٽنا ؛ اَهڃاڻُ = نِشانُ ؛ مُفاصِلو = دوُري ؛ جَسُ = ساراهَ ؛ عالِمُ = وِدوانُ ؛ تِجارَتي = واپاري، واپارَ سان واسطو رَکَندَڙُ ؛ کُشادو = ويڪِرو، وَڏو ؛ موري = نَنڍي نالي ؛ ڪَسي = نالي، گَٽَرُ ؛ خَلقَ = لوڪُ، ماڻهُنِ جو سَموُهُ ؛ حِفاظَت = رَکيا ؛ قانوَ = باسَڻُ، بَرتَنَ ؛ چوَڏاري = چوَطرفِ ؛ پَڙُ = ماهِرُ، قابِلُ ؛ صُلحَ = شانتي، سَمجهوتو ؛ ثابِتي = پرَماڻُ ؛ پايو = بُنيادُ.

اَڀياسُ

سُوالُ ١ سُوالَنِ جا جَوابَ لِکو :

١) سِنڌوُ ماٿِريءَ جي سَيِيتا ڪيتري پُراڻي آهي؟ دُنيا جي اِتهاسَ ۾ اِنَ جي ڪهڙي اَهميَت آهي؟

٢) 'موئَن جو دَڙو' جي ڪهڙي معنيٰ آهي؟ اِنَ دَڙي اِهو روُپُ ڪهڙيءَ ريتِ اِختيارُ ڪيو؟ ٿوري ۾ لِکو.

٣) موئِنِ جي دَڙي جي کوجَ کڏهِن ۽ ڪنهِن ڪَئي؟

٤) موئِنِ جي دَڙي مان اُنَ وَقتَ جي مَڪانَنِ ۽ سڙڪُنِ جي ٺهاوَت بابتِ ڪهڙي ڄاڻَ ملي؟

۵) 'سنڌو ماٿريءَ جي اعليٰ سڀيتا جو سلسلو ٽُٽو ٿي ڪينهي' ٿوري ۾ سمجهايو.

سوالُ ٢ ٿوري ۾ لکو :

١) سنڌوُ ماٿريءَ جي لوڪن جو ڌنڌو.
٢) سنڌوُ ماٿريءَ جي لپي.
٣) سنڌوُ ماٿريءَ جي لوڪن جو پهراءُ ۽ ڳهه.
٤) سنڌوُ ماٿريءَ جي لوڪن جون ڌرمي مڃتائون.

سوالُ ٣ مثالَ موجب لفظ ڦيري لکو :

مثالُ : ڪوٽڻ - ڪوٽائي

ڪمائڻ، لڙڻ، چڙهڻ، لکڻ، پڙهڻ.

مثالَ : هوا - هوادارُ

خوشبوءِ، وزن، ايمانُ، عزت، مالُ.

مثال : رت - رتائتو

مُند، اثرُ، وقتُ، ملهه، خوفُ.

سوالُ ٤ مثالَ موجب جُملا ڦيري لکو :

مثالُ : اُڪيرڻ جو ڪمُ واهَ جو آهي!

اُڪيرڻ جو ڪمُ تمامُ سُٺو آهي.

١) واهَ جي ڳالهه ڪئي اٿيئي!
٢) واهَ جو مڪان ٺهرايو اٿس!
٣) واهَ جو مثالُ ڏنو اٿوَ!
٤) واهَ جون سوکڙيون موڪليون اٿن!

سوالُ ٦ مثالَ موجب جُملا ڦيري لکو :

مثالَ : اِها سڀيتا دُنيا جي اُسريل سڀيتا ليکي وڃي ٿي.

اِها سَيِيَتا دُنيا جي اُسرِيلَ سيِيَتا ليکجي ٿِي.

١) اِنَ سَيِيَتا کي سِنڌوُ ماٿِريءَ جي سَيِيتا ڪوليو وَڃي ٿو.

٢) سَيِني کي سُهڻيوُن سوُکڙيوُن ڏِنيوُن وَڃِن ٿيوُن.

٢) سِنڌي فِلمَ ڏيکاري وَڃي ٿي.

٣) ھُنَن سِيني کان فارمَ ڀرايا وَڃن ٿا.

سُوالُ ٦ مِثالُ موُجِب جُملا ڦيري لِکو :

مِثالُ : مالهوُ مَري زمِين دوزَ ٿِي ويا هُئا.

مالهو مَري زمين دوزُ ٿِي وِيا هُجَن.

١) سِنڌوُ نَدي اِنَ دڙي وَٽان وَهندي هُئي.

٢) مالهوُ تمامُ خوُشحالُ هُئا.

٣) زالوُن پڙهَنديوُن لِکنديوُن هُيوُن.

٤) اُنَ زَماني ۾ دُنيا جي ڪَنهِن بِہ حِصي ۾ ايتري تَرقِي ڪانہَ ٿِي هُئي.

٩. سِنڌيَتَ ڏينهُن - چيٽي چَنڊُ

سِنڌوُ : گوداوري، سُڀاڻي اَسان کي موڪلَ آهي.

گوداوري : هائو، اسان کي بہ ڪلاس ۾ ٻڌايو ويو تہ سُڀاڻي موڪلَ آهي.

سِنڌوُ : اَسان مرهٽن جو سُڀاڻي وڏو ڏڻُ 'گُڙي پاڙوا' آهي. ڇا توهان سِنڌي بہ اِهو ڏڻُ مَلهائيندا آهيو؟

گوداوري : اِن ڏينهُن هندُن جي نَئين سالَ جي شرُوعاتِ ٿيڻي ٿي اِنَ ڪري ڪنهن نَہ ڪنهن رُوپَ ۾ اِهو ڏڻُ هو ملهائين ٿا. اِهو ڏڻُ اَسين 'چيٽي چَنڊَ' نالي سان مَلهائيندا آهيوُن.

سِنڌوُ : گوداوَري، توکي خَبَرَ آهي تہ اَسين گُڙي پڙوا جو ڪيئَن مَلهائيندا آهيوُن. پَرَ مُونکي خَبَرَ ناهي تہ توهين چيٽي چَنڊُ ڪيئَن مَلهائيندا آهيو؟ ٻُڌاءِ نَہ!

گوداوَري : چيٽي چَنڊُ اَسان سِنڌيُن جو وڏو ڏڻُ آهي. هِنَ ڏينهُن هَرَ هَنڌِ اُڏيريلالَ جي پوُڄا ڪندا آهِن.

سِنڌوُ : اُڏيرولالُ ڪيرُ هو؟

گوداوَري : اُڏيرولالُ اَسان سِنڌيُن جو اَوتارُ پُرشُ هو. دَراَصل ڏهين صَديءَ ۾ سِنڌُ جي قَديمي تواريخي شَهَرَ ٺَٽي ۾ مِرکشاهَ جي حُڪُومَتَ هُئي. سَندَس ظُلمَن کان پَريشانُ ٿي ماڻهن سِنڌُوءَ جي ڪِناري وَڃي وَرُڻُ ديوتا جي اُستُتي ڪئي. سَندِن عرضُ اَگهاڻو. سَندِن دُکَ دوُرِ ڪَرڻَ لاءِ چيٽي چَنڊَ ڏينهُن نَصرپُورَ ۾ رَتَن راءِ جي پَتنيءَ ديوڪيءَ کي هِڪُ سُندَرُ بالَڪُ ڄائو، جَنهن جو نالو رَکيائوُن 'اُڏيرو لعلُ'. بعد ڪيسِ جهولي لعلُ، اَمَر لعلُ، لعلُ سائين، دَرياهَ شاهُ ۽ زِندَهَ پيرُ وَغيرَهَ

نالنِ سان پُڪاريو ويو. پنهنجي شڪتيءَ ۽ ڪرامتنِ سان مرڪشاهَ کي هارائي ڪيسِ سندسِ غلطيءَ جو احساسُ ڪرايو. سنڌواسينِ کي ڌرمي ڪٽرپڻي کان آجو ڪرائي پريمَ ۽ شانتيءَ جو سنديشُ ڏيئي اُڏيرو لعلُ سنڌوءَ ۾ سمائجي ويو. سندسِ يادِ ۾ هر هنڌِ جهُولي لعل مندرَ جوڙيا ويا. هر سالِ سندسِ جنم ڏينهن ’چيٽي چنڊ‘ ڌام ڌومَ سان ملهايو ويندو آهي.

سنڌوُ : توهان اِهو ڏينهن ڪهڙيءَ ريتِ ملهائيندا آهيو؟

گوداوري : هِنَ ڏينهن اسين جهُولي لعلَ جي پوڄا ڪندا آهيون. ڪيترا پنهنجي ٻارنِ جي جهنڊِ لهرائيندا آهنِ. ڪي وري ٻارنِ کي جڻيا پائيندا آهنِ. هرَ هنڌِ شڪو سيسا ورهائيندا آهنِ ۽ ٻهراڻو ڪڍندا آهنِ.

سنڌوُ : ٻهراڻو ڇا کي چوندا آهن؟

گوداوري : ٻهراڻو جهُولي لعلَ جي مندرَ جو پرتيڪ آهي. چيٽي چنڊَ ڏينهن يا وري منوڪامنا پوري ٿيڻ تي ٻهراڻو ڪڍبو آهي. هڪ ڏوليءَ ۾ جهُولي لعلَ جي مورتي رکي اُنَ اڳيان اکنڊُ جوتِ جلائي سموري پوڄا سامگري رکندا آهنِ. اِهو ٻهراڻو ڳهليءَ ۾ گهمائيندا آهنِ. ٻهراڻي اڳيان ڍولَ ۽ شرنايون وڄائيندا آهنِ. خوشيءَ وچان ڇيڄاري ڇيڄَ هڻندا آهنِ. ’آيو لعلُ، جهُولي لعلُ‘ ’جهُولي لعلُ بيڙا پارِ‘ ۽ ’لعلَ جا جاني ڇئو جهولي لعلُ‘. جهڙا نعرا مُردنِ ۾ ٻہ جانِ ڦوڪي ڇڏيندا آهنِ. سڄو ماحولُ اُتساهَ ۽ خوشيءَ سان ڀرجي ويندو آهي. ننڍا وڏا، زالون مرد ٻهراڻي اڳيان مٿو ٽيڪي پرسادُ وٺندا آهنِ. شهرَ جي پرڪرما پوري

ڪري سانجهيءَ ويلَ ٻَجراٽو دَرياهَ جي ڪِناري پَهُچَندو
آهي. هُتي وِڏيءَ مُوجب پوڄا ڪري پَنجڙا ڳائِيندا
آهِن ۽ اَڪنڊُ جوتِ دَرياهَ ۾ پَرواهُ ڪندا آهِن. دَرياهَ
تي زالُون اَڪو پائيندِيُون آهِن. راتِ جو ڪِٽي پَڳَتِ
تہ ڪِٿي وَري گيت سَنگيت ۽ ناٽڪ جا پَروگرامَ
ٿيندا آهِن.

سِنڌو : تَنهنجي معنيٰ تہ توهان لاءِ چيٽي چنڊُ وَڏو ڏڻُ
آهي.

گوداوَري : ها، اِهو ڏڻُ سِنڌيُنِ ۾ پَنهنجي تَهذِيبَ ۽ سُڃاڻپ
قائِمُ رَکَڻَ، ايڪتا ۽ سِڪَ پريمَ وَڌائِڻُ جا ڀاوَ ڀَري
ٿو. اِنَ ڪري ئي اِنَ کي 'سِنڌيَت ڏينهَن' بِہ ڪوٺيو
وَڃي ٿو.

سِنڌو : واهَ! سُڀاڻي مان تَوهانجي گَهرِ ايندَس ۽ ٻَجراٽي
اَڳيان مٿو ٽيڪي آسيس مَڱَنديس.

گوداوَري : ضَرورُ اَچجَ. سُڀاڻي راتِ جو اَسان جي پاڙي ۾ پَڳَتِ
جو پَروگرامُ آهي اُتي بہ توکي ڏاڍو مَزو ايندو.

سِنڌو : چڱو، سَڀاڻي گَڏجَنديُونسين.

گوداوَري : چڱو.....

چُونڊَ نوان لَفظَ ۽ اَصطِلاحَ :

لَفظَ : ڪَرامَتَ = چَمَتڪارُ؛ آجو = ٻَنڌَڻَ کان ڇُٽَلُ، آزادُ؛
جهنڊِ = مُنَڻُ؛ جاٽي = ياتري؛ تَواريخي = اِتهاسي؛
ويلا = وَقتُ، گهڙي؛ ٻيڙو = ڪاٺَ جا ٻُنڌَ وَغيرَہ ٻَڌي
تيارُ ڪَيلُ تختو جو ٻيڙيءَ جيان ڪَتَبِ آڻجي، ٻيڙيُنِ
جو سَمُوُهُ؛ سِڪَ = سنيهُ، پيارُ؛ پَنجڙو = وَروڻُ ديوتا جي
اُستتيءَ ۾ پَنجَن سِٽُنُ جو گيتُ.

اِصطِلاحَ : عَرضُ آگهامَڻُ = وينتي قبوُلُ ٿيَڻُ؛ مُردَنِ ۾ جانِ
قوُڪَڻُ = ڏاڍو اُتساهُ پيَرَڻُ.

سُکو سيسا = ٻَحِراڻي آگيان پَرسادَ جي روُپَ ۾ شَربَتُ يا ٿاڌِل ۽ تانهِري (مٺا چانوَرَ) يا اُباريلَ چڻا وَرهائِبا آهِنِ، اُنَ کي ’سُکو سيسا‘ چئِبو آهي.

اَڀياسُ

سُوالُ ١ سُوالَن جا جَوابَ لِکو :

١) هِندو نئين سالَ جي شروعاتِ ڪَڏهِن ٿئي ٿي؟ سِنڌي اِهو ڏڻُ ڪَهِڙي نالي سان مَلهائين ٿا؟
٢) اُڏيري لعلَ جو جَنَمُ ڪَڏهِن ۽ ڪٿي ٿيو؟ سَندسِ ماتا پِتا جا نالا لِکو.
٣) مِرکشاهَ جي حُڪُومَتَ ۾ پَرجا ڏُکي ڇو هُئي؟ اُڏيري لعلَ کيسِ ڪَهِڙي نَموني سَبقُ سيکاريو؟
٤) جهولي لعلَ کي ٻِين ڪَهِڙَن نالَن سان پُڪاريو ويندو آهي؟
٥) جهولي لعلَ جو جَنمِ ڏينهُن ڪَڏهِن ۽ ڪَهِڙيءَ ريتِ مَلهايو ويندو آهي؟
٦) چيٽي چَنڊَ کي ’سِنڌيت ڏينهُن‘ ڇو ٿو ڪوٺيو وَڃي؟

سُوالُ ٢ ٿوري ۾ لِکو :

ٻَحِراڻو، سُکو سيسا، پَنجڙا.

سُوالُ ٣ توهان جو نَئون سالُ ڪَڏهِن کان شُروُع ٿيندو آهي؟ توهان اُهو ڏينهُن ڪيئَن مَلهائيندا آهيو؟ ٿوري ۾ لِکو.

سُوالُ ٤ ضِدَ لِکو :

شروُعاتِ، قديمي.

سُوالُ ٥ جُملن ۾ استعمالُ ڪريو :

عَرضُ اُگهامڻُ، مُردن ۾ جانِ ڦوڪڻُ، چيچ ھڻڻُ.

سُوالُ ٧ مِثالَ موُجب لَفظ جوڙيو :

مِثالُ : سُڄاڻڻُ - سُڄاڻپ

ڳنڍڻُ، سونهڻُ.

سُوالُ ٨ مِثالَ موجب جُملا ڦيري لِکو :

مِثالُ : هُنَن اسان کي بُڌايو.

اَسان کي ٻڌايو ويو.

١) هُنَ سيهني کي مِنائي ڪارائي.

٢) هُنَن اَسان کي ٻچراڻو ڏيکاريو.

٣) هُنَن پَنجڙا ڳاتا.

٤) هُنَ اَسان کي اَنيڪ لوڪ ڪٿائون ٻڌايوُن.

٥) هُنَن چيٽي چَنڊَ جو ڏڻُ مَلهايو.

سوالُ ٩ مِثالَ موُجب جُملا ڦيري لِکو :

مثالُ : پڳِت جو پروگرامُ ڪٿي آهي ؟

پڳت جو پروگرام ڪٿي ضرُورُ هوُندو.

١) راند ۾ پھريُون اِنعامُ ڪنهن کي مليو ؟

٢) هوُ ڪلاس ۾ ڪڏهن ايندو ؟

٣) هُنَ وَٽِ ايترا پيَسا ڪِٿان آيا ؟

٤) هُن شاديءَ ۾ ڳھڻو خَرچُ ڪيو ؟

❋ ❋ ❋ ❋ ❋

١٠. واهَ ڙي تارا

واهَ ڙي تارا، گولُ تارا
روشَنُ تارا، چمڪي وارا.
سانجهيءَ ٽائي نڪرو ٿا،
اُڀَ سڄي ۾ پکڙو ٿا.
چلڪو چمڪو ساري راتِ
ڪجي اوهان جي ڪهڙي باتِ!
جوتِ اوهان جي جي نہ هُجي،
واٽهڙوُ ڪَرَ، واٽَ مُنجهي.

چُونڊَ نوان لَفظ :

سانجهي = سَنجها، ٽائو = وَقتُ، اُڀُ = آڪاسُ، باتِ = ڳالهہ،
واٽهڙوُ = راهگيِر، واٽَ = راهَ، رَستو.

اڀياسُ

سُوالُ : 'واهہ ڙي تارا' بيَتَ جو سارُ پنهنجي لفظَنِ ۾ لکو.

✱ ✱ ✱ ✱ ✱

١١. عُمَرُ مارُئي

مارُئي پالِڻي نالي هِڪَ پَنوهارَ جي ڌيءَ هُئي. سَندسِ ماءُ جو نالو ماڌوئي هو. هو ٿَرَ جي ملير ڳوٺَ ۾ رَهندا هُئا. هوُ ٿَرَ چارِيندا هُئا. وَٽنِ ٻَنيءَ ٽُڪَرُ بِہ هو جَنهِنجي سَنڀالَ سَندسِ نوڪَرُ ڦوڳسينُ ڪندو هو.

ڦوڳسينُ مارُئيءَ جي سُونهَن تي دِلِ هاري ويٺو هو. هُنَ هِڪَ ڏينهُن هِمَٿَ ٻَڌي ڪانئُنِ وَٽي مارُئيءَ جو سَڱُ گُهريو. مارُئيءَ جو مَڱڻو اَڳي ئي کيتسينَ سان ٿِي چُڪو هو اِنَ ڪَري پالِڻي نابيري واري.

سَندَسِ ناڪارَ ٻُڌي ڦوڳسينُ ساڙَ وِچان ويرُ وَٺَڻَ جا پَهَ پَچائِڻَ لَڳو. هوُ ٿَرَ جي حاڪِمَ عُمَرَ وَٽِ عَمَرڪوٽِ ڪَهي ويو ۽ وَٽسِ وَڃي مارُئيءَ جي سُونهَن جي ساراهَ جونئه سُرڪيوُن پُريائِين. بنا ڍِلَ ڏني ئي عَمَرُ مارُئيءَ تي موهِجيُ ٿِي ويو. هوُ پنهِنجو شاهاڻو شانُ وِساري ويسُ بَدلائي ڦوڳسينَ سان گَڏُ مَليرَ ڳوٺَ لاءِ روانو ٿيو. جَڏِهن هو ڳوٺَ ٻاهِرِ کُوهَ وَٽِ پَهُتا تَڏِهن ڦوڳسينَ جي نَظَرَ وَڃي مارُئيءَ تي پيئي جا کُوهَ تان پاڻي ڀَري رَهي هُئي. هُنَ اِشاري سان عُمَرَ کي مارُئي ڏيکاري. سَندَسِ سُونهَن ڀَسي عُمَرَ جا تَہ هوش ئي گُمُ ٿي ويا، پَرَ جَهٽِ پاڻُ سَنڀالي وَرتائين. مارُئيءَ وَٽِ وَڃي چيائينسِ، ’اُڃايَل کي پاڻيءَ جُڪو پيئارِ.‘ جيئَن ئي هوءَ پاڻي پيئارَڻَ لاءِ اَڳتي وَڌي تيئَن عُمَرَ کيس کَڻِي ڪَلِهي اُٺَ تي چاڙهيو ۽ واڳوُن عُمَرڪوٽَ ڏانهُن وَرايائين.

هُنَ مارُئيءَ کي مَحَلَ ۾ رَهايو ۽ کيس راجائي سُکَنِ جي لالَچِ ڏيڻَ لَڳو. چَوندو هوسِ، ’جي توُن موُن سان شادِي ڪَرين تَہ مان توکي پَٽراڻِي ٻڻائي ڇَڏيان. هي هِيرا موتِي،

عطرُ ڦليلُ، بخمل بافتا ۽ شاهي طعام سڀُ تو لاءِ حاضرُ آهن، رُڳو تون حڪم ڪر.'

مارُئي چوندي هُئس، 'منهنجو مڱڻو ڪيتسين سان ٿيلُ آهي. هاڻي مان ٻئي ڪنهن سان شادي مورُ نه ڪندس، سون تي سيڻ مٽائڻُ جي ڪُريت اسان ۾ ناهي. مون لاءِ پنهنجي وطن جا گُل ڦُل هتان جي هيرن موتين کان بهتر آهن؛ پنهنجي اباڻي لوئي تنهنجي بخمل کان وڌيڪ پياري اٿم؛ پنهنجي ڳوٺ جي ڏُڏَ ۽ ڏونرن اڳيان تنهنجا هي طعام ٿُڇ ٿا لڳنم.'

عمر ڪاوڙجي مارئيءَ کي ڪوٽ ۾ قيد ڪري ڇڏيو. قيدخاني ۾ هو هر نموني ڪيس تنگ ڪرڻ لڳو جيئن هوءَ پريشان ٿي شاديءَ لاءِ ها ڪري وجهي. مارئي اُجهون ٻُڪون ڪيڏي ڪمزور ٿي ويئي. سندس لٽا ليڙون ليڙون ٿي ويا پر هوءَ پنهنجي سَتَ تي قائمُ رهي. سدائين اباڻن کي ياد ڪندي رهي. هُن عمر کي عرض ڪيو، 'هي عمر، جي مان پنهنجي وطن کي ياد ڪندي ڪندي مري وڃان ته منهنجو مڙهه ملير ڏانهن نجانءِ ۽ مٿانئس ٿر جي ٿڌي مِلي وسائجانءِ.'

آخر عُمر سندس سَتَ اڳيان سِرُ نِوايو ۽ مارُن ڏانهن نياپو موڪليائين ته اچي پنهنجي امانت وٺي وڃو. نياپو مِلندي ئي هو اچي عمرڪوٽ پهتا. عمر انيڪ سوغاتون ڏيئي مارئيءَ کي ملير ڏانهن روانو ڪيو.

مارُئي مارُن سان ته مِلي پر ڪيتسين جي دل ۾ گُمانُ رهجي ويو ته مارُئي پنهنجي سَتَ تي قائم هُئي يا نه! ملير ۾ سندس بدنامي ٿيڻ لڳي. جڏهن اِن ڳالهه جي سُڌ عُمر کي پيئي ته هُن ڪاوڙجي اچي ملير تي ڪاهه ڪئي. ويچارا مارُوئڙا ته جهڳا جهوپڙيون ڇڏي وٺي ڀڳا. پر مارُئيءَ

عمر اڳيان اچي چيو، 'جي مارُنِ منهنجي ڳالهه ڪئي ته اهو سندن حق هو. توکي ڪهڙو حق آهي ماروئڙن تي ڪاهه ڪرڻ جو؟'

عمر پنهنجي ڪئي تي ڏاڍو پشيمان ٿيو ۽ ڪا به پريکيا ڏيڻ لاءِ تيار ٿيو. مارئيءَ چيو، 'تڪو مون تي لڳو آهي. اِنَ ڪري پريکيا مان ڏينديس.'

نيٺ فيصلي موجب باهه جي مچ ۾ هڪ شيخ تپائي لال ڪيائون. مارئيءَ اها تپيل شيخ پنهنجي هٿن ۾ جهلي پر ڪيس ڪا به لهس نه آئي. عمر پڻ اها شيخ هٿ ۾ پڪڙي پر اُن کي تر برابر به تئه نه آيو.

مارُنِ مارئيءَ جي ست اڳيان سِرُ نوايو. مارئيءَ ساري حياتي ڪيتسين سان سک سان گذاري.

چوند نوان لفظ ۽ اصطلاح :

پنوهارُ = ڌنارُ، رِڍون ٻڪريون چاريندڙ؛ قرُ = ٻچو؛
شاهالو = شاهي، راجائي؛ پسڻُ = ڏسڻ؛ اُڃايل = پياسو؛
واڳ = لغامُ؛ بافتو = اُچو ڪپڙو؛
مور نه = هرگز نه، بلڪل نه؛ لوئي = سنهو ڪنبلُ؛ ڏونرو = هڪ قسم جو جهنگلي ميوو؛ مارو = ملير ڳوٺ جا واسي؛ ڪاوڙجڻُ = غصو اچڻ؛ ڪوٽُ = قلعو، ڳڙهُ؛ لٽو = ڪپڙو؛ مڙهه = لاشُ؛
نياپو = سنديشُ، پيغامُ؛ سوغات = سوکڙي؛ گمانُ = شڪُ؛
سُڌ = خبر، جاڻ؛ ڪاهه = حملو؛ ڳالهه = ننداءِ نيٺ = آخر؛
مچُ = تيزُ باهه، جوالا؛ لهس = باهه جو تئه، آنچ.
اصطلاح : دِل هارڻُ = موهت ٿيڻ؛ نابيري وارڻُ = بلڪل انڪارُ ڪرڻ؛ وير ولڻ = بدلو وٺڻ؛ ساراهه جون سرڪيون پرڻ = خوب ساراهه ڪرڻ؛ ڪنيي ڪڍڻ = چيله ۾ هٿ

رِوجهي زوريءَ ڪَٽَيُ.

اَڀياسُ

سُوالُ ١ سُوالَنِ جا جَوابَ لِکو :

١) مارئيءَ ڪيرَ هُئي؟ سَندَسِ ماءُ پيءُ ھُنَ جي شادي ڦوگسينَ سان ڇو نہ ڪَرائي؟
٢) ڦوگسين عُمَرَ وَٽِ ڇو ويو ۽ اُتي وَڃي ھُنَ ڇا ڪيو؟
٣) عَمَرُ مارُئيءَ کي پنھنجي مَحَل ۾ ڪيئَن کَڻي آيو؟
٤) عُمَرَ مارُئيءَ کي ڪھڙي لالچ ڏني؟
٥) مارُئيءَ عُمَرَ جي ڳالھہ ڇو نہ مڃي؟
٦) عُمَرَ مارُئيءَ کي ڪھڙيءَ ريتِ سَتائڻ لَڳو؟ ڇا ھُو پنھنجي مَقصَد ۾ ڪامياب ٿيو؟
٧) عُمَرَ مَليرَ تي حَملو ڇو ڪيو؟
٨) عُمَرَ ۽ مارُئيءَ پنھنجي سَتَ جو اِمتِحانُ ڪيئَن ڏنو؟

سُوالُ ٢ حوالا ڏيئي سَمُجھايو :

١) اُجايَلَ کي پاليءَ ڇُڪو پيئار.
٢) مُنھنجو مَڙُ مَليرَ ڏانھن نِجانءِ.
٣) ٽِڪو مُون تي لَڳو آھي اِنَ ڪَري پريکيا مان ڏيندَيس.

سُوالُ ٣ نوٽ ۾ لِکو :

ڦوگسينُ، ڪيتسينُ، مارئيءَ جي وَطَن پَرستي.

سُوالُ ٤ ڏِنَلَ اِشارَنِ جي آڌارَ تي آکاڻي لِکو :

سَٺي پنھون

نائونءَ نالي ٻانھَنَ جي گھرِ سُندَرُ ڪَنيا جو جَنمُ - ڪَنيا جي پاڳ ۾ ڪَنھَن اَجنبيءَ سان اَنگُ لِکيلُ - ڪَنيا کي صَندُوقَ

۾ بند ڪري درياهه ۾ پرواهه. صندوق ڀنڀور جي ڌوٻيءَ احمد کي مليو. ڌوٻي بي اولاد. ڪنيا کي گود وٺي نالو رکيائين سسئي يعني چنڊ. چنڊ جي ڪلائن جيان سسئي اڄ ننڍي مان وڏي. ڪيچ مڪران جي آري ڄام جي پٽ پنهونءَ جو واپار سانگي ڀنڀور اچڻ. سسئيءَ جو وٽس ڪستوري خريد ڪرڻ وڃڻ. ٻنهي نظر ۾ هڪ ٻئي تي موهت. پنهون پرديسي ۽ ٻيءَ ذات جو هئڻ. ڌوٻيءَ جو شاديءَ کان انڪار. سسئيءَ جو يقين ڏيارڻ ته پنهون به ڌوٻي. پنهونءَ جو وٽن ڌوٻيءَ ڪم ڪرڻ. ٻنهي جي شادي. پنهونءَ جو وطن موٽڻ کان انڪار. ڀائرن جو وڃي پيءُ کي ٻڌائڻ. واپس وٺي وڃڻ لاءِ ڀائر اچڻ. رات جو دعوت ۾ پنهونءَ کي خوب شراب پيئاري کڻي وڃڻ. ننڊ مان اٿڻ بعد سسئيءَ کي خبر پوڻ. ڀنڀور ڇڏي اڪيلي پنهونءَ جي ڳولها ۾ نڪرڻ. سيني کان پنهونءَ جو پتو پڇڻ. پهاڙ تي هڪ بدنيت پنهوار کان ست بچائڻ لاءِ ڌڻيءَ کي پڪارڻ. پهاڙ ڦاٽڻ. سسئيءَ جو اُن ۾ سمائجڻ. پنهوار پشيمان. سندس قبر وٽ ويهي رهڻ. هوڏانهن پنهونءَ کي هوش اچڻ. پاڻ جدائي سسئيءَ جي ڳولها ۾ نڪرڻ. رستي تي پنهوار دواران سمورو احوال ٻڌائڻ ۽ مالڪ کي پڪارڻ. وري جبل ڦاٽڻ. پنهونءَ جو پڻ اُن ۾ سمائجي وڃڻ.

سوال ۴ ضد لکو : ويرُ، گمانُ، ڳِلا.

سوال ۵ جملن ۾ استعمال ڪريو :

دل هارڻ، نابيري وارڻ، وير وٺڻ، ساراهه جون سرڪيون ڀرڻ.

سوال ٦ مثالن موجب لفظ جوڙيو :

مثالُ : شاهه - شاهاڻو

ظالم، مرد، زال، ٻار، ڳوٺ.

مثال : ريت - ڪُريت

نياءُ، سنگ، پت.

مِثالُ : قيدَ - قيدخانو

جيل، مسافر، توب، دوا.

سُوالُ ٧ ضميري پَڇاڙيُن هَٺائي ضَميري لفظ اِستعمالُ ڪَري جُملا وَري لِکو :

١) مارُئيءَ وَٽ وَڃي ڇيائينسِ.
٢) هي طعام تُهِنجو ٿا لڳنم.
٣) مُنهِنجو مَڙهُ مَليرَ ڏانهُن نِجانءِ.
٤) مَٿائنسِ ٿرَ جي ٿَڌي مِٽي وَسائِجانءِ.
٥) باهِ جي مَچَ ۾ هِڪَ شيِخَ تَپائي لالُ ڪَيائُون.

سُوالُ ٩ مِثالَ موجِب جُملا ڦيري لِکو :

مِثالُ : هُنَ اَباڻِنِ کي يادِ ڪيو پئي.
هوءَ اَباڻِنِ کي يادِ ڪَندي رَهي.

١) هُنَنِ غريبَنِ جي شيوا ڪَئي پئي.
٢) هُنَ پَنهِنجي مِٺي آوازَ ۾ راڳُ ٻُڌايو پئي.
٣) تو ٻاهُ ڏانهُن پيَسا موڪِليا پئي.
٤) مون پَنهِنجو فَرضُ نِباهيو پئي.
٥) ميدانَ تي ڇوڪِريُن راندِ ڪَئي پئي.

سُوالُ ١٠ مِثالَ مُوجِبِ خالَ ڀَري جُملا پُورا ڪريو :

مِثالُ : هِڪَ شيِخَ تپائي لالُ ڪيائُون. مارُئيءَ اُها تپيَلَ شيِخَ پَنهِنجي هَٿَ ۾ جَهلي.

١) هُنَنِ پاڻيءَ جا مَٽَ ڀريا. ____ مَٽَ آسان چانوَ ۾ رَکيا.
٢) ڪالهه ٻراڻي فِلمَ ڏِٺي. اُها فِلمَ مُنهِنجي ____ هُئي.
٣) ڀاڻُسِ هِنَ مَهِني پيَسا موڪِليا. ____ پيَسا هُنَ خَرچي ڇَڏيا.
٤) ميرا صبُوحَ ڀُوريُون ترِيُون. ____ ڀُوريُون شام تائِين لِري ويُيون.

❋ ❋ ❋ ❋ ❋

١٢. آسان جا ڏڻ وارَ

سِنڌوُ : گوداوَري، مُونکي- چيٽي چَنڊ جي ميلي ۾ ڏاڍو مَزو آيو. تَوهان جي هِيَنِ ڏڻَنِ جي باري ۾ ڪُجهہ ٻُڌاءِ نہ.

گوداوَري : توکي خَبرَ ئي آهي تہ سِنڌي وَرُوڻُ ديوِتا کي ڏاڍو مَڃيندا آهِن. سَندَسِ اُستُتيءَ ۾ آڪاڙَ جي ويهِين تاريخَ کان چاليهو مَلهايو ويندو آهي. روزُ درياهَ جي ڪَپَ تي وَچِي تارَيُنِ جي تالَ تي پَنجڙا ڳائِبا آهِن ۽ اَکو پائِبو آهي. چاليهي جي سَماپتيءَ تي هڪ دِلي تي سِنڌُرُ سان ڳَڻيشُ ڪَڍِي دِلي مَٿان نارِيلُ رَکي ڳاڙهي ڪپڙي سان ڍَڪي اَنبَنِ جا پَنَ ٻَڌبا آهِن ۽ اُنَ جو ڍَڪِيو ڏَهِبو آهي. دَرياهَ تي وَڃي وِڌيءَ مُوجب پُوڄا پاٺُ ڪَري پَنجڙا ڳائي پَلَئُہ پائي اُهو دِلو ۽ ڍَڪِيو دَرياهَ ۾ پَرواهُ ڪبا آهِن.

سِنڌوُ : تَوهان جا ٻيا ڪهڙا ڏڻَ آهِن ؟

گوداوَري : گوگڙو، ٽيجڙي .....

سِنڌوُ : گوگڙو ڪيئَن مَلهائيندا آهيو ؟

گوداوَري : جهڙي نَموني تَوهين 'ناگَپنچمي' مَلهائيندا آهيو. اَسِين گوگڙو مَلهائيندا آهيون. اُنَ ڏِينهَن زالُوَن سَنان پاڻي ڪَري ڪنهِن وَڏي وَڻَ هيٺان يا دَرياهَ جي ڪَپَ تي وَڃي ناگَ ديوِتا جي پوڄا ڪَري کيرُ ۽ چَٽا وجهَنديُون آهِن ۽ ناگَ ديوِتا کي پرارٿنا ڪنديُون آهِن تہ هوُ سَندَنِ سَنتانَ تي دَيا ڪَري.

سِنڌوُ : ٽيجڙي..... ؟

گوداوَري : آڙِي، ٽيجڙي نہ، چَئُہ ٽيجڙي .....

سندُو : ٽيجڙي، ٽيڪ.....'

گوداوري: ساوڻ جي مهني ۾ ٽيجڙيءَ ڏينهن ڪنواريون ڇوڪريون ۽ سهاڳڻيون اسُر جو اُٿي سوڻ طور ٿورو کائينديون آهن، ميندي رچائينديون آهن ۽ سڄو ڏينهن ورت رکنديون آهن. رات جو چنڊ کي ارگهه ڏيئي ورت ڇوڙينديون آهن.

سندُو : اسان مرهٽن ۾ وري سهاڳڻيون گهوٽ جي وڏي اورجا لاءِ ساوڻ جا سپيئي منگل ورت رکنديون آهن ۽ ان کي ڪوٺيو ويندو آهي 'منگل گوري'. ماتائون ٻارن جي وڏي اورجا لاءِ ساوڻ جا سپيئي ٿاروُن ورتُ رکنديون آهن. انَ کي ڪوٺبو آهي 'جيوتي آئي'. ڪنواريون ڇوڪريون وري گڻيش چوٿ کان هڪ ڏينهن اڳ 'هري تاليڪا' ورتُ رکنديون آهن.

گوداوري: اڙي واهَ! ساوڻ جي مهني ۾ آسين سيتلا ماتا جي اُستتيءَ ۾ ننڍي ۽ وڏي ٿڌڙي يا ستهن ملهائيندا آهيون. ٿڌڙيءَ کان هڪڙو ڏينهن اڳ رات جو ڪوڪيون ۽ مانيون پچائيبيون آهن ۽ ڇٽا پُسائبا آهن. ٿڌڙيءَ ڏينهن گهرڌياڻي سوير اُٿي سنان پاڻي ڪري ٻارن کي چنڊو هڻندي آهي. اُن ڏينهن گهرَ ۾ چُلهه نه ٻاربي آهي ۽ گهرَ جا سڀ ڀاتي ٿڌو کائيندا آهن. اوڙي پاڙي ۽ مٽن مائٽن ۾ ڪوڪيون ورهائبيون آهن ۽ مندرن ٺڪاڻن ۾ وڃي دانُ پُنُ ڪبو آهي. ساوڻ جي پورڻماسيءَ تي 'رکڙي' ڏڻُ ايندو آهي. ان ڏينهن تي ڀيڻ پنهنجي ڀاءُ کي رکڙي ٻڌندي آهي ۽ موٽ ۾ ڀاءُ ڀيڻ کي خرچي ۽ سوکڙيون ڏيندو آهي. ٻانڀڻ پڻ پنهنجي ڄجمانن جي گهرن

۽ دڪانن تي وڃي رکڙي ٻڌندو آهي. يجمان کيس
پيري پيئي آسيس مڱندا آهن ۽ ڏکڻا ڏيندا آهن.
جنماشٽميءَ ڏينهن وري ڀڳوان ڪرشن جو جنم ڏينهن
ملهائيندا آهن. ان ڏينهن ڀڳوان ڪرشن جي اُستتي
ڪبي آهي ۽ ورت رکبو آهي. رات جو چنڊ کي
ارگهہ ڏيئي ورت ڇوڙبو آهي.

سنڌو : ساوڻ جي پورڻماسيءَ ڏينهن اسين 'ناريل پورڻما' ڏڻ ملهائيندا آهيون. اسين ڀڳوان ڪرشن جو جنم ڏينهن 'گوڪل اشٽمي' نالي سان ملهائيندا آهيون. اُن کان پوءِ اسان جو وڏو ڏڻ ايندو آهي 'گڻيش چترٿي'. توکي خبر ئي آهي تہ اسان ۾ گڻيش جي پوڄا خوب ڌام ڌوم سان ٿيندي آهي. گڻيش چوٿ تي گهر گهر ۾ گڻيش جي استاپنا ڪئي ويندي آهي. هر گهٽيءَ ۽ چوڪ ۾ پڻ گڻيش جون عاليشان مورتيون رکيون وينديون آهن. ڇوڏس ڏينهن سرگس نڪرندي آهي ۽ مورتيون درياهَ ۾ پرواهَ ڪيون وينديون آهن.

گوداوري : اسان ۾ پڻ گڻيش چوٿ جو ورت رکيو ويندو آهي. اڄڪلهہ اسين پڻ اهو ڏڻ ڌام ڌوم سان ملهائڻ لڳا آهيون.

سنڌو : اُن بعد توهان ۾ پڻ پترُ پک شروع ٿيندو هوندو.

گوداوري : ها، اسين اُن کي 'شراڌ' ڪوٺيندا آهيون. ان پک ۾ سڀ پنهنجا پترَ پوڄيندا آهن. ٻانيڻن ۽ نياڻين کي کارائيندا آهن ۽ ڏکڻا ڏيئي آسيس وٺندا آهن. اُن کان پوءِ ايڪهٺا شروع ٿيندا آهن. نو ڏينهن ڪالي ماتا جي پوڄا ڪبي آهي ۽ ايڪهٺا رکبا آهن. ڏهين ڏينهن دسهڙو ملهائبو آهي.

سِنڌوُ : آسين پڻ دُرگا ماتا جي اِستتيءَ ۾ نوَ ڏينهن ’نوَراتري‘ مَلهائيندا آهيون ۽ ڏهين ڏينهن دَسهِرو. اُن کان پوءِ ايندي آهي ديپاوَلي.

گوداوَري : ڏياريءَ جا ٽي ڏينهن تہ اسان وٽ بہ ڏاڍي موج هوندي آهي. ڏياريءَ بعد آسان جو مُکيہ ڏڻ اَچي ٿو ترموري. اِهو ڏڻ اَڪثرَ ۱۴ جنوريءَ تي ايندو آهي. اِنَ ڏينهن هَر گهَر ۾ ترنِ جا بوٽيندا ۽ لاٽي ڏاهيندا آهن، کُلي، ساڳ ۽ مُوريون کائيندا آهن. مِٽنِ مائٽنِ ۽ پاڙي وارنِ ڏانهن بوٽيندا ۽ مِٺايون موڪليندا آهن.

سِنڌوُ : آسين اِنَ ڏڻ کي ’تِلي - سنڪرانتِ‘ ڪوٺيندا آهيون. سَيني کي ترَ گُڙُ ڏيندا آهيون ۽ چوَندا آهيون، ’تِل گُڙُ گهيا، گوڙ-گوڙ بولا‘ يعني تِرَ گُڙُ وٺو - مِٺو مِٺو ڳالهايو.‘

گوداوَري : آسان جو ٻيو مُکيہ ڏڻُ آهي شِوَ. شِوَ ڏينهن سَڀُ ماڻهوُ اَسُرَ جو اُٿي سَنان پاٽي ڪري شِوالي ۾ ويندا. شِوَ لنگ تي کيرُ ۽ بيل جا پن چاڙهي مٿو ٽيڪيندا آهن. سَڄو ڏينهن شوالي ۾ ميلو لڳو پيو هوندو آهي. راتِ جو وَري پَڄَنُ ڪيرتَنُ ٿيندو آهي. شِوَ بعدِ ايندي آهي هولي. هوليءَ کان اَٺ-ڏهَ ڏينهن اَڳُ ئي چوڪرا رانديون ڪندا آهن ۽ هوليءَ جي تياري ڪندا آهن. چوڪريون ۽ زالون راتِ جو روزُ ڪمُ ڪارِ لاهي ڪنهن وڏي اڱڻ ۾ ڪٺيون ٿي هوليءَ جا گيتَ ۽ ساکيون ڳائينديون آهن ۽ مَزيدارُ سانگ ڪنديون آهن.

هوليءَ ڏينهن سانجهيءَ وقتِ چوَڪ چوَڪ ۾

هولي ٻاريندا آهن. چوڪ جي هولڪا مان جاڳتو ڪڍي هر گهر جي اڱڻ ۾ پڻ هولڪا ڏڪائبي آهي. انهن هولڪا تي ڪچو ڌاڳو ويڙهيل ڪوڪيون پچائبيون آهن. ڪوڪي پچي ويندي آهي پر ڌاڳو نہ سڙندو آهي، جو جو اهو ڀڳت پرهلاد جو پرتيڪ مڃيو ويندو آهي. گهر جا سڀ ڀاتي هولڪا اڳيان مٿو ٽيڪي پرساد ونڊندا آهن. انهن ڏينهن گيهر ۽ ٻيون مٺايون کائيندا ۽ کارائيندا آهن. هوليءَ جي ٻئي ڏينهن کي چئبو آهي 'ڌوڙيو'. سڀ موج ۾ اچي هڪ ٻئي کي گلال ۽ رنگ هڻندا آهن. سڀ ويڇا وساري ڀاڪر پائي خوش ٿيندا آهن.

سنڌو : واه! ڪيترا نہ مزيدار آهن اسان جا اهي ڏڻ وار.

چونڊ نوان لفظ :

آسُر = پرڀات ويلا ؛ سَوڻ = سُڳڻ ؛ ورت = اپواس ؛ ٿاورن = شڪروار، جمعو ؛ چوٿ = چترٿي ؛ گهرڌياڻي = گهر جي مالڪياڻي ؛ ساکي = هڪ قسم جو گيت ؛ جاڳتو = آڳ، ٻرندڙ ڪوئلا وغيره ؛ ڏڪائڻ = ٻارڻ ؛ گيهر = گيهہ ۾ تريل وڏيءَ جليبيءَ جهڙي مٺائي.

ارگهہ : هندو رواج موجب ديوتائن، سج يا چنڊ وغيره کي ٿڪ ۾ جل ڀري چاڙهيو ويندو آهي انَ کي 'ارگهہ ڏيڻ' ڪوٺبو آهي.

ڇنڊو : ديوتائن، سج يا چنڊ کي ارپڻ کان پوءِ جل گهر، دڪان يا ماڻهن تي انَ مراد سان ڇڻبو آهي تہ انهن تي ديوتائن جي مهر رهي ۽ جيون خوشحال بڻجي. اِن کي ڇنڊو هڻڻ چئبو آهي.

هولڪا : پُراڻُ ڪٿا مُوجب اَيماني راجا هَرڻاڪشيپ جو حُڪم هو تہ سَندس راڄ ۾ رُڳو ڪيس پوڄيو وڃي. پر سَندس پُٽُ ڀڳت پَهلاڄَ ڀڳوانَ وشنوءَ جي ڀڳتي ڪندو هو. پٽس کيس ختمُ ڪرڻ لاءِ انيڪ طريقا اپنائڻ لڳو. هولڪا هَرڻاڪشيپ جي ڀيڻ هُئي. هُنَ وٽِ هڪ اَهڙي لوئي هُئي جنهن کي پائڻ سان هُنَ تي باهِ جو اثرُ نہ ٿيندو هو. اِنَ ڪري ڪاٺيُن جي وڏي ڍيرَ تي هُوءَ پَهلاڄَ کي گودِ ۾ جهلي ويٺي. اِنَ بعد باهِ دُکائي وئي. پَرڀوءَ جي ليلا سَبَبِ پَهلاڄُ تہ بَچي ويو پرَ هولڪا جَلي ڀسمُ ٿي وئي. اُنَ ڏينهُن کان هوليءَ تي هولڪا جَلائيندا آهِنِ.

اَڀياسُ

سُوالُ ١ سُوالَنِ جا جَوابَ لِکو :

١) 'چاليهو' ڪڏهَن ۽ ڪيئَن مَلهائبو آهي ؟

٢) ٿَڌڙي ڪنهن جي اُستُتيءَ ۾ ۽ ڪيئَن ملهائبي آهي ؟

٣) سِنڌي هوليءَ جو ڏڻُ ڪيترا ڏينهَن ۽ ڪهڙيءَ ريتِ مَلهائيندا آهِنِ ؟

سُوالُ ٢ خالَ ڀري جُملا پورا ڪريو :

١) گوگڙي تي ــــــ جي پوڄا ڪبي آهي.

٢) ٿڌڙيءَ تي ــــــ جي اُستُتي ڪبي آهي.

٣) ــــــ تي ڀيڻَ ڀَنِهنجي ڀاءُ کي رَکڙي ٻَڌندي آهي.

٤) ــــــ تي ڀڳوانَ ڪرشن جو جَنمَ ڏينهُن ملهائبو آهي.

٥) ايڪَهٽَنِ ۾ ــــــ جي پوڄا ڪبي آهي.

سُوالُ ٣ ڦوري ۾ لِکو :

گوڏڙو، ٽِيجڙِي، رَڪڙِي، جَنماشٽمِي، ٽِرَمُورِي، ڇِٺَ.

سُوالُ ٤ مِثالُ موجبِ جُملا ڦيري لِکو :

مِثالُ : ڪيٽِرا نَہ مَزيدارُ آهِنِ آسان جا ڏِڻَ وارَ!

آسان جا ڏِڻَ وارَ ڏاڍا مَزيدارُ آهِنِ.

١) ڪيٽِرو نہ سُٺو آهي تاجمَحلُ!

٢) ڪيٽِري نَہ پيارَ آهي ميلي ۾!

٣) ڪيٽِريوُن نَہ سُنيوُن لوڪ ڪٿائوُن آهِنِ سنڌيءَ ۾!

٤) ڪيٽِرا نہ هوشيارُ آهِنِ اَڄُڪلهہ جا ٻارَ!

١٣. اَمَرُ شَهيدُ هيمُوَ ڪالاڻي

مُلڪ جي آزاديءَ جي هَلچَلِ ۾ سِنڌُ جو پڻ سارالهٗ جوڳو يوڳدانُ رَهيو آهي. مَهاتما گانڌيءَ جي سَڏَ تي هزارين آزاديءَ جي ڪانڪيُنِ اَهِنسا ۽ اَسهڪار جي هٿيارَنِ سان انگريزَنِ جو مُقابِلو ڪيو. ٻِئي پاسي وَري هيمُوءَ جهڙا اَنيڪ اِنقلابي پَروانا آزاديءَ جي شمع تي پاڻُ قربانُ ڪَرَڻَ لاءِ تيارُ ٿيا.

هيمُوَ ڪالاڻيءَ کي سِنڌُ جو ڀڳتسنگهُ ڪوٺيو وَڃي ٿو. سَندَسِ جَنَمُ ٢٣ مارچ ١٩٢٣ع. تي سَکَرَ ۾ ٿيو. نَنڍپڻ کان ئي هوُ سَچارُ ۽ بي ڊپو هو. سَندَسِ رَڳَ رَڳَ ۾ وَطن پَرَستيءَ جو جذبو ڀَريَلُ هو. اِنَ ڪَري هوُ نَنڍيءَ اُورجا ۾ ئي وَڃي اِنقلابيُنِ جي ٽوليءَ ۾ شامِلُ ٿيو.

سَنہ ١٩٤٢ع. جي ڳالهہ آهي. سِنڌُ ۾ مارشَلَ لا لَڳَلُ هو. هِڪَ ڏينهُن هيمُوُ ۽ سَندَسِ ساٿي پاڻَ ۾ ڳالهائي ٻولائي رَهيا هُئا تہ وَٽِنِ سَندَنِ هِڪَ ساٿيءَ اَچي چَيو، 'دوستو، هِڪَ اَهَمُ خَبَرَ مِلي اٿم.'

. 'جَلدُ ٻُڌاءِ، ڪهڙي خَبَرَ آهي؟' اُتي ويٺَلَنِ مان هِڪڙي پُڇيو.

'اَڄُ راتِ جو آزاديءَ جي ديوانَنِ کي دَٻائڻَ لاءِ هٿيارَنِ ۽ بارُودَ سان ڀَريَلَ انگريزَنِ جي ريلَ گاڏي هِتان لَنگهڻي آهي. اِها گاڏي روهڙيءَ کان ٿيندي ڪوئٽا ويندي.'

'اَسان کي ڪُجهہ ڪَرَڻُ کپي.'

'اَسين اَها گاڏي ڪيرائي پَنهِنجي ساٿيُنِ جو بَچاءُ ڪنداسين ۽ انگريزَنِ کي سَبَقُ سيکاريَنداسين.'

هيمُوءَ اِنَ ڪَمَ جي جَوابداري پاڻَ تي کَنئي. پَڪَڙَ ۽ هٿوڙو کڻي بِنِ ساٿيُنِ سان راتِ جي اونداهيءَ ۾ ريلَ جي

پَٽن جوُن فِش پليٽوُن کَيڏهَ جي کَمَر ۾ لڳي ويو. ايتري ۾ پَهريدارُ اچي اُتي پُهتا. سَندَس ٻئي ساٿِي تہ ڪِين هٿِ نہ آيا پرَ هوُ هيموءَ کي پَڪڙي ٿاڻي وٺي ويا ۽ وٽِي سَمورو اَحوال ڏنائوُن.

’چا توُن سچ پچ ريل جا پٽا کولي رهيو هُئين؟‘ اِنسپيڪٽرَ هيموءَ کان پُڇيو.

’ها اِنسپيڪٽرَ صاحِبَ، ظُلمي راڄ خَتمَ ڪرڻ جو ٻِيو ڪو بہ طريقو ڪونہ بَچيو آهي. اَسان جي ٻاپوءَ پڻ اَسان کي ”ڪَريو يا مَرو“ جو مَنترُ ڏنو آهي.‘

’ٻِڌو اَٿمِ توسان ٻہ ڄڻا ٻيا بہ هُئا.‘

’ها، هُئا.‘

’جي توُن اَسان کي اُنهن جا نالا ٻُڌائيندين تہ اَسين توکي آزادُ ڪري ڇڏيِنداسين.‘

’اُنهن جا نالا آهن: پَڪڙُ ۽ هٿوڙو..... سُوال مُنهنجي آزاديءَ جو ناهي، سُوالُ آهي ڀارتَ ماتا جي آزاديءَ جو، جا صَدين کان غُلاميءَ جي زَنجيرُن ۾ جَڪڙي پيئي آهي. هَرَ قُرباني ڏيئي ڀارتَ ماتا کي آزادُ ڪرائڻو آهي. اِنسپيڪٽرَ، توهين بہ مون سان هڪ وار چئو ”ڀارتَ ماتا جي جَئہ!“‘

’وٺي وڃو هِنَ نادانَ ڇوڪري کي هِتان، وڃي کَهڙي نَموُني بہ سَچي ڪَرايوس.‘ اِنسپيڪٽرَ ڪاوڙ وچان چيو.

هيموءَ کي پوليس انيڪ تڪليفون ڏنيوُن پر هو پنهنجي ڳالهہ تي قائِمُ رهيو. معاملو پوليس کان فوَجي عدالت ۾ پُهتو. پرَ هيموءَ جو رُخُ ڇِٽو هو. ڪيس نہ ڪنهن قسم جو پڇتاءُ هو ۽ نہ ئي معافيءَ جي طلب. آخر ڪورٽ فيصلو ڪيو تہ هيموءَ کي ٢١ جنوري ١٩٤٣ع تي ڦاسي ڏني وڃي. هيموءَ کي اِن ڳالهہ جي خُوشي هُئي تہ هو وطن لاءِ پنهنجي جانِ

قربانُ ڪري رهيو آهي. جيلَ ۾ سَندس ڏهہ پائونڊ وَزنُ وڌي ويو هو. جڏهن سَندس ماتا ۽ مِتَ مائِٽَ گَڏجڻ آيا تڏهن ماتا جي اَکيُن ۾ آنسو ڏِسي هيموءَ چَيُس، 'اَمڙِ، تون روئِين پيئي! توکي تہ ناز هئڻ گهرجي تہ تنهنجو پُٽ ملڪ تان قربانَ ٿي رهيو آهي. تون ٿي تہ چوندي آهين، هيءُ سريرُ ناسونتَ آهي، آتما اَمرُ آهي. اَمڙِ، ماترڀوميءَ لاءِ مان وَري جَنَمُ وَٺندس.'

'انقلابَ زِندَهَ آباد'، 'ڀارَتَ ماتاجي جَئِہ' جا نعرا هڻندي، ڪِلندي ڪِلندي آزاديءَ جو هي ديوانو ڦاسيءَ جي ڦندي ۾ جهولڻ لڳو. سَندسِ قرباني ڏِسي سِڀني جوُن اَکيوُن نَمُ ٿي ويوُن.

چوَنڊ نوان لَفظَ ۽ اِصطلاحَ :

لَفظَ : ساراهَ = تعريفَ ؛ ڪانڪي = اِڇا رَکَندڙ، خواهِشمَندُ ؛

اَنقلابي = ڪرانتيڪاري ؛ پَروانو = پَتَنگُ ؛ شَمع = ڏيئو، ٻَتي ؛ وَطَن پَرستي = ديش ڀڳتي ؛ بي ڊَپو = نِڊَرُ، ٻَهادُرُ ؛

اُونداهو = اَنڌڪار سان ڀَريلُ ؛ جذبو = ڀاونا ؛

ناسونتُ = نَشورُ ؛ قُرباني = ٻَليدانُ ؛ طَلَبَ = اِڇا ؛

نَمُ = آلو، پِنَلُ.

اِصطلاحَ : سبق سيکارڻ = سکيا ڏِيَڻُ ؛ سَچِي ڪرائِڻُ = سَچُ قَبوُلُ ڪرائِڻُ ؛ اَکيوُن نَمُ ٿِيَڻُ = اَکيُن ۾ آنسو ڀَرجِي اَچَڻُ.

اَڀياسُ

سُوالُ ۱ سُوالَنِ جا جَوابَ لِکو :

۱) هيموُ ڪالاڻيءَ کي سِنڌُ جو ڀڳتسِنگهہ ڇو ٿو ڪوٺيو وَڃي ؟

٢) هيمو ڪالاڻيءَ جو جنم ڪڏهن ۽ ڪٿي ٿيو هو؟
٣) ننڍپڻ کان ئي هيمو ڪهڙي سڀاءَ جو هو؟
٤) هيموءَ جا ساٿي ڪهڙي خبر کڻي آيا؟
٥) انگريزن کي سبق سيکارڻ لاءِ هيموءَ ۽ سندس ساٿين ڪهڙي رٿا رٿي؟
٦) هيمو ڪهڙي الزام ۾ پڪڙيو ويو؟
٧) پوليس انسپيڪٽر هيموءَ کان ڇا پڇيو؟ هيموءَ کيس ڪهڙو جواب ڏنو؟
٨) فوجي عدالت ڪهڙو فيصلو ڪيو؟ ڇا اهو فيصلو ٻڌي هيمو ڏکي ٿيو؟

سوالُ ٢ حوالا ڏيئي سمجهايو :

١) توهين بہ مونسان هڪ وار چئو، 'ڀارت ماتا جي جئه'.
٢) اسان جي باپوءَ پڻ اسانکي 'ڪريو يا مرو' جو منتر ڏنو آهي.
٣) ماترڀوميءَ لاءِ مان وري جنم وٺندس.

سوالُ ٣ جُملن ۾ استعمالُ ڪريو :

سبق سيکارڻ، سچي ڪرائڻ، اکيون نم ٿيڻ.

سوالُ ٧ مثالن موجب لفظ جوڙيو :

مثالُ : سهڪار - اسهڪار

سنتوش، گيانُ، نياءُ، ڌرمُ، ناٽڪُ.

مِثالُ : آزادُ - آزادي

غلامُ، جوابدار، قربان، دوست، چور.

سوالُ ٥ مثالُ موجب جملا ڦيري لکو :

مثالُ : تو ريل جا پٽا کوليا.

توهان ريل جا پٽا ڪولي رهيو هئين.

١) توهان پاڻ ۾ ڳالهايو.
٢) هُنَ ماستريائيءَ آزاديءَ جو گيتُ ڳاتو.
٣) ڇوڪري گهر جو ڪمُ پورو ڪيو.
٤) آزاديءَ جي ديوانن انگريزن سان مُقابلو ڪيو.

سُوالُ ٦ مِثالُ موجب مُرڪبُ جُملا جوڙيو :

مِثالُ : سُوالُ ڀارتَ ماتا جي آزاديءَ جو آهي. هُوءَ صَديُن کان غُلاميءَ جي زنجيرُن ۾ جڪڙي پيئي آهي.

سُوال ڀارتَ ماتا جي آزاديءَ جو آهي جا صَديُن کان غُلاميءَ جي زنجيرُن ۾ جڪڙي پيئي آهي.

١) اِهو شَهيدَ جو پُتلو آهي. هُنَ وَطَن لاءِ پنهنجا پراڻ قُربانُ ڪيا.
٢) هيءَ سنڌي اکاڻي آهي. اِها هنديءَ ۾ تَرجُمو ڪئي ويئي آهي.
٣) هُو ڳوٺاڻا آهن. اِهي روزگارَ جي تَلاشَ ۾ شَهَرَ ۾ آيا آهن.
٤) هي سُٺيوُن ماستريائيوُن آهن. اِنهَن اسان کي پڙهايو آهي.

❋ ❋ ❋ ❋ ❋

١٤. ڀڳتِ

سنڌي لوڪ سنسڪرتيءَ جو اڻونڊيو حصو آهي ڀڳتِ. دراصلِ ڀڳتِ ڪيرتنَ جو ئي هڪُ نمونو آهي. پيشڪشِ يا سِٽاوَ جي خيالَ کان ڪٿا، راڳُ، ناچَ ۽ ناٽڪ جو انوکو ميلُ آهي ڀڳتِ.

ڪو وڏو ڏڻُ وارُ هُجي يا ورِي ڪو خوشيءَ جو موقعو هُجي تہ ڀڳتِ جو پروگرامُ وَکيو وڃي ٿو.

راتِ جو ماني کائي گهرَ جو ڪمُ ڪار لاهي ننڍا وڏا، پڙهيل اڻپڙهيلَ، نرَ نارِيوُن، هندوُ مومنَ سڀُ اچي ڪٺا ٿيندا ڳوٺَ يا ڪالونيءَ جي ڪُشادي کُليلَ پڊَرَ يا منڊپ ۾ جتي ڀڳتِ پوندي.

ڀڳتِ جي ٽوليءَ ۾ اڪثر ڇهہ-ستَ فنڪارَ هُوندا آهِنِ. هڪ وڏو ڀڳتَ ۽ هڪُ بہ ننڍا ڀڳتَ يا بولڙيا ۽ باقي سازِندَڙَ. هڪُ ڍوڪڙي، هڪُ باجي وارو ۽ ٻيا مَنڪو، ڪنجڙي ۽ ٻيا سازَ وڄائيندَڙَ. وڏو ڀڳتُ داستان گوئيءَ يعنيِ ڪٿا ٻڌائڻ، راڳ ۽ ناچَ جي فنَ ۾ پڙُ هُوندو آهي. سندَسِ پوشاڪ پڻ نِياري هُوندي آهي. بدَنَ تي وڏو ويڪرو جامو، ڪمرَ ۾ ڪمربَندُ، ڳچيءَ ۾ دوشالو، مٿي تي خاصِ پيلي يا ڳاڙهي پڳڙي، ڪننِ ۾ ڪُنڊلَ ۽ پيرَنِ ۾ ڇير.

ڀڳتِ جي شُروُعاتِ پربوءَ جي پرارٿنا سان ٿيندي آهي. هُنَ بعدِ وڏو ڀڳتِ سِکيا ڏيندڙَ پوراڻڪ ڪٿا يا لوڪ ڪٿا ڪٿندو آهي. سندَسِ بولڙيا جُملا دُهرائي، سُرَ ۾ سُرُ مِلائي ڪٿا کي وڌيڪ دِلچسپُ ۽ اثردار بڻائيندا آهِنِ. ڪٿا جي تاڃي پيٽي ۾ شِعِلي ۽ سِياوِيڪُ نموني ڏوهيڙا، بيتَ، ڪافيوُن ۽ ننڍا وڏا وِندُرائيندَڙَ اِخلاقي قِصا پڻ جوڙيا ويندا آهن. اِنَ رِيتِ مُکيہ ڪٿا مان ٻيوُن ڪٿائون ۽ راڳ پيا ڦُٽندا. ماڻهو

خوش ٿي پيا جهومندا، گهورون گهوريندا، باسون باسيندا ۽ ٻچڙن جي وڏي اورچا لاءِ لولي ڏياريندا. ڀڳت صاحب جڏهن گول گهيرا پائي تمام تيز رفتار سان نچندو يا وري ڪن تي هٿ رکي، 'او... او... او... او...' ڪري ڪو سوز ڀريو راڳ ڇيڙيندو تہ ماڻهو پنهنجي سڌ ٻڌ وساري ويهندا. راڳن جي اُها پلٽا پلٽ لڳي پيئي هوندي جو ڪين خبر ئي ڪانہ پوندي تہ ڪڏهن اسر ٿي ويو. پڇاڙيءَ ۾ پلئہ پائي مالڪ ڪان سيني جي منوڪامنا پورن ڪرڻ لاءِ هن ريت دعا گهرندا :

'پلئہ جي پائين، دولهہ تنهنجي در تي،
دولهہ در آيِن جا عرض اونائين،
تن جا تنَ منَ جا تون ڏکڙا مٽائين،
هاڻي آسون اگهائين، آس آسوندن جون.'

ڀڳت پوري ٿيڻ بعد هرڪو پرساد ورتائي پنهنجي گهر موٽندو.

ڀڳت ڪنوررام کي ڀڳتن جو سرموڙ ليکيو وڃي ٿو. سنڌ ۽ هند ۾ ٻيا بہ انيڪ ڀڳت ٿيا آهن. سنڌي تهذيب ۽ سنڌين ۾ ايڪو قائم رکڻ لاءِ تهذيبي ايلچي پروفيسر رام پنجواڻيءَ اِن لوڪ ڪلا کي عوام ۾ ڪافي لوڪپريہ بڻايو. اَڄ بہ سنڌيءَ جا گهڻ گهريا اِن فن کي قائم رکڻ ۽ وڌائڻ لاءِ ساراهہ جوڳي ڪوشش ڪري رهيا آهن.

چونڊ نوان لفظ ۽ اصطلاح :

لفظ : اڻونڊيو = جنهن کي جدا نہ ڪري سگهجي ؛

پيشڪش = پيش ڪرڻ جي ڪريا ؛ سٽاءُ = بناوٽ ؛ پڙُ = کليل ميدان ؛ فنڪار = ڪلاڪارُ ؛ سازيندڙ = ساز وڄائيندڙ ؛ ڍوڪڙي = ڍُڪڙ وڄائيندڙ ؛ داستان گوئي = ڪٿا

پڌائڻ جو ڍنگ، دوشالو = ڊپٽو، ڇبر = گهنگهرو، تاڃي پيٽو = ٻناوت، اُٺت، آخلاقي = نيتڪ سکيا ڏيندڙ؛
سوز = درد، پلئا پلٽ = هڪ پليان بيو، دُعا = آسيس؛
سنگت = پڳت يا ڪيرتن ۾ حاضر لوڪ؛
سرمور = بهترين، سيني کان سٺو، سُڌ ٻُڌ = هوش؛
آسوند = ڪامنا رکندڙ، ايلچي = سنديش پهچائيندڙ، دوت.

اصطلاح: گهور ڙڻ = رپيا پيسا وغيره ڪنهن جي مٿان گهمائي
دان ڪرڻ؛ باس باسڻ = منوڪامنا پوري ٿيڻ تي
دان پُنّ يا پوڄا پاٺ ڪرائڻ جو سنڪلپ ڪرڻ؛
عرض اونائڻ = وينتي ٻڌڻ؛ آسون اگهائڻ = منوڪامنائون
پورڻ ڪرڻ.

اڀياس

سوال ۱ سوالن جا جواب لکو:

۱) پڳت جا آهي؟ پيشڪش جي لحاظ کان اِن جون ڪهڙيون خوبيون آهن؟
۲) پڳت جي پوشاڪ ڪهڙي هوندي آهي؟
۳) قابل پڳت ۾ ڪهڙيون خوبيون هونديون آهن؟
۴) پڳت جي ڪيتر ۾ سنت ڪنور ۽ پروفيسر رام پنجواڻيءَ جو ڪهڙو يوگدان رهيو آهي؟

سوال ۲ ٺوري ۾ لکو:

ٻولڙيو، لولي، پلئُو.

سوال ۳ توهان جي ڪيتر ۾ ڪيرتن جي ڪنهن قسم جو ٺوري ۾ بيان ڪريو.

سُوالُ ۴ جُملَن ۾ اِستعمالُ ڪَريو :

گهورَ گهورَڻُ، باسَ باسَڻُ، عَرضَ اوناڻُ، آسُون اَگهائِڻُ.

سُوالُ ۵ مِثالَن جي آڌارَ تي لَفظَ جوڙيو :

مِثالُ : پَڙهيَلُ - اَڻپَڙهيَلُ

سُڄاتَلُ، پورو، پُڌو، ڏٺو، سِڌو.

مِثالُ : فَنُ - فَنڪارُ

ساڄت، ڪَلا، گِيتُ، ادا، هِدايَت.

سُوالُ ٦ مِثالَ مُوجِبَ جُملا ڦيري لِکو :

مِثالُ : ڪو وڏو ڏڻُ وارُ آهي.

ڪو وڏو ڏڻُ وارُ هُجي.

۱) ڏِسَ ڪَمِري ۾ ڪي چوڪرا آهِن.

۲) ڪو گهرَ ۾ وَڏو آهي تہ ڪيسِ سَڏ ڪَر.

۳) تو وَٽ ڪا سُني پينَ آهي تہ مونکي ڏي.

۴) توهان کي ڪي نندِيُون آکاڻيُون يادِ آهِن تہ ٻارَن کي ٻُڌايو.

سُوالُ ۷ مِثالَ موجِبَ جُملا ڦيري لِکو :

مِثالُ : ٻَچَتِ جو پروگرامُ رَکيو وَڃي ٿو.

ٻَچَتِ جو پروگرامُ رَکجي ٿو.

۱) ڪَنوَرُ ٻَچَتَن جو سِرمورُ ليکيو وَڃي ٿو.

۲) غَريبَن جي مَدَدَ ڪَئي وَڃي ٿي.

۳) ٻارَن کي ڪِتابَ مَفتُ ڏِنا وَڃَن ٿا.

۴) مِزمانَن کي خُوبَ مِنايُون ڪارايُون وڃَن ٿيون.

سُوالُ ۸ مِثالَ موجِب جُملا ڦيري لِکو :

مِثالَ : ماڻهو خُوش ٿي گهورُون پيا گهورِيِن.

ماڻهو خُوشِ ٿي گهورُون پيا گهوريندا.

١) توُن ھُن کي ڀيو ساراھين.
٢) سَڀُ ڀَڳَتَ ڪَنوَررامَ جا گُڻَ پيا ڳائِين.
٣) ھُوءَ خوشيءَ وِچان پيئي نَچي.
٤) تَوھين ڪيسِ پيَسا پيا موڪِليو.
٥) آسِين تَوھان سان پيا مِلون.
٦) مان ڳوٺَنِ جو سيرَ پيئي ڪَريان.

✱ ✱ ✱ ✱ ✱

١٥. مُنهِنجي اَمڙِ

مُونکي ڪَنهِن تي ڪيرُ پيئاريو،
پيارَ مَنجهان تي گودِ وِهاريو؟
خوُشِ ٿي هَرَ هَرَ موُن ڏي نِهاريو،
مُنهِنجي اَمڙِ، مُنهِنجي اَمڙِ!

ننڊَ ڦِٽي مُون جڏهِن ٿي پيئي،
ڪَنهِن تي سُمهاريو لولي ڏيئي؟
ڇَڏي نَہ مُونکي ڪيڏانهُن ويئي،
مُنهِنجي اَمڙِ، مُنهِنجي اَمڙِ!

ننڊُ ڪَندي جي ڏِکو کاڌُمِ،
ڪَنهِن ڪَٽي ٿي ڇاتيءَ لاتُمِ؟
پيارَ مَنجهان تي پاڪَرُ پاتُمِ،
مُنهِنجي اَمڙِ، مُنهِنجي اَمڙِ!

وَڏي جَڏهِن مان وَڏو ٿيندُسِ،
شُڪرَ سَوين مان توکي ڏيندُسِ.
تو تي پَنهِنجو ساهُہ ڇَڏيندُسِ،
مُنهِنجي اَمڙِ، مُنهِنجي اَمڙِ!

چوُنڊَ نَوان لَفظَ ۽ اِصطِلاحَ :

لَفظَ : ٿي = پِئي؛ مَنجهان = مان، وِچان؛ ڏي = ڏانهُن؛
نِهارَڻُ = ڏِسَڻُ؛ ساهُہ = پراڻَ، جانِ.

اصطِلاحَ : ننڊَ ڦِٽَڻُ = ننڊَ نَہ اَچَڻُ؛ ڏِکو کائڻُ = ڪِري پَوَڻُ، ٺوڪَرَ کائِڻُ؛ ڇاتيءَ لائڻُ = گَلي لَڳائِڻُ، ڀاڪُرُ پائِڻُ.

اڀياس

سوالُ ١ سوالن جا جواب لکو :

١) ماءُ پنهنجي ٻار کي ڪهڙي نموني پالي وڏو ڪري ٿي ؟

٢) اولاد جو ماءُ لاءِ ڪهڙو فرض آهي ؟

سوالُ ٢ ڏنل اشارن جي آڌار تي آکاڻي لکو :

ماءُ

ماءُ جو لاڏلو پٽ راجو - امتحان جو ڏينهن - هو سڪول ڏانهن روانو - رستي تي رميش سان ملاقات - ٻنهين جي امتحان لاءِ تياري نه هئڻ - رميش جي صلاح - سڪول نه وڃي هيڏانهن هوڏانهن گهمڻ - شام جو گهر موٽڻ - ماءُ جو راجوءَ کان امتحان بابت پڇڻ - ڪوڙ ڳالهائڻ - پيپر تمام سولو ۽ سٺو - ماءُ جو سمجهي وڃڻ - پٽ سان پورا ٽي ڏينهن نه ڳالهائڻ - راجوءَ جو پشيمان ٿي روئي سچ ٻڌائڻ - معافي گهرڻ - ڪڏهن به ڪوڙ نه ڳالهائڻ جو واعدو ڪرڻ - ماءُ جو پٽ کي ڀاڪر ۾ ڀرڻ.

سوالُ ٣ ’ماءُ جي ممتا‘ وشيه تي ١٥ - ٢٠ جملا لکو.

سوالُ ٤ جملن ۾ استعمال ڪريو :

ننڊ ڦٽڻ، ڏکو ڪاٽڻ، ڇاتيءَ لائڻ.

سوالُ ٥ مثالن موجب صحيح ڪريا روپ ڀري جملا پورا ڪريو :

ٻارُ کيرُ پيئي ٿو. ماءُ ٻارَ کي کيرُ پيئاري ٿي.

١) ٻارُ سمهن ٿا. ماءُ ٻارن کي ______ ٿي.

٢) شاگرد لکن ٿا. ماستر کين ______ ٿو.

٣) اسين چانهه پيئون ٿا. رميش اسانکي چانهه ______ ٿو.

٤) سڀ فارم ڀرين ٿا. صاحب هنن کان فارم ______ ٿو.

٥) ٻارَ ڏاڍو ڪِلَنِ ٿا. ٻاندرُ ڪُنَنِ کي ـــــ ٿو.

سُوالُ ٨ مِثال مؤجب ضَميرِي لَفظَ هٽائي ضَميرِي پڇاڙيوُن اِستعمالُ ڪري جُملا وَرِي لِکو :

مِثالُ : موُن پَنڌُ ڪندي ڏَکو کاڌو.

پَنڌُ ڪندي ڏِکو کاڌُمِ.

١) اَسان صُبحَ جو چانهِه پيتي.

٢) تو پَنهِنجو ڪمُ پوُرو ڪَيو.

٣) موُن دوستَ کي چِٺي لِکي.

٤) تَوهان هِڪڙو سَنڌي راڳُ ٻُڌايو.

٥) هُنَ پاسِ لِيکَ جي خُوشيءَ ۾ مِٺائي وِرهائي.

٦) هُنَن سَهِني کي پَنهِنجي گهَرِ گهُرايو.

❋ ❋ ❋ ❋ ❋

١٦. سنڌي ٻولي

سنڌي ڏکڻ ايشيا جي هڪ اهم اُسريل ٻولي آهي. اها هڪ قديم، اعليٰ ۽ شاهوڪار ٻولي آهي. هن وقت دُنيا ۾ سنڌي ڳالهائيندڙن جو تعداد اٽڪل ڏيڍ ڪروڙ آهي. جنهن مان اٽڪل هڪ ڪروڙ ويهه لک پاڪستان ۾ (گهڻي ڀاڱي سنڌ صوبي ۾) رهندا آهن. پنجويهه لک ڀارت جي جدا جدا صوبن ۾ (خاص ڪري گجرات، مهاراشٽر، راجسٿان، اُتر پرديش ۽ دهليءَ ۾) وسيل آهن ۽ پنج لک ڪن ٻين مُلڪن ۾ ٽڙيل پکڙيل آهن.

سنڌي ٻوليءَ جي بُنياد جي باري ۾ ودوانن جا جُدا جُدا رايا آهن. ڪن جو چوڻ آهي ته سنڌي اوترِي ئي قديم آهي جيتري سنڌو ماٿريءَ جي سڀيتا. ڪي سنڌيءَ کي سنسڪرت جي ماءُ ٿا مڃين، ته ڪي ورِي ڀيڻ. پر گهڻي ڀاڱي ودوان ان رايي تي پڪا آهن ته ٻين آريه ٻولين جيان سنڌي ٻوليءَ جو بُنياد پڻ سنسڪرت ئي آهي. ٻين آريه ٻولين جيان سنڌيءَ پڻ پالي، پراڪرت ۽ اپڀرنش جون منزلون طئه ڪري ڏهين صديءَ ڌاري پنهنجو جديد روپ اختيار ڪيو.

چئبو آهي، 'چئن ڪوهن تي پاڻي بدلي، اٺن ڪوهن تي ٻاڻي.' ڀوڳولي ڪيترن جي آڌار تي سنڌيءَ جون مکيه ڇهه اُپڀاشائون مڃيون وڃن ٿيون: سرائڪي، وچولي، لاڙي، لاسي، ٿري ۽ ڪڇي. وچوليءَ کي ٻوليءَ جو معياري روپ مڃيو وڃي ٿو.

صدين کان سنڌ جا تجارتي ۽ تهذيبي ناتا دُنيا جي انيڪ مُلڪن سان رهيا آهن جنهن جو اثر ٻوليءَ تي پوڻ سڀاويڪ آهي. عربن جي سنڌ فتح ڪرڻ کان وٺي اڄ تائين

سِنڌيءَ تي عَربي - فارسيءَ جو ڪافي اَثرُ پيو آهي. اَنگريزي حُڪومَت سَبَب ڪيترائي اَنگريزي لَفظ پڻ سِنڌيءَ ۾ مُروجُ ٿي ويا آهِن. ڇَئِن پنجَن ڏهاڪَن کان سِنڌ جي زَمين کان ڪٽجي وَڃَڻ سَبَب ڀارَت جي سِنڌي ٻوليءَ ۾ اُپ ڀاشائُن جو تفاوَتُ ڪافي حَدَ تائين گهَٽجي ويو آهي. هِتِ گهڻي ڀاڱي معياري سِنڌيءَ جو ئي واهپو وَڌي ويو آهي جنهن تي ڪُجهه حَدَ تائين مَڪاني ٻوليُن جو اَثرُ ڇٽو نَظر اَچَڻ لَڳو آهي. سِنڌُ ۾ پڻ سِنڌيءَ تي اُردوءَ جو اَثرُ وَڌي رَهيو آهي. ايترو هُوندي بہ سِنڌي پَنهنجو نِجُ رُوپُ پوريءَ طَرَح قائِمُ رَکيو آهي.

قَديمُ زَماني جي سِنڌوُ ماٿريءَ واري لِپي اَڄ تائين وِدوانَ ٻوريءَ ريتِ پَڙهي نہ سَگهيا آهِن. اِنَ ڪري اِنَ لِپيءَ جو اِستعمالُ ڪَڏهِن کان شُروُع ٿيو ۽ ڪَڏهِن اِنَ ۾ ڪهڙو ڦيرو ڪهڙي نَموني آيو اِنَ جو پورو اَيياسُ نہ ٿي سَگهيو آهي.

اَنگريزَن دَوران سِنڌُ فَتحَ ڪَرَڻَ بعدِ سِنڌ ۾ سَرڪاري ڪاروبارَ ۽ تعليمَ لاءِ سِنڌيءَ جو اِستعمالُ ڪَرَڻَ جو فيصِلو ڪيو ويو. اُنَ وَقتِ سِنڌُ ۾ سِنڌيءَ لاءِ مُختَلِفُ لِپيوُن مُرَوَجُ هُيوُن. مُسلمانَ ۽ فارِسي ڄاڻَندڙَ هِندوُ عَربي لِپي اِستعمالُ ڪَندا هُئا؛ هِندو لوڪَ ديوَناگِري ڪَتَب آڻيندا هُئا. اِسماعِيلي مُسلمانَ پڻ ديوَناگريءَ جو هِڪُ جهوُنو رُوپُ 'چاليهہ اَکري' اِستعمالُ ڪَندا هُئا. واڻيا هَٽواڻڪي ڪَتَب آڻيندا هُئا. هِندو زالوُن ۽ نانڪ پَنٿي گُرمُکي اِستعمالُ ڪَندا هُئا. اَنگريزي حُڪومَت دَوران سَنہ ١٨٥٣ع ۾ سِنڌيءَ لاءِ سُڌاريلَ عَربي سِنڌي لِپي اِستعمالُ ڪَرَڻَ جو فيصِلو ڪيو. اِها لِپي اَڄُ تائين اِستعمالُ ڪَئي پيئي وَڃي. ڀارَتَ ۾ اِنَ لِپيءَ سان گَڏوگَڏُ سِنڌيءَ لاءِ ديوَناگري لِپيءَ جو اِستعمالُ پڻ ڪيو پيو وَڃي.

اَدَب جي لِحاظَ کان سِنڌي هِڪَ ڏنوانُ ٻولي آهي. ٻين

مُکيہ پارتي ٻوليُنِ جيان سنڌي اَدَب جي شروعاتِ پڻ شِعرَ سان ٿي. سَنڌيءَ ۾ ۱۴ صديءَ جي ڪِنِ اَڻَ ڄاتلَ شاعِرَن جا بيَتَ مِلنِ ٿا، جيڪي چارَڻَ ۽ ڀاٽ ڳائيندا هُئا. ۱۵ صَديءَ جو شاعِرَ قاضي قادَنَ سِنڌيءَ جو پهريون شاعِرُ مَڃيو وَڃي ٿو. وِچين دوَرَ جي نِمُوَرتي 'شاهُ، سَچَلُ، سامي' سِنڌيءَ جا بَهترينُ شاعِرَ ليکيا وَڃنِ ٿا.

اَنگريزي حڪُومَتَ قائِمَ ٿِيڻَ بعد سِنڌيءَ ۾ نَظمَ سان گَڏوگَڏَ نَثرَ جي پڻ ڪافي اوسَرِ ٿي. ناٽڪ، ناوِل، ڪهاڻي ۽ مَضمونَ هَرَ شاخَ ۾ ڪافي لِکيو ويو.

سنہ ۱۹۴۷ع جي ورهاڱي سِنڌي اَدَب ۽ جيوَنَ تي ڪاپاريءَ وارو ڌَڪُ هنيو. پَرَ سِنڌي عالِمَنِ ۽ اَديبَن همَتَ نہ هاري. ڀارَتَ ۾ سِنڌي تعليمي ۽ اَدبي سَنستائُون قائِمُ ڪيُون ويئُون، اَخبارُون ۽ رِسالا پڻ نِڪرَڻَ لڳا. اَڄُ شعرَ ۽ ڪهاڻيءَ جي کيترَ ۾ سِنڌي ٻين ڀارتي ٻوليُن سان بَرُ ميچي سَگهي ٿي.

ڀارَتَ ۾ اَڄُ مالي، سماجي ۽ سياسي دٻاوَنِ سَبَبِ سِنڌي تعليمہ پويان پيرَ ڪَري رهي آهي. سِنڌيءَ جا پاٺَڪَ وَڃنِ پيا گهٽبا. سَماجَ جي کيترَنِ کيترَن ۾ مَڪاني ٻوليُنِ جو واهپو وَڃي پيو وَڌندو. اهڙِيءَ حالَتَ ۾ کيترَنِ کي اِهو اونو وَرائي ويو آهي تہ سِنڌي قائِمُ رَهندي بہ يا نہ؟ سندَنِ اِهو اونو اَجايو آهي. ڀارَتَ هڪ ٻهو ڀاشي ديشُ آهي. هِتان جي سڀَ کان وَڏي خاصيَتَ آهي انيڪتا ۾ ايڪتا. هتِ سَڀني ٻوليُن کي وَڌڻَ ويجهڻَ جا پورا وَجهہ موجُودُ آهِنِ. ٻي ڳالهہ تہ هِتِ سِنڌيُن جا پاڻَ ۾ پُختا واپاري ۽ پَنگَتي ناتا آهِنِ. اِنڪري سِنڌيءَ کي ڪو بہ لَهرَ لوڏو ڪونهي. ها باقي ٻوليءَ جي رِٿائِتي نموني اوسَرَ لاءِ ٻوليءَ جي واهپي جا کيترَ طئہ ڪري اُنهنِ کيترَن ۾ ٻولي اِستعمالُ ڪَرَڻَ سَندنِ هَٿَ وَسِ آهي.

ڪنهن به حالت ۾ ڪين پنهنجي ٻوليءَ کان ڪٽجڻ نه ڪپي، ڇو جو ٻوليءَ کان ڪٽجڻ ڄڻ پنهنجي جيون کان ڪٽجڻ، پنهنجي تهذيبي پاڙن کان ڪٽجڻ.

چونڊ نون لفظن ۽ اصطلاح :

لفظ : **اُلڪل** = لڳ ڀڳ، اندازن؛ **ماٿري** = گهاٽي، وادي؛
ڏهاڪو = ڏهن سالن جو عرصو؛ **واهپو** = استعمال، رواج؛
مڪاني = سائي ڪيتر جو؛ **مختلف** = جدا جدا؛
صنف = قسم، شاخ؛ **ادب** = ساهت؛ **حڪومت** = راڄ؛
عالم = ودوان؛ **اديب** = ساهتڪار؛ **اونو** = چنتا؛
اجايو = بي مطلب، بيڪار؛ **وجهه** = موقعو؛
پنگتي = سماجي؛ **پختو** = مضبوط؛ **پاڙ** = جڙ.

اصطلاح : **ڪاپاريءَ وارو ڌڪ هڻڻ** = ڳهري چوٽ پهچائڻ؛ **لهر نه لوڏو هڻڻ** = ڪو به خطرو نه هجڻ؛ **همت هارڻ** = نراس ٿيڻ؛ **برُ ميچڻ** = برابري ڪرڻ.

اڀياس

سوال ۱ سوالن جا جواب لکو :

۱) دنيا ۾ سنڌي ڳالهائيندڙن جو ڪيترو تعداد آهي؟ انهن مان ڀارت ۾ ڪيترا رهندا آهن ۽ هتي هو مکيه ڪهڙن صوبن ۾ رهندا آهن؟

۲) سنڌي ٻوليءَ جي بنياد جي باري ۾ ودوانن جو ڪهڙو رايو آهي؟

۳) سنڌيءَ جون مکيه اپڀاشائون ڪهڙيون آهن؟ ڪهڙي اپڀاشا کي سنڌيءَ جو معياري روپ ليکيو وڃي ٿو؟

۴) سنڌيءَ تي ڪهڙين ٻولين جو اثر پيو آهي؟

٥) اَنگريزي حُڪومت ڪان اَڳ سِنڌ ۾ سنڌيءَ لاءِ ڪهڙيون لپيون واپرايون ويون ۽ ڇو؟
٦) سِنڌي شعر جي شروعات ڪڏهن ٿي؟ سِنڌيءَ جو پهريون شاعر ڪنهن کي ٿو مڃيو وڃي؟
٧) ڪهڙن شاعرن کي وچين دور جي ٿمورتي ڪوٺيو ٿو وڃي؟
٨) ورهاڱي جو سِنڌي جيون ۽ اَدب تي ڪهڙو اَثر پيو؟
٩) ڀارتي سِنڌين کي پنهنجي ٻوليءَ بابت ڪهڙو اونو آهي؟
١٠) ٻوليءَ کان ڪٽجڻ ڪيندو پنهنجي جيون کان ڪٽجڻ' ٿوري ۾ سمجهايو.

سُوال ٢ توهين پنهنجي ٻوليءَ بابت ١٥-٢٠ جُملا لکو.

سُوال ٣ ضد لکو : اُسريل، قديم، ڏنوان، نفرت.

سُوال ٤ جُملن ۾ استعمال ڪريو :
ڪاپاريءَ وارو ڏک هئڻ، لهر نه لوڏو هئڻ، همت هارڻ، ٻرُ ميڄڻ.

سُوال ٥ مثال موجب جُملا ڦيري لکو :
مثالُ : سِنڌي سِنڌو ماٿريءَ جي سڀيتا جي برابر قديم آهي.
سِنڌي اوتري ئي قديم آهي جيتري سِنڌو ماٿريءَ جي سڀيتا.
١) توهان کي پريل پيسن جي برابر ٽڪيٽون ملنديون.
٢) ڪلاس ۾ ڇوڪرن جي برابر ڇوڪريون آهن.
٣) سنڌين جو تعداد ڳوٺن ۾ شهرن جي برابر ناهي.
٤) هن سڪول ۾ ٻئي سڪول جي ماستريائڻ جي تعداد برابر ماستريائيون ناهن.

سُوالُ ٦ مِثالَ موُجِبِ جُملا ڦيري لِکو :

مِثالُ : اَلِڪَلَ ليڇَم لَکَمَ سِنڌي ڀارَتَ ۾ رَهَندا آهِنِ.

ليڇَم لَکَمَ کَنُ سِنڌي ڀارَت ۾ رَهَندا آهِنِ.

ا) مُونکي ڪِتابَ وَلِڻَ لاءِ اَلِڪَلَ سوَ رُپيا کپَنِ.

٢) سَنڌَسِ شاديءَ ۾ اَلِڪَلَ هَزارُ ماڻهو آيا.

٣) آسين گانڌي ڌامَ ۾ اَلِڪَلَ هفتو رَهنداسِين.

❃ ❃ ❃ ❃ ❃

١٧. ڪرم يوڳي - ساڌو واسواڻي

صديُن ۾ ڪي ورلي اهڙا مهاپُرش پيدا ٿين ٿا جيڪي هِنَ جڳَ کي سچ ۽ پريمَ جي راهَ ڏيکارين ٿا. ساڌو واسواڻي اهڙَن ئي سنت پُرشَن مان هڪيو وڃي ٿو جِن دِينَ دُکيَن ۽ پسُون پکيَن جي شيوا جو سَبقَ سيکاري اَسانجي راهَ روشَن ڪئي آهي.

ساڌو واسواڻيءَ جو جَنَمُ ٢٥ نومبرَ ١٨٧٩ع تي حيدرآباد سِندُ ۾ ٿيو هو. سَندَس پِتا جو نالو ليلارامُ هو.

ننڍپڻَ کان ئي سَندَس لاڙو ڀڳتيءَ ۽ شيوا ڏانهَن هو. هُنَ پڙهائيءَ ۾ پِڻ پاڻُ موکيو. سَندَس گُرُوءَ ساڌوُ هيراَنندَ جي رَهڻي ڪهڻيءَ ۽ سَنسڪارَن جو هُنَ تي گهرو اَثرُ پيو. هوُ ايم.اي. پاس ڪري هڪ ڪاليجَ ۾ پروفيسرُ بڻيو. پنهنجي لياقت ۽ قابليَت جي آڌارَ تي ٿوري وقت ۾ ئي هوُ ڪاليجَ جو پرنسيپالُ بڻيو.

ساڌوُ واسواڻيءَ ويدَن جو اُونهو اَڀياسُ ڪيو. هُنَ ڀارتي سَنسڪرَتيءَ ۽ ڌرمَ جي خاصيتُنَ کان جڳَ کي واقفُ ڪرايو. سَنہ ١٩١٠ع ۾ جڏهِن جرمنيءَ ۾ وِشوَ ڌرمَ سَنميلَنَ ٿيو تڏهِن هُنَ ڀارَتَ طَرفان عيوضي بڻجي هُنَ ۾ بَهرو وَرتو. سَندَس وياکيان جو يوُروپواسين تي گهرو اثر پيو.

دادا واسواڻيءَ عِلمَ ۽ رُوحاني گيانَ جي ڦهلاوَ ۽ غريبَنِ جي شيوا لاءِ انيڪ ڪَمَ ڪيا. شُروُع کان ئي اِخلاقي، تعليم ۽ ناري سِکيا تي هُنَ گهڻو زورُ ڏنو. سَندَس چَوڻُ هو تہ هڪ بالِڪا کي سِکيا ڏيڻُ معنيٰ هڪ ڪُٽنب کي سِکيا ڏيڻ بَرابَرِ آهي. اِنَ ڪري ئي هُنَ سِندُ ۾ ميرا هلچل هلائي سڪولَ ۽ ڪاليجَ کولايا. وِرهاڱي بعدِ دادا اچي پونو وَسايو. هِتِ پِڻ

سڪولَ، ڪاليجَ، اِسپتالُون ۽ شيوا جوُن اَنيڪُ سَنستائُون بَرپا ڪَرايائِين.

دادا نِهٺو ۽ نِماڻو سَنتُ پُرُشُ هو. سَندَسِ شَخصيَت ۽ اوُچَ ويچارَنِ ماڻهُنِ جي دِليِّنِ تي گَهِري ڇاپَ ڇَڏِي. هُنَ ڪيترَنِ کي پَنهِنجي پَرَ ۾ وِهاري سائِنِ روُحَ رِهاڻَ ڪَئِي تَہ ڪيترَنِ وَري سَندَسِ سانتِ مان سَبَقُ سِکيو.

دادا روُحاني شاعِرَ پڻِ هو. هُنَ ڪيترائِي سُندَرُ پُستَڪَ لِکيا آهِنِ، جِنِ مان نوري گَرَنتُ مُکيہ آهي.

پَنهِنجي ماتا جي ديهانتَ بعدِ سَڀ عُهِدا تياڳي دادا فَقِيري قبُولي. پَرَ هو عامُ سادُنِ جيان دُنيا کان ڪِنارو ڪَري ڪَنهِن ڪُندَ ۾ وَڃي نَہ ويٺو، نَڪِي وَري جهنگِہ مُنهُن ڏِنائِين. هُنَ چَيو آهي تَہ دِينَنِ جي شيوا ئِي دِينانات جي سَچِي پُوڄا آهي. هوُ آخِري گهَڙِيُنِ تائِين دينَ دُکيُنِ جي شيوا ڪَندو رَهيو، پاڻَ پَتوڙِيندو رَهيو. سَندَسِ دِلِ ۾ رُڳو اِنسان ذاتِ لاءِ نَہ پَرَ پَسوُن پکيُنِ لاءِ پڻِ پريمُ هو. هوُ چَوندو هو اِهي پَسوُن پَکي پڻِ پرڀوءَ جا ئِي روُپَ آهِنِ. جيوَ دَيا جي اُنَ ڀاوَنا سَبَبِ سَندَس جَنَمَ ڏِينهُن ڀارَتَ ۽ دُنيا جي ڪيترَنِ مُلڪَنِ ۾ 'ويشنوُ ڏِينهُن' ڪَري ملهايو ويندو آهي.

دادا ڌَرمي خيالَنِ وارو مَهاپُرُشُ هو. سَندَسِ دِلِ ۾ سڀِني مَذَهَبَنِ لاءِ گَهِرو پريمُ هو، هوُ ڌَرمَ کي ٻاهِريون ڏيکاءُ نَہ مَڃِيندو هو. هُنَ سَچُ ئي چَيو آهي، 'ڌَرمُ فَقطِ مَٺا ٽِيڪَڻَ ۾ ڪونهي، نَڪِي رُڳو گيتَ ڳائِڻَ ۽ شاسترَ پاٺَ ۾، سَچو ڌَرمُ اَٿَوَ دَيا ۾، ڌَرمَ اَٿَوَ پَوِترَتا ۾، ڌَرمُ اَٿَوَ نِمَرَتَ ۾.' اِنَ ڪَري ئي سَندَسِ رايو آهي تَہ ڌَرمُ بابَتِ ڳالهايو گهَٽِ، پالَنُ وَڌيڪَ ڪَريو.

دادا واسواڻِيءَ ١٦ جَنوَري ١٩٦٦ع تي پوني ۾ سَنساري

چولو تياڳيو. پرَ سندس پريمَ، دَيا ۽ شيوا جو سَنديش روشنُ مُناري جيان سَدائين اَسان جي راهَ روشنُ ڪندو رَهندو.

چُونڊ نَوان لَفظَ ۽ اِصطِلاحَ :

لَفظَ : وِرلو = دُرلڀُ ؛ ديِنُ = غريبُ ؛ پَسوُن = جانورُ ؛
لاڙو = جُهڪاءُ، دلچسپي ؛ لِياقَت = يوڳيتا ؛ اُونهو = گهرو ؛
عِلمُ = گيانُ ؛ رُوحاني = آتمڪ ؛ پرَ ۾ = پاسي ۾، پرسان ؛
عُهدو = پدُ ؛ ويشنوُ = ماسُ مَڇي نـﮧ کائيندڙُ ؛
مَذهَبُ = ڌرمُ ؛ نِئُڙَت = نَمرَتا ؛ رُوشَنُ مُنارو = لائيٽ هائوُسُ، راهَ ڏيکاريندڙُ.

اِصطِلاحَ : راهَ روشنُ ڪرَڻُ = گيان ڏيَڻُ ؛ پاڻُ موڪَڻُ = ڪامياب ٿِيَڻُ، نالو ڪمائِڻُ ؛ دِل تي ڇاپ ڇَڏَڻُ = مَن تي گهرو اَثرُ ڪرَڻُ ؛ ڀرو وَٺَڻُ = شامِلُ ٿِيَڻُ، شريڪ ٿِيَڻُ ؛ برپا ڪرَڻُ = قائم ڪرَڻُ ؛ رُوح رِهاڻُ ڪرَڻُ = هِڪ ٻئي سان دِل جوُن ڳالهيوُن ڪرَڻُ ؛ جهنگَ مَنهَن ڏيَڻُ = گهرَ بارَ ڇڏي هلي وَڃَڻُ، سنساري ناتا ٽوڙي هلي وَڃَڻُ ؛ پاڻُ پتوڙَڻُ = اَٿڪ ڪوشِشَ ڪرَڻُ ؛ سنساري چولو تياڳَڻُ = ديهانتُ ٿِيَڻُ، گذاري وَڃَڻُ.

اَڀياسُ

سوُالُ ١ سوُالَن جا جَوابُ لِکو :

١) مَهاپُرشَ جَڳَ کي ڪهڙو سَبَقُ سيکارين ٿا؟
٢) سادوُ واسوانيءَ تي ڪنهن جو اَثرُ پيو؟
٣) سادوُ واسواڻي ١٩١٠ع ۾ ڪيڏانهن ويو ۽ هُنَ دُنيا کي ڪهڙيءَ ڳالهِ کان واقفُ ڪرايو؟
٤) سادوُ واسوانيءَ کي سچو ڪرمَ يوڳي ڇو ٿو مَڃيو وڃي؟

٥) ڌرم بابت ساڌو واسواڻيءَ جا ڪهڙا ويچار آهن ؟

سوال ٢ ساڌو واسواڻيءَ بابت صحيح جاءِ لکو :
جنم آستان :
جنم تاريخ :
ديهانت آستان :
ديهانت تاريخ :

سوال ٣ خال ڀري جملا پورا ڪريو :
١) ساڌو واسواڻيءَ جي پتا جو نالو ــــــ هو.
٢) سنڌ ۾ ساڌو واسواڻيءَ ناري سکيا لاءِ ــــــ هلچل هلائي.
٣) ساڌو واسواڻيءَ جي مکيہ گرنٿ جو نالو ــــــ آهي.

سوال ٤ ٿوري ۾ لکو :
ناري سکيا جي اهميت، ويشنو ڌينهن.

سوال ٥ ضد لکو : سچو، نهنو، غريب، ڏکي.

سوال ٦ جملن ۾ استعمال ڪريو :
راهه روشن ڪرڻ، پاڻ موکڻ، روح رهاڻ ڪرڻ، جهنگ منهن ڏيڻ، پاڻ پتوڙڻ.

سوال ٧ مثالن موجب لفظ جوڙيو :
مثال : پلو - پلائي
ٻرو، سُنو، وڏو، سوٽو، ڏکيو.
مثال : شخص - شخصيت
انسان، حيوان، هير، انگريز.

سُوالُ ٨ مِثالَ مُوجِبِ جُملا ڦيري لِکو :

مِثالُ : ڪيترَنِ سَندَسِ سانتِ مان سَبَقُ سِکيو.

گهڻَنِ ماڻهُنِ سَندَسِ سانتِ مان سَبَقُ سِکيو.

١) هُنَ ڪيترا سُندَرُ پُستَڪَ لکيا.

٢) مُون کيسِ ڪيترو سَمجهايو.

٣) اَڄُڪلهَ ڪيتريُون زالُون آفيسُنِ ۾ نوڪريِ ڪَنِ ٿيُون.

٤) ڪيترا سِنڌي سَنڌُ ڇڏي اَچي هِتي وسيا.

سُوالُ ٩ ضَميري پَڇاڙيُون هَٽائي ضَميرِي لَفظ اِستعمالُ ڪري جُملا وَري لِکو :

١) سَندَسِ وياکيانَ جو يُوروپَواسيُنِ تي گَهرو اَثرُ پيو.

٢) هُنَ ڪيترَنِ کي پَرَ ۾ وهاري سائُنِ رُوحَ رِهاڻ ڪَئي.

٣) سَندَنِ شيوا ڪَرَڻَ ۾ هُنَ کي سُکُ مِلندو هو.

٤) سائُسِ سَتسَنگُ ۾ وَڃي ويٺاسين.

٥) سَيني سِرُ جُهڪائي کانئُسِ آسيس گُهري.

٦) اسين کانئُنِ موڪلائي آيا آهيُون.

٧) سَتسَنگَ ۾ کيسِ ڀڄنَ ڳائيندو ڏسي اَسين خُوش ٿياسين.

٨) توهان جي هِتِ اَچَڻَ جي کينِ خَبَرَ ڪانَه هُئي.

سُوالُ ١٠ مِثالَ مُوجِبِ مُرڪَبُ جُملا جوڙيو :

مِثالُ : هوُ ڪَنهِن ڪُنڊَ ۾ نَه ويٺو.

هِنَ جهنگَه مُنهُن نَه ڏنو.

نَه هوُ ڪَنهِن ڪُنڊَ ۾ ويٺو نَڪي هُنَ جَهنگَه مُنهُن ڏنو.

١) اَسان پيَسا نَه ڀَريا. اَسين پِڪچَرِ ڏسَڻَ نَه وياسين.

٢) ڪالهَ مِتِ موهَنُ نَه آيو. سَندَسِ ڀيڻ بِه نَه آئي.

٣) پروگرامَ ۾ هُنَ راڳُ نَه ڳايو. هُوءَ نَچِي بِه ڪانَه.

* * * * *

١٨. بَددُعا يا دُعا

سَنتَنِ جي وَچَنَنِ ۾ ڪيترو نـ گهرو راز سمايلُ هوندو آهي. اُنَ جو هڪُ سُندرُ مثالُ ڏسو.

گُروَ نانڪَ ديوَ اڪثر پنهنجي ٻنِ پيارَنَ شِشَنِ بالي ۽ مَرداني سان رَتَنُ ڪندا هُئا. هوُ لوڪَنِ کي پنهنجي مِٺيءَ واڻيءَ ۾ ايشورَ ڀڳتيءَ، سِکَ ۽ شيوا جو سنديشُ ڏيندا هُئا.

هڪڙي ڏينهُن جي ڳالهہ آهي، هو رَتَنُ ڪندي اچي هڪَ ڳوٺَ جي ٻاهران وڻَ هيٺان ساهي پَٽڻ لڳا. وڻَ جي ڀرسان ٻنيءَ ۾ ڪَمُ ڪندڙ هڪَ هاريءَ کين سُڃاتو ۽ ڊوڙي اچي گُرديو جي چرڻَن ۾ سِرُ نوايو. هُنَ کين نماڻي وينتي ڪئي، ’بابا، اسان جا ڌنُ ڀاڳہُ آهن جو اچي درشَنُ ڏِنو اٿوَ. عرضُ آهي تہ هَلي اسان جي ڳوٺڙي ۾ چرڻَ گهمائي ڳوٺ کي پوترُ ڪريو. اسان اُبوجهہ ڳوٺاڻَن تي آسيسَ جا هٿڙا گهمايو.

بابا مُرڪي وراڻيو، ’پيارا، اَسين هتي ئي ٺيڪُ آهيوُن. ٻہ چار گهڙيوُن آرامُ ڪري پنهنجي راهَ وَٺنداسين.‘

ڳوٺاڻي مَنَ ۾ سوچيو تہ ائين ڪيئَن ٿيندو؟ گُرديو اسانجي ڳوٺَ تائين اچي بنا آدر ستڪار جي هَلي وڃنِ، ڳوٺواسي سَندَنِ درشَنُ بہ نہ ڪري سگهنِ، سَندَنِ آسيسَ جا وَچَنَ نہ ٻُڌي سگهنِ.‘

هُنَ وَري هَٿَ جوڙي گُروُجَنِ کي عَرضُ ڪيو، ’بابا، ڏيا ڀالي ڪُجهہ وَقتَ هِتِ ئي ترسِجو، مان اِجهو ٿو اَچان.‘

جيئَن ئي هوُ ڳوٺَ ۾ گهڙيو تيئَن سڄي ڳوٺَ ۾ گُروُديو جي پڌارڄڻَ جي خبرَ ڦهلجي ويئي. بَس پوءِ تہ سڄو ڳوٺُ اَچي اُٺي پلٽيو. هَرڪنهِن شرڌا ۽ شَڪتيءَ مُوجبِ پيلا آڻي گُروَ چرڻَنِ ۾ رَکي.

سَندَنِ سَچي سِڪَ ۽ شرڌا ڏِسي گُرُوجَنِ ڏاڍو پرَسَنُ ٿيا. ڪينِ پريمَ ۽ گيانَ جُون انيڪُ وارتائُون ٻُڌايائُون. گُروُ وچَنَ ٻُڌي ڳوٺاڻا گَدگَدِ ٿي ويا. ستسنگ پورو ٿيڻَ بعدِ جڏهِن گرُوديوَ هُنَن کان موڪلائي رَوانو ٿيڻَ لڳا تڏهن سڀُ نوائي سِيني ڪينِ آسيس ڪرَڻَ جي وينتي ڪئي. 'شلَ اوهين داٿو داٿو ٿي وڃو!' ائين چئي گرُوديو ٻالي ۽ مَرداني سان اُتان رَوانو ٿيا.

ٻالو ۽ مَردانو عجَبَ ۾ پئجي ويا. سوچيائُون تہ هتان جي ڳوٺاڻَنِ اَسانجي سَچيءَ دِلِ سان شيوا ڪئي. هُنَنِ ۾ اٿاهُ سِڪَ ۽ شرڌا آهي پوءِ بہ گُرُوجَنِ هُنَن لاءِ اِها ڪهڙي دُعا ڪئي!

رَٽَنُ ڪَندي ڪندي هوُ هڪَ ٻئي ڳوٺَ جي ٻاهران آرامي ٿيا.

هِتِ ڳوٺاڻَنِ جي هلَتَ ئي نياري هُئي. هَرڪو پاسِيرو ٿيو بِيٺو پيو وَڃي. ڪنهِن جي بہ مَنَ ۾ گرُوديو لاءِ سِڪَ ۽ شرڌا نظر نہ پئي آئي. ڪانئُن پاڻيءَ لاءِ بہ ڪنهن نہ پڇيو. اُنلو هُنَنِ سَنتَن بابَتِ گهٽِ وَڌ پئي ڳالهايو. ڪي اَچي بيٺا بہ تہ رُکو رُونشي لاءِ. پَرَ هميشهہ گرُونانڪَ جي مُکہ مَنڊلَ تي شانتِ مُرڪَ هُئي. اُتان رَوانو ٿيڻَ وقتِ آسِ پاسِ بيٺَلَ ڳوٺاڻَنِ کي چيائُون، 'توهين سَدائين پَنهِنجي ڳوٺَ سان جڙيا رَهو!'

ٻالي ۽ مرداني جي حيرَتَ جي حدَ ئي نہ هُئي. سوچڻَ لڳا تہ سُٺَنِ ۽ شرڌالُن کي بَددُعا مِلي ۽ بُڇڙَنِ ۽ بيڪارَنِ کي دُعا! همَتَ ٻڌي گرُوديوَ کي عرضُ ڪيائُون، 'آخر توهان جي اِنهَنِ اَنوکَنِ وَچَنَنِ ۾ ڪهڙو رازُ سمايَل آهي؟'

گرُوجَنِ سَندَنِ ڀرَمُ دوُر ڪرَڻَ لاءِ فرمايو، 'هي ڀائي ٻالا ۽ مردانا، توهان پاڻَ ڏٺو تہ پهرئين ڳوٺَ جا ماڻهوُ سچار،

سَباجها ۽ مَحِمان نَوازَ هُئا سو مُون کين دُعا ڪئي تہ ٻَڙي پَکڙي داڻو داڻو ٿِي هَرَ هَنڌِ وَڃي پَنهِنجي سُدگُڻَنِ جي سُگَنڌِ ڦَهِلايو. ٻِئي ڳوٺَ جا ماڻهوَ وَري بُرا ۽ بَدڪارَ هُئا سو اُنهَنِ لاءِ چَيمِ تہ پَلِ، پَنهِنجي ڳوٺَ سان جُڙِيا رَهو، جو جو هوُ جِتي بہ ويندا اُتي بُرائِنَ جا ڪَنڊا ئي پوکيندا.'

گُرُوديو جا اِهي وَچَنَ ٻُڌي بالي ۽ مرداني جا سَڀُ ڀرَمَ دُورُ ٿي ويا. شَرَڌا وِچان سِرُ نَوائي گُرُوديو کي نَمَسڪارُ ڪيائُون.

ڇُونڊ نوان لَفظَ ۽ اِصطِلاحَ :

لَفظَ : بَددُعا = سرابُ، پِٽ ؛ دُعا = آسيِسَ ؛ اَبوجُهہ = معصوُمُ ؛
مُرڪَڻُ = مُشڪَڻُ، مُسڪِرائِڻُ ؛ تَرسَڻُ = رُڪَڻُ، ٿَمَڻُ ؛
ڀيٽا = نَذرانو ؛ ڏَنُ ڀاڱہُ = وَڏو ڀاڱہ، خُوشقِسمَتي ؛
پاسيرو = هِڪَ پاسي، پاسي کان ؛ نِوائِڻُ = جهُڪائِڻُ ؛
رونشو = تَماشو ؛ مُکہ مَنڊلُ = چَهرِو، مُنهَن ؛ مُرڪَ = مُشڪَ،
مُسڪراهَٽَ ؛ حيرَتَ = عَجَبُ ؛ ٻيهڙو = بيشَرمُ ؛
فَرمائِڻُ = چَوَڻُ ؛ سَباجهو = دَيالوُ.

اِصطِلاحَ : ساهي پَٽَڻُ = ٿورو آرامُ ڪَرَڻُ ؛ ديا پالَڻُ = مَهرباني ڪَرَڻُ ؛ گَدِگَدِ ٿِيَڻُ = ڏاڍو خوُش ٿِيَڻُ ؛ گهٽِ وَڌَ ڳالهائِڻُ = بُرا وَچَنَ ڪَڍَڻُ، خَرابُ ڳالهائِڻُ.

اَڀياسُ

سُوال ۱ سُوالَنِ جا جَوابَ لِکو :

۱) گُرُونانڪ ديوَ لوڪَنِ کي ڪَهڙو سَنديشُ ڏيندا هُئا ؟
۲) هاريءَ گُرُوجَنِ کي ڪَهڙي وينتي ڪئي ؟
۳) ٻِهرِئين ڳوٺَ ۾ گُرُوجَنِ جي اَچَڻَ جي خَبَرَ ٻُڌي ڳوٺواسيُنِ

تي ڪهڙو اثر پيو؟

٤) ستسنگ پورو ڪري موڪلائڻ وقت گروجن ڇا فرمايو؟

٥) ٻئي ڳوٺواسين جو وهنوار ڪهڙي قسم جو هو؟

٦) ٻئي ڳوٺ کان روانو ٿيڻ وقت گروجن ڇا فرمايو؟

٧) گروجن ڀالي ۽ مرداني جو پرم ڪيئن نروار ڪيو؟

سوال ٢ ڏنل اشارن جي آڌار تي آکاڻي لکو :

رٽن وقت گرونانڪ جو هڪ ڳوٺ ۾ غريب لالوءَ واڍي وٽ ٽڪڻ - ڳوٺ جو زميندار ڀاڳو - هڪ ڏينهن سڀني سادو سنتن کي زميندار دواران مانيءَ جو نوتو - گرونانڪ جو وٽس نہ وڃڻ - زميندار جو ڪاوڙجي گرونانڪ کان سبب پڇڻ - گروءَ جو جواب، 'توهان جا طعام ڪوڙ جي ڪمائيءَ جا - لالوءَ جي ماني سچ جي ڪمائيءَ جي - زميندار دواران ثابت ڪري ڏيکارڻ لاءِ چوڻ - گرونانڪ جو هڪ هٿ ۾ ڀاڳوءَ جو مالپڙو ۽ ٻئي هٿ ۾ لالوءَ جو ڍوڍو جهلي نپوڙڻ - مالپڙي مان رت ۽ ڍوڍي مان کير جي ڌارا - ڀاڳو پشيمان - گروءَ چرڻن ۾ ڪري معافي گهرڻ.

سوال ٣ ضد لکو :

پرسان، سچار، سدگڻ، ڪندو، آسيس.

سوال ٤ جملن ۾ استعمال ڪريو :

ساهي پٽڻ، سر نوائڻ، گدگد ٿيڻ، گهٽ وڌ ڳالهائڻ.

سوال ٥ مثال موجب لفظ ٺيري لکو :

مثال : ديا - ديالو

ڪرپا، شرڌا.

سُوالُ ٦ مِثالَ موجِبُ جُملا ڦيري لِکو :

مِثالُ : هُنَن وَٽِ هيڻان ساهي پَٽي.

هوُ وَٽِ هيڻان ساهي پَٽڻَ لڳا.

١) هوُ گروهَ وَٽِ ڪٺا ٿيا.

٢) هُنَن وَٽِ هيڻان ٿورو آرامُ ڪيو.

٣) مون سڀني کي اِها ڳالهہ ٻُڌائي.

٤) هُنَ گُروهَ اڳيان پنهِنجو سِرُ نوايو.

سُوالُ ٧ ضميري پڇاڙيُون هٽائي ضميري لَفظ اِستعمالُ ڪري جُملا وري لِکو :

١) ڏرشنَ ڏنو اٿوَ.

٢) گُرو چرڻن ۾ پيلا رکي اٿن.

٣) سڀني ٻولڻن کي دُعا ڪئي اٿس.

٤) سندس ڳالهہ سمجهہ ۾ آئي اٿم.

٥) سڀني جو سُنو آدرُ ستڪارُ ڪيو اٿيئي.

٦) گُروجن جي پڌارڄڻ جي خبر پيئي اٿئون.

❋ ❋ ❋ ❋ ❋

١٩. هاڪي

هاڪيءَ راند جي شُرُوعاتِ ڪڏهن ۽ ڪٿي ٿي، اِنَ باري ۾ وشواس جوڳي پڪي ڄاڻ ڪانہ ٿي ملي. پرَ اِنَ باري ۾ ڪي ثابتيون مِلنِ ٿيون جنِ جي آڌارَ تي چئي سگهجي ٿو تہ هاڪيءَ جهڙي ڪا راند قديم ايرانين ۾ کيڏي ويندي هئي. جنهن کي پوءِ يونانين اپنايو. پوءِ وري اِها راند رومَ واسيُن ۾ کيڏي ويئي. اِن ڪانسواءِ اميريڪا جا ريڊ انڊينَ پڻ اِنَ قسمَ جي هڪ راند کيڏ ندا هُئا.

اَرڙهين صديءَ جي آئين ڏهاڪي تائين اِها راند مُختلف نالن سان کيڏي ويندي هُئي جنهن جا قاعدا پڻ مُقررُ ڪونہ هُئا.

جديد هاڪي اَڄ کان سوَ ڪنَ سالَ اَڳُ وجُود ۾ آئي. سَنہ ١٨٨٦ع ۾ هاڪي ائسوسيئشن برپا ڪئي ويئي. اَڳتي هَلي اِنَ جو نالو مَٽي اَنٽرراشٽريہ هاڪي بورڊ رکيو ويو. اِن بورڊ 'فيلڊ هاڪي' ۽ 'آئيس هاڪي' (اِها برَف جي ميدانَ تي کيڏبي آهي) جا قاعدا مُقررُ ڪيا.

'فيلڊ هاڪي' هموارُ ڪُليَل ميدانَ تي کيڏجي ٿي. ميدان جي ڊيگهہ اَٽڪلَ اَسي ميٽرَ ۽ ويڪر اَئيتاليهہ ميٽر هُوندي آهي. ڊيگهہ وارين ليڪُن کي 'بائُونڊري لائينُون' ۽ ويڪر وارينِ ليڪُنِ کي 'گول لائينُون' ڪوٺيو ويندو آهي. گولَ وارين ليڪُنِ جي وچ ۾ اَٽڪل ٽنِ ميٽرن جي فاصلي تي گولَ جا ٿنيا کوڙيا ويندا آهنِ. اِنهن جي وچَ ۾ ڄاري پڻ لڳائي ويندي آهي. راندِ جي ميدان جي ڪنارَن، گول، ڊي ۽ وچ جي ليڪُنِ تي اَڇي چُنَ سان نِشان ڪيا ويندا آهنِ.

اِنَ راند لاءِ ٻہ ٽوليون ٺاهيوُن ويندِيوُن آهنِ. هر ٽوليءَ ۾ يارَهَن رانديگرَ هُوندا آهنِ. هَر ٽوليءَ جي رانديگرَن کي

ميدانَ ۾ مُقرَرُ آستانَ تي بيهاريو ويندو آهي. پَنجَ ’فارورَڊ‘، ٽي ’هاف بئڪ‘، ٻَہ ’فُل بئڪ‘ ۽ هِڪُ گولچِي. هَرَ رانديگرَ جي هَٿَ ۾ هاڪي هُوندي آهي جَنهِن جي مَدَدَ سان هو چَمِڙي جي اَڇي بالَ کي ڇُليندو آهي. هَرِڪو اِها ڪوشِشَ ڪندو آهي تہ بالُ مُخالِف ڌُرِ جي گولَ اَندرِ وَڃي. گولچِيءَ کي پَنهِنجي جِسمَ سان بالُ روڪَڻَ جي ڇُوٽِ هُوندي آهي پَرَ باقي رانديگَرَ رُڳو هاڪيءَ جو ئي اِستعمالُ ڪندا آهِن. رانڊِ ۳۵-۳۵ مِنٽَنِ جي ٿِيندِي آهي. وِچَ ۾ پَنجَنِ مِنٽَنِ جي رِسيسَ ڏِني ويندِي آهي. جي ٻَئِي ڌُريُون راضِي هُجَنِ تہ اِها رِسيسَ ڏَهَنِ مِنٽَنِ جي ڪَري سَگهبي آهي. رانڊِ قاعِدي مُوجِبِ کيڏِي وَڃي اِن لاءِ ٻہ ريفرِي پڻ مُقرَرُ ڪيا ويندا آهِن.

شُروُع ۾ هاڪيءَ جو رَواج رُڳو يُورپَ جي مُلڪَنُ ۾ ئي هو. سَنہ ۱۹۲۴ع ۾ اَنٽرَراشٽريہ هاڪي فئڊَريشَنَ کي سَڄِي دُنيا ۾ هاڪيءَ جا مُقابِلا ڪَرائِڻَ جي اِختياري ڏِني وِئي. سَنہ ۱۹۲۸ع ۾ ايمسٽرڊئم ۾ هاڪيءَ کي اولَمپِڪ رانديُنِ ۾ شامِلُ ڪيو ويو. تَڏَهِن کان وَٺِي هاڪيءَ جي دُنيا ۾ اَسان جي ڌاڪُ ڄَمِي وِئي. اَسان جي مُلڪَ ايشيائِي، وِشوَ ۽ اولَمپِڪ رانديُنِ ۾ ڪيتِرَنِ ئي مُلڪَنِ کي شِڪَست ڏئي انيڪَ. اِنعامَ حاصِلُ ڪيا آهِنِ. ’ڌيانچَندَ‘ کي هاڪيءَ جو جادُوگَرُ مَڃيو ويندو آهي. اَسان جي رانديگَرَنِ جي دُنيا ۾ هَرَهَنڌِ ساراهَ ڪئي وَڃي ٿِي.

هاڻِ تہ زالُنِ ۾ بہ اِها رانڊِ ڪافِي لوڪپِريہَ ٿي رَهِي آهي. اَسان جي مُلڪَ ۾ سَنہ ۱۹۴۷ع کان زالُنِ جي هاڪيءَ جا مُقابِلا شُروُع ڪيا ويا. هُنَنِ پڻ مَردَنِ جِيان اِنَ کيترَ ۾ اَسان جي مُلڪَ جو نالو روشَنُ ڪيو آهي.

چونڊ نوان لفظ :

مُقرَرُ = طئہ، هموارُ = سِڌو، سَنئون، ڊيگهہ = ڊگهائي،
راضي = سَهمَتِ، فاصلو = دوُري، ڦُر = ٽولي، جسمُ = سريرُ،
تَنُ، مقابلو = چٽاپيٽي، اختياري = اڌڪارُ، حَقُ، شِڪست = هارَ.

اڀياس

سوال ١ سوالن جا جواب لکو :

١) هاڪيءَ رانِدِ جي شروعات ڪَڏهن ۽ ڪِٿي ٿي؟ ٿوري ۾ لِکو.

٢) هاڪيءَ رانِدِ جي ميدانَ بابت تفصيلَ ٿوري ۾ لِکو.

٣) هاڪيءَ جو جادوگرُ ڪَنهن کي ڪوٺيو وَڃي ٿو؟

سوالُ ٢ ٿوري ۾ لِکو :

١. آئيس هاڪي.

٢. انٽرراشٽريہ هاڪي فيڊريشن.

٣. هاڪيءَ جي کيتر ۾ ڀارَت جو يوگدانُ.

سوالُ ٣ ضِدَ لِکو :

شِڪست، پَڪو، اَڳتي، اَچو.

سوالُ ٤ مِثالَ مُوجِب لَفظَ جوڙيو :

مِثالُ : ڊِگهو - ڊيگهہ

ويڪرو، گهٽو، ڪيچلو.

سوالُ ٥ مِثالَ موجِب جُملا ڦيري لِکو :

مِثالُ : اِنَ باري ۾ چيو وَڃي ٿو.

اِنَ باري ۾ چئي سگهجي ٿو.

١) هاڪي برفَ جي مَيدان تي پرڻ ڪيڏي وَڃي ٿي.
٢) اِنَ بابَتِ رانديگرَن کي سيکاريو وَڃي ٿو.
٣) سَهني ڏانھُن ڇاپيليُن جوُن تاريخون موڪليوُن وَڃِن ٿيون.
٤) مِٽَن مائٽَن ڏانھُن خَطَ موڪِليا وَڃِن ٿا.

سُوالُ ٦ مثالَ مُوجِبِ جُملا ڦيري لِکو :

مثالُ : اِھا راندِ مُختَلِف نالَن سان کيڏِ لڌا ھُئا.

اِھا راند مُختَلِف نالَن سان کيڏِي ويندي ھُئي.

١) ھوُ پُراڻي زَماني ۾ ديسي رانديوُن کندا ھُئا.
٢) ھوُ راندِ جا قاعِدا مُقرر کندا ھُئا.
٣) ھوُ ڦَڏِڙي مَلھائِيندا ھُئا.
٤) ھوُ ڏيارِيءَ تي مِنايون وِرھائِيندا ھُئا.

❋ ❋ ❋ ❋ ❋

٢٠. قُدِرَت جا نظارا

ڏِسُ قُدِرَتَ جا نُورُ نَظارا،
جانِبَ جوڙيا نِيارا نِيارا،
سُونهَن ڀريا سي آهِنِ سارا،
سَبَقُ انهَنِ کان سِکُ تُون پيارا.

سِجُ اُڀريو ٿيو دُورِ اَنڌارو،
اُٿُ سُستيءَ کان ڪري ڪِنارو،
سُهڻي ويلَ صُبحَ جي آئي،
لنوَنِ پکي ٿا لاتِ اِها ٿِي.

گُلَ ڪَندَنِ تي ٿا مُشڪائِينِ،
مُشڪي سَڀَ کي سَبَقُ سُڻائِينِ،
گُلَنِ مَنجهان کو سَبَقُ پِرايو،
ڏُکَ کان جا لاءِ ٿا گهبرايو.

هوا آڳيان وَڻَ ڪَنڌُ نِمائِينِ،
نِئُرَتَ واري واتَ وَڻائِينِ،
ڦُوهارو آڪاسِ چڙهي ٿو،
هَٺَ کان هِڪَدَمِ هيٺِ ڪِري ٿو.

نَدي چوي ٿِي هَلُ، وَڌندو هَلُ،
گَندو ٿيندو آ بيِتَلُ جَلُ،
ساگَرَ جو گَهرو آتَمِ بَلُ،
ڪانہ جَبَلَ ۾ ڪائِي هَلچَلِ.

ٽِمَ-ٽِمِ ڪَنِ ٿا اُڀَ ۾ تارا،
سَمُجهہ سَڀَنِ جا گُجها اِشارا،
ڏِسُ قُدِرَتَ جا نُورُ نَظارا،
جانِبَ جوڙيا نيارا نيارا.

چونڊ نوان لفظ :

نورُ = پرڪاش، روشني ؛ اَنڌارو = اَنڌڪارُ، اونڌهِ ؛ ويلَ = وَقتُ، گهڙي ؛ گُجهو = لِڪلُ، رازَ وارو ؛ جانبُ = پيارو، پرماتما.

اَڀياسُ

سوالُ ۱ سوالن جا جوابَ لِکو :

۱) پکي اَسان کي ڪهڙو سَبَقُ سيکارين ٿا ؟
۲) گُلَن کان اَسان کي ڪهڙو سَبَقُ سِکَڻ گهُرجي ؟
۳) وڻَ ۽ ڦوهاري کان اَسين ڪهڙو سَبَقُ سِکي سَگهُون ٿا ؟
۴) نَدي ۽ سَمُنڊُ ڪهڙي سِکيا ڏيَن ٿا ؟
۵) اَسان کي آڪاش جا تارا ڪهڙو سَنديشُ ڏِيَن ٿا ؟

سوالُ ۲ 'سونهن ۽ سِکيا جو خزانو - قُدرَت' وشيه تي ۱۵-۲۰ جُملا لِکو.

سوالُ ۳ ضِد لِکو :

اَنڌارو، سُستي، صُبُحُ، ڏُکُ.

✱ ✱ ✱ ✱ ✱

٢١. توانائيءَ جو خزانو : ائٽمُ

توهانکي اِنَ ڳالهِه جي تہ ڄاڻَ آهي تہ دُنيا جي هَرَ شئِ ڪنهِن نہ ڪنهِن پدارٿ مان ٺهي ٿي. مَڪانُ سِرُنِ مان ٿو جُڙي، سِرون مِٽيءَ جي ڪڻِن مان. ساڳيءَ ريتِ ڪپڙو ڌاڳِنِ مان، ڌاڳا ريشِن مان. پَرَ ڇا توهان کي اِنَ ڳالهِه جي سُڌِ آهي تہ سَڀَ کان ننڍڙو مِٽيءَ جو ڪڻُ يا ڌاڳي جي ريشي جو ڪڻُ ڪيڏو هُوندو آهي؟ اِهو ايڏو تہ ننڍڙو هُوندو آهي جو اِنساني اکيوُن اُنَ کي ڏِسي بہ نہ سگهَنِ؛ اِهو ڪڻُ ايڏو تہ سوکِيمُ هُوندو آهي جو سُئيءَ جي ڇهنبَ جيتريءَ جڳهَہ ۾ لکين ڪڻَ ماپي وڃنِ! پاڻيءَ جي هِڪَ ڦُڙي ۾ ايترا تہ ڪڻَ آهِنِ جو اِنهَنِ کي ڳڻڻَ ويهجي تہ وَرهيہ لڳي وڃنِ!

ڪنهِن بہ شَئِہ جي سَڀِني کان سُوکِيمُ ڪڻَ کي پرماڻُو يا 'ائٽمُ' ڪوٺيو وَڃي ٿو. هرَ شَئِہ ۾ اربين - کربين ائٽمَ ٿيندا آهِن.

هزارين وَرهين کان سائنسدانَ ائٽمَ جو رازُ ڄاڻڻَ ۾ رُڌَلَ آهِن. پهرين اِهو وَهمُ هو تہ ائٽمَ کي ٽوڙي نہ ٿو سگهجي، پَرَ اُڻويهين صديءَ جي پڇاڙيءَ ڌاري وِگيانيُنِ اِهو ثابتُ ڪري ڏيکاريو تہ ائٽمَ کي ٽوڙي سگهجي ٿو. هُنَنِ اِنَ ڳالهہ جو پڻ پتو لڳايو تہ هِڪَ ائٽمَ ۾ ٽِنِ قِسمَنِ جا ڪڻَ شامِلُ آهِنِ. اِهي آهِنِ: نيوٽرانَ، پروٽانَ ۽ اِليڪٽرانَ. نيوٽرانَ ۽ پروٽانَ جو وَزنُ هِڪَ جيترو رَهي ٿو. ٻَئي هِڪَ ٻِئي سان ڳُنڍيل رَهَن ٿا، جَنهِن کي ائٽمَ جو 'مرڪزُ' ڪوٺيو وَڃي ٿو. نيوٽرانَ ۽ پروٽانَ جي پيٽَ ۾ اِليڪٽرانَ جا ڪڻَ ڪافِي هَلڪا رَهنِ ٿا. اِنهَن جو تعدادُ پروٽانَ جي ڪڻِن برابرَ رَهي ٿو. اِهي

وَزَنَ ۾ تَمامُ هَلڪا هُئَڻَ سَبَبِ مَرڪَزَ جي چوطَرفِ اِئين پيا چَڪَرَ لڳائِينِ جيئَن آسان جي ڌَرتِي ۽ ٻيا گَرَهَ سِجَ جي پَرِڪرَما پيا ڪَنِ. وَڏِيڪَ وَزندارُ اَئِٽَمَ ۾ هَلڪي اَئِٽَمَ جي ڀيٽَ ۾ اِنهَنِ ڪَڻَنِ جو تَعدادُ وَڏِيڪَ رَهي ٿو. يُورينيَمَ، ريڊيَمَ، ٿوريَنيَمَ وَغيرَهَ جا اَئِٽَمَ وَزندارُ اَئِٽَمَ آهِنِ. هئِڊروجَن جا اَئِٽَمَ هَلڪا آهِنِ. هئِڊروجَن جي اَئِٽَمَ ۾ رُڳو هِڪُ پروٽانُ ۽ هِڪُ اليڪٽرانُ آهي.

ڪَنهِن بِہ هِڪَ پَدارٿَ جا اَئِٽَمَ ٻِئي پَدارٿَ جي اَئِٽَمَنِ ۾ گَڏي سَگهِجَنِ ٿا. ساڳِيءَ ريتِ ٻِنِ گَڏيَلَ پَدارٿَنِ مان اَئِٽَمَ ڌارَ ڪَري سَگهِجَنِ ٿا. اِنَ سَهوليَتَ سَبَبِ هِڪَ پَدارٿَ کي ٻِئي پَدارٿَ ۾ مَٽي سَگهجي ٿو. مِثالُ هئِڊروجَن ۽ آڪسيجَن جي اَئِٽَمَنِ جي هِڪَ مُقرَرَ تعدادَ ۾ گَڏِجَڻَ سان پاڻِي ٺَهِي سَگهي ٿو.

يُورينيَمَ يا ٻِئي ڪَنهِن بِہ پَدارٿَ جي اَئِٽَمَ جي مَرڪَزَ تي هِڪَ نيوٽرانَ جي چوٽَ سان مَرڪَزُ ٽُٽِي پَوي ٿو ۽ اِنَ مَرڪَزَ مان نِڪتَلَ نيوٽرانَ ٻِيَنِ اَئِٽَمَنِ کي ٽوڙِينِ ٿا جنهِن کي 'چيَن ري-ايڪشَنَ' ڪوٺيو وَڃي ٿو. اَئِٽَمَنِ جي ٽُٽِي ڦَهِلجَڻَ سان 'تَوانائِي' يا شَڪتِي پَيدا ٿِئي ٿِي جَنهِن کي 'اَئِٽَمِي تَوانائِي' ڪوٺيو وَڃي ٿو. ٻِئين مَهاڀاري لَڙائِيءَ ۾ اَميرِڪا اِنَ قِسمَ جي تَوانائِيءَ جو اِستعمالُ 'اَئِٽَمَ بَمَنِ' جي رُوپَ ۾ جَپانَ جي ناگاساڪِي ۽ هيروشِما شَهَرَنِ تي ڪَيو هو ۽ ڏِسَندي ڏِسَندي کِلَندَڙَ کيڏَ ندَڙَ شَهَرَ مَساڻَنِ ۾ مَٽِجي ويا!

اِئين ناهي تَہ اَئِٽَمِي تَوانائِيءَ جو اِستعمالُ رُڳو اِنساني تَباهِيءَ لاءِ ئِي ڪَري سَگهِجي ٿو. اِنَ اَٿاهُ طاقَتَ جو اِستعمالُ اِنساني تَرقِيءَ ۽ خُوشحاليءَ لاءِ پِڻِ ڪَري سَگهِجي ٿو.

اَڄُ دُنيا جي آبادِي ۽ ضرُورَتُوُن ايترو تَہ تيزِيءَ سان

وَڏي رَهيوُن آهِن جو ڪوئِلي ۽ تيلَ جَهڙيوُن توانائيءَ جوُن رَوايَتي شيوُن گهرجُن جي پوُرتِ لاءِ اَڻپوُريوُن پيئيوُن لڳن. اِنهَن جا ڀَنڊارَ وَڃَن پيا خالي ٿيندا. اَهڙيءَ حالَتِ ۾ اَئٽمي توانائي اِنساني ضَرُورَتُن کي پوُرو ڪرَڻَ ۾ ڪافي حَدَ تائين مَدَدَ ڪري سَگهي ٿي، ڇو جو هِڪَ ٽَنَ يوُرينِيمَ مان حاصِلُ ٿيندَڙَ توانائي هَزارين ٽَنَ ڪوئِلَن کان بِہ وَڌيڪ ٿِئي ٿي. اَڄُ سائِنسدانَ هَرَهِڪ پَدارٿ جي اَئٽمَن مان تَوانائي پيَدا ڪرَڻَ جا اُپاءَ کوجي رَهيا آهِن. اِنَ جَديدُ طَريقي سان ٥٠٠ گرامَ ڪوئِلي جي ٽُڪَرَ مان پيَدا ٿيندَڙَ تَوانائي هِڪَ پاڻيءَ جي جَهازَ کي ساري دُنيا جو چَڪَرُ لڳارائِڻَ لاءِ ڪافي آهي! ٥٠ گرامَ ڪوئِلَن سان ڪئي مهِنا موٽرِ هَلائي سَگهبي!

اَئٽمي توانائي گهڻو ڪُجهہ ڏيڻَ جو واعِدو ڪري ٿي. اِنَ جي اِستعمالَ سان بِجلي پيَدا ڪري سَگهجي ٿي ۽ وَڏا وَڏا ڪارخانا هَلائي سَگهجَن ٿا. اِنَ جي مَدَدَ سان نَديُن کي کوٽي اوُنهو ڪَري سَگهجي ٿو، اُنهَن جا رُخَ مَٽي سَگهجَن ٿا، اُنهَن تي بَندَ جوڙي سَگهجَن ٿا ۽ واهَ آڏي سَگهجَن ٿا.

اِنَ جو اِستعمالُ موٽرُون، ريلوُن، جَهازَ ۽ هوائي جَهازَ هَلائِڻَ لاءِ ڪري سَگهجي ٿو.

اِنهَن جي مَدَدَ سان مُندوُن مَٽي سَگهجَن ٿيوُن، مينهَن وَسائي سَگهجَن ٿا ۽ وَسندَڙَ مينهَن روڪي سَگهجَن ٿا. ايتروُڻي نَہ وِشالُ رِڻَن پَٽَن ۾ ڏينهوُن کوٽي سُڪا ميَدانَ ساوا ڪري سَگهجَن ٿا.

صِحَتَ جي کيترَ ۾ پڻِ اِنَ جي ڪافي مَدَدَ مِلي سَگهي ٿي. اِنَ جي مَدَدَ سان ڪئنسَر جَهڙيُن بيمارِيُن جو عِلاجُ پڻِ ڪري سَگهجي ٿو.

اَسان جي مُلڪَ جي تَرقيءَ ۽ خوشحاليءَ لاءِ ڊاڪٽرَ ڀابا

جي اَڳواڻيءَ هيٺ ميءَ ١٩٦٢ع ۾ راجستان جي رڻ ۾ زير زمين اَٽامي پرِيوگ اَسان جي مُلڪ جي قابليت جو ڏاڪو ڄمايو.

بجلي پيدا ڪرڻ جي رِٿن سان گڏوگڏ بند جوڙڻ، تيل جي پيداوارِ جي کوجَ ۽ ٻين ڪيترن ئي ڪيترنِ ۾ اَٽامي توانائيءَ جي اِستعمالَ جُون يوجنائُون ٺاهيون پيون وڃن ۽ اُنهن کي عَمل ۾ آندو پيو وڃي.

صَدين کان اَسان جو مُلڪ اَمَن جو پوڄاري رهيو آهي. اَسان جي مُلڪ اَٽم بَم ٺاهڻ يا تباهيءَ جي ڪنهن ٻِـه ڪيترَ ۾ اَٽامي توانائيءَ جي اِستعمالَ جي خِلافُ آوازُ اُٿاريو آهي. اِنساني ترقيءَ ۽ خُوشحاليءَ لاءِ اِنَ جي اِستعمالَ جو حامي رهيو آهي.

اَٽامي توانائي آئيندي جي اوسرِ جو اَکُٽ خزانو آهي، هاڻي اِهو اِنسانَ جي هٿِ وسِ آهي تـه هُو ڪهڙي نَموني اِنساني جيوتِ کي سُکي بڻائڻ لاءِ اِنَ جو اِستعمالُ ڪري ٿو.

چُونڊ نوان لَفظَ :

تَوانائي = شَڪتي، طاقت؛ سُڌِ = ڄاڻ، هوش؛ ڇُهنب = نوڪ؛ ڦڙو = بُونڊ؛ وَرهيـه = سالُ؛ سائنسدانُ = وِگياني؛ وَهمُ = ڀرمُ، شڪُ؛ ڌارَ = جُدا؛ تباهي = بَربادي، ناسُ؛ رُخُ = طرفُ، ڏِسَ؛ زيرزمينَ = زَمينَ جي اَندرِ؛ مُندَ = موسَمُ؛ رڻُ = ريگستانُ؛ اَمَنُ = شانتي؛ آئيندو = ڀوشيہ، مُستقبلُ؛ حامي = طَرفدارُ، سَمرٿڪُ؛ اَکُٽُ = نَـه کُٽندڙُ، خَتمُ نَـه ٿيندڙُ.

آڀياسُ

سُوالُ ۱ سُوالَنِ جا جَوابَ لِکو :

۱) پَرماڻو ڇا کي ڪوٺِجي ٿو؟
۲) ائٽَمَ جي رَچنا ڪيترَنِ قِسمَنِ جي ڪڻَنِ مان ٺَهِي ٿي؟
۳) ائٽمي توانائي ڪھڙي طَريقي سان پَيدا ڪَئي وَڃي ٿي؟
۴) آئٽمي تَوانائي اِنساني ڀَلائِيءَ لاءِ ڪھڙي نَموني اِستعمالُ ڪري سَگھجي ٿي؟
۵) اَئٽمي توانائِيءَ جي ڪيترَ ۽ پارَتَ جي وِگيانيَنِ جو ڪھڙو يوگدانُ رَهيو آهي؟
٦) اَئٽمي تَوانائِيءَ جي اِستعمالَ بابَتِ اَسان جي مُلڪَ جي ڪھڙي نيتي رَهي آهي؟

سُوالُ ۲ صَحيح يا غَلط ٻُڌايو :

۱) پَرماڻُو اِنساني اَکِيُنِ سان ڏِسي سَگھجَنِ ٿا.
۲) اَئٽَمَ کي ٽوڙي سَگھجي ٿو.
۳) هِڪَ پَدارثَ مان ٻيو پَدارثُ ٺاهي سَگھجي ٿو.
۴) نيُوٽرانَ جي ڀيٽَ ۾ اِليڪٽرانُ جا ڪَڻَ وڌيڪَ وَزندارُ هُوندا آهِن.
۵) ائٽِمي تَوانائِيءَ جو اِستعمالُ رُڳو تَباهِيءَ لاءِ ئي ڪري سَگھجي ٿو.

سُوالُ ۳ خالَ ڀَري جُملا پورا ڪَريو :

۱) ائٽَمَ ۾ ——— ۽ ——— جو تعدادُ بَرابر هُوندو آهي.
۲) ——— ۽ ——— جي ائٽَمَنِ جي مُقررُ تعدادَ سان پاڻي ٺَهي ٿو.
۳) ٻيىنءَ مَهاڀاري لڙائِيءَ ۾ اميريڪا جَپان جي ——— ۽ ——— شَهَرَن تي ائٽَمَ بَمَنِ سان حَملو ڪيو هو.

سُوالُ ۴ ضِدَ لِکو :

خلکو، خالي، وَڏيڪَ، اَمَنُ.

سُوالُ ۵ مِثالَ مُوجِب جُملا ڦيري لِکو :

مِثالُ : ڪنهن بہ شَئِہ جي سِيني کان سُوکيَمُ ڪَڻَ کي پرمالُوُ ڪوٺيو وَيو آهي.

ڪنهن بہ شَئِہ جي سِيني کان سُوکيَمُ ڪَڻَ کي پرمالُوُ ڪوٺجي ٿو.

۱) سڪُولَن ۾ وگيانُ پڙهايو وَڃي ٿو.

۲) غريبَن کي ڪپڙا مُفتُ ڏِنا وَڃَن ٿا.

۳) ٽي.وي ذريعي جَديدُ وگيانَ جي ڄاڻ ڏِني وَڃي ٿي.

۴) اِنساني خُوشحاليءَ لاءِ اَنيڪَ کوجنائُون ڪيُون وَڃن ٿيُون.

۵) جَديدُ کوجنائُن سَبَب مالُوُ چَنڊَ تي موڪليا وَڃَن ٿا.

سوال ٦ مِثالَ مُوجِب جُملا ڦيري لِکو :

مِثالُ : هئڊروجَن ۽ آڪسيجَن جي ائٽمَن جي گڏڻَ سان پاڻي ٺهي ٿو.

هئڊروجَن ۽ آڪسيجَن جي ائٽمَن کي گڏي پاڻي ٺاهي سگهجي ٿو.

۱) ائٽمي توانائيءَ سان موٽَر هَلي ٿي.

۲) فونَ سان دُنيا جي هَرَ ڪُنڊَ ۾ سَنديش پَهچي ٿو.

۳) جُدا جُدا پَدارٿَن جي گڏڻَ سان بيا پَدارٿ ٺهن ٿا.

۴) جَديدُ کوجنائُن جي مَدَدَ سان اِنساني ڀلي جُون اَنيڪَ يوجنائُون ٺهن ٿيُون.

سوال ۷ مِثالَ مُوجِب جُملا ڦيري لِکو :

مِثالُ : اَسانجي مُلڪَ اِنَ اِسَرِ جا مَرڪَزَ قائِمُ ڪيا آهِن.

اَسانجي مُلڪَ دواران اِنَ قِسمَ جا مَرڪزَ قائِمُ ڪَيا ويا آهِن.

١) ڪتَنِ چَندَ تي اُپگرَهُ موڪِليو آهي.
٢) هُنَ اَسانکي مَنگَل گرَهَ جي جانَ ڏني آهي.
٣) اَسان سَڀُ سَهُوليَتُون گهرَن تائِين پَهچايُون آهِن.
٤) تو ڪامپيُوٽرَ جي مَددَ سان ڪيتِرا سُوالَ حل ڪَيا آهِن.

* * * * *

٢٢. وَتائي فَقِيرَ جا قِصا

جيئَن بيربَلَ ۽ مُلا نَصيرُودِينَ جي عَقُلمَندِيءَ ۽ حاضُرجوابِيءَ جا قِصا مَشهُورُ آهِن تيئَن وَتائي فَقِيرَ جا بِہِ سوين قِصا مَشهُورُ آهِن.

وَتائي جو جَنمُ ١٧٦٨ع ۾ ٿيو هو. سَندَسِ جَنمَ کان ڪُجھہ مَهنا بعدِ سَندَسِ پِتا جو ديهانتُ ٿي ويو. کيس ماٽِس لاڏَ ڪوڏَ سان نِپائي وَڏو ڪيو. پرَ هوُ دُنياداريءَ کان دُورِ پَنهِنجي مَستيءَ ۾ مَستُ اَللهَ سان پيو ڳالهيُون ڪَندو هو.

ماٽِس هُئِي سادي سُياوَ واري غريبُ عورَتَ. کيسِ هِڪِڙو ئي سِڪيلَڏو پُٽَ هو وَتايو. سو نہ ٿي چاهيائِين تہ سَندَسِ پُٽُ سَڄو ڏِينهن واندو وينو اَلله سان ڳالهيُون ڪَري.

هِڪِڙي ڏينهُن ڪاوِڙجي چيائِينِس، 'اَڙي وَتايا! تُون سَڄو ڏينهن وينو رُڳو اَللهَ سان ڳالهيُون ڪَرين، لَڳيمِ ٿو هوُ بہ ڪو تو وانگُرُ واندو هُوندو. هاڻي اُٿُ، اَڄُ وَڃِي ڳَهتِ ۾ ڳَهتِ هِڪُ رُپيو ڪَمائي اَچُ. جي نہ ڪَمائي سگهين تہ پَنهِنجي اَللهَ کي عَرض ڪَجِ تہ اَچي مَدَدَ ڪَريئي. يادِ رَکِجِ، بنا رُپَئي گهرَ ۾ پيرُ رَکَڻُ نہ ڏينديِسانءِ.

وَتايو گهَران نِڪتو رُپَيو ڪَمائِڻَ. هَميشہَ جِيان هُنَ پَنهِنجو مَسئلو اَللهَ اَڳِيان رَکيو. هَٿَ ۾ قُرانُ کَڻي وَڃي هِڪَ کَجيءَ جي وَڻَ جي چوٽَ تي وينو. قُرانُ کولي ڪَنڌُ مَٿي آڪاسَ ڏانهُن ڪَري اَکيُون ٻوُٽي چَيائِين، 'يا خُدا، جي تُون بہ وَتائي جِيان غَرِيبُ آهين تہ توکي معافُ ٿو ڪَجي، نہ تہ وَتائي کي هِڪِڙو رُپيو ڏي.' اِهو جُملو ٿي پيرا دُهرايائي خُدا تي ڀَرَوَسو رَکي هيٺ لَٿو.

هيٺِ هوُ ڇا ڏِسي تہ ڍيرُ روپيا ٽِڙيا پَکِڙيا پيا آهِن.

پاڻ سان ڳالهائيندي چيائين، ’اڙي وتايا، ڏٺئہ خدا جي ڪرامت! اَمڙ ڇيو اَٺيئي رُپيو آڻڻ لاءِ سو ڪڍ هتان رُپيو ۽ هَلُ سِڌو گهر!‘

هُن گهر اَچي ماءُ کي سموري ڳالهہ ٻڌائي. ماڻس کي وِشواسُ ئي نہ پئي آيو. سچُ جاڻڻ لاءِ هُن وڻ هيٺان وڃي ڏٺو تہ واريءَ تي رُپين جا نِشان اَچا بہ ظاهِرُ لڳا پيا هُئا. سَندس سَچ ۽ سادگيءَ تي موهت ٿي کيس پنهنجي پاڪر ۾ ڀري وَرتائين.

هِڪڙي دفعي وَتائي جي کيسي ۾ هو ٽڪو. بازار مان لنگهندي گدِرن جي ڍير تي نظر پيس. پاڻ سان ڳالهائيندي چيائين، ’وتايا، گدِرو کائيندين؟‘

’ڇو نہ!‘

اَڳتي وڌي گدِرن واري کي چيائين، ’اَدا، اللہ سائينءَ جي نالي تي ڪو سُٺو گدِرو تہ کاراءِ.‘

گدِرن واري غُصي ۽ ناراضپي وچان سوچيو، ’گهري ٿو خُدا جي نالي ۽ کپيس سُٺو گدِرو.‘ ڍير مان ڳولهي ڦولهي جيڪو ڦِتل ۽ ڪِنو گدِرو هو سو ڪڍي ڏنائين فقير کي.

وَتائي کي اِهو گدِرو ڪين وڻيو سو کيسي مان ٽڪو ڇوڙي چيائينس، ’ادا، هي وَٺ ٽڪو، سُٺو گدِرو ڏي.‘

هُن خُوش ٿي چُونڊي سُٺو گدِرو وَتائي کي ڏنو.

هِڪ هٿ ۾ جهليائين ڪِنو گدِرو ۽ ٻئي ۾ سُٺو ۽ وچ سَڙڪ تي بيهي ڪِني گدِري وارو هٿ مٿي ڪري آسمان ڏانهُن نِهاريندي چيائين، ’واہ اللہ! ڏسُ تنهنجي نالي مليل گدِرو ۽ ٻئي پاسي ٽڪي وارو گدِرو. ڪيڏو نہ اَنڌيرُ آهي هِن دُنيا ۾! تُنهنجو مُلهہ ٽڪي ڪان بہ گهٽ ليکيو ٿو وڃي!‘

هِڪڙو هو گهورارُو. سَڄو ڏينهُن گهور ڪري جيئَن تيئَن

پنهنجو گذر ڪندو هو. هڪ دفعي هو مايوس ويٺو هو ته سندس نظر وچي وٺائي فقيرَ تي پيئي. هَٿ ٻڌي اچي عرضُ ڪيائينسِ، 'دَرويشَ! ڏاڍو هيڻو حالُ اَٿمِ. مون مِسڪينَ تي مِهرَ ڪريو.'

'ابا آءٌ تُنهنجي لاءِ ڇا ٿو ڪري سگهان، مِهر مالِڪَ کان گهُرُ!'

'دَرويشَ! اَهڙو ڪو ڏَنڌو ڏَسيو جنهِن ۾ بَرڪَت هُجي.'

'اَبا، لوڻَ جو ڏَنڌو ڪرِ.'

هُنَ شَخصَ هِتان هُتان پيَسا هَٿِ ڪَري جيتِرو لُوڻُ خَريدَ ڪَري سَگهيو، ڪَيائين. ٿوري وَقتَ ۾ ئي لوڻَ جو اَگهه چوٽِ چَڙهي ويو. اَگهه جي چَڙهَتِ جو کيسِ پورو فائِدو مِليو. اَهڙو تہ اَچي ڀاڳُ وَريُسِ جو هوُ وَڏو واپاري بَڻِجي پيو. هاڻي سَندَسِ ڳالهائِڻَ ٻولائِڻَ جو رُخُ ۽ رَنگ ڍَنگُ بَدلِجي ويو.

هِڪَ دَفعي اُهو سيٺِ آسَنَ تي ويٺو هو تہ سَندَسِ نَظَرَ وَٺائي فَقِيرَ تي پيئي. کيسِ سَڏُ ڪَندي چَيائِين، 'اَڙي ڇَريا وَٺايا، هيڏانهُن اَچُ.'

'اَبا، حُڪُم ڪَرِ.'

'ڇَريا فَقِيرَ، ڏي صَلاحَ ڪو سوَدو خَريدَڻَ جي.'

'بَصَرَنِ جو ڏَنڌو ڪَرِ.'

شاهُوڪارَ نہ فَقطِ پَنهنجي سَمورِي موُڙِي پَرَ هِتان هُتان قَرضُ کَڻِي بَصَرَنِ ۾ سيڙايائِين. اَچي اَهڙِي بَرساتِ پَئي جو ڳوٺَ ۾ ٻوڏِ اَچي ويئي. ٿورَنِ ڏِينهَنِ ۾ ئي بَصَرن مان بانسَ اَچَڻَ لَڳي. سو ڪَڍي ڳوٺَ ٻاهِر اُڇلائِڻا پيَسِ.

هُنَ روئندي اَچي وَٺائي کي چَيو، 'دَرويشَ، توَهان اَهڙِي ڏَنڌي جِي صَلاحَ ڏِني جَنهِن مان سُڃو ٿِي وِيُسِ. هاڻي تہ مان مانيءَ کان بہ مُحتاجُ آهيان.'

’اَبا، اِنَ ۾ مُنهِنجو ڪَهِڙو قَصُورُ؟ پَهرِين تو چَيو هو، ’دَرويش، آسِيس ڪَريو.‘ هاڻي تو چَيو، ’چَڙيا، صَلاحَ تَہ ڏي.‘ سو دَرويشَ جي آسِيسَ ۽ چَرِئي جي صَلاحَ ۾ فُرقُ تَہ هُوندو نَہ!‘

وَتائي فَقِيرَ جي عَقلمَنديءَ جا اَهِڙا سَوين قِصا مَشهُورُ آهِن. اِهي قِصا ظاهِري طَورَ تَہ کِلائِيندَڙ ۽ وِندُرائِيندَڙ لَڳَنِ ٿا پَرَ اِنهَنِ ۾ ڳُجهو رازُ پِڻِ سَمايل آهي.

چُونڊَ نَوان لَفظَ ۽ اِصطِلاحَ :

لَفظ : عَقلمَندِي = ڏاهپ، سُڌِيماڻِي، سَمُجهہ؛ لاڏُ ڪوڏُ = ڏاڍو پيارُ؛
نِپائِڻُ = پالَڻَ، پَروَرِشَ ڪَرَڻُ؛ اَللهُ = خُدا، پَرماتما؛
سِڪيلَڌو = لاڏلو، پيارو؛ واندو = نِڪمو، بيڪارِ؛
جِيان = وانگُرُ، طَرَحَ؛ ڪِنو = سَڙيَلُ، خَرابُ؛ مُلهہ = قِيمَتَ؛
مايوُسُ = اُداسُ؛ هِيڻو = ڪَمزورُ؛ مِهرَ = ڪِرپا، دَيا؛
آڱَ = مان؛ بَرڪَتَ = واڌِ؛ آسَنُ = دُڪانَ تي وِهَڻَ جو آستانُ؛ چَريو = پاڳَلُ؛ مُوڙِي = پُونجي، واپارَ ۾ لَڳايَلَ رَقَمَ؛ بانسَ = بَدبُوءِ؛ سُهِڻو = نِرڏَنُ؛ مُحتاجُ = لاچارُ، پَراڌِينُ؛ قَصُورُ = ڏوهُ، گُناهُ.
اِصطِلاحَ : اَگهہ چوٽِ چَڙهَڻُ = تَمامُ تيزيءَ سان قِيمَتَ وَڌَڻُ.

اَڀياسُ

سُوالُ ا سُوالَنِ جا جَوابَ لِکو :

ا) وَتايو فَقِيرُ ڪَهِڙي سُڀاوَ جو شَخصُ هو؟

٢) وَتائي ماءُ پُٽَ کي ڪَهَڙو ڪَمائي اَچَڻَ لاءِ چَيو؟ نَہ ڪَمائي اَچَڻَ جي حالَتِ ۾ کيسِ ڪَهِڙي سَزا مِلڻي هُئي؟

٣) وَتائي رُپيو ڪيئن حاصلُ ڪيو ؟
٤) وَتائي ماءُ پُٽ تي خُوش ڇو ٿي ؟
٥) گِدڙن واري وَتائي کي ڪِنو گِدڙو ڇو ڏِنو ؟
٦) گهوراڙوءَ کي وَتائي پَهريون دَفعو ڪِهڙو ڏنڌو ڪرڻ جي صَلاحَ ڏِني ؟ اُن مان ڪيسِ فائدو ٿيو يا نَہ ؟

سُوالُ ٢ حوالا ڏيئي سَمجھايو :

١. 'جِنَ دُنيا ۾ تُنهِنجو مُلهہ ٽڪي ڪان بہ گهٽِ ليکيو ٿو وَڃي.'
٢. 'دَرويشَ جي آسيسَ ۽ چَرٿي جي صَلاحَ ۾ فَرقُ تہ هُوندو نَہ !'

سُوالُ ٣ صَحيح يا غَلَط لِکو :

١. وَتايو سَدائين دُنياداريءَ جي ڳالهين ۾ رُڌَلُ هُوندو هو.
٢. وَتائي ماءُ سادي سُڀاوَ واري هُئي.
٣. وَتايو ڪَچيءَ هينان پيل سَڀُ رُپيا ميڙي کڻي آيو.
٤. گِدڙن واري وَتائي کي مالِڪَ جي نالي تي سُٺو گِدڙو ڏِنو.
٥. واپاريءَ لُوڻَ جي ڌنڌي ۾ ڏاڍو ڪمايو.
٦. واپاريءَ بصَرَن جي ڌنڌي ۾ ڏاڍو ڪمايو.

سُوالُ ٤ بيربَل يا ٻئي ڪنهن شخصَ جي عَقلمَنديءَ جو ڪو ننڍو قِصو پَنهِنجي لَفظن ۾ لِکو.

سُوالُ ٥ ضد لکو :

عقلمندي، ڪِنو، ناراض، بانس، سُٺو.

سُوالُ ٦ جُملن ۾ استعمال ڪريو :

اکهہ چوٽ چڙهڻ، پاڻُ وِرائڻ، هيٺو حال ٿيڻ.

سُوالُ ٥ مِثالَن موجب لفظ ڦيري لکو :

مِثالُ : گِدرو - گِدرَنِ وارو

ڪيلو، پاڄي، ميوو، چوڙي.

مِثالُ : چڙهڻُ - چڙهتِ

ڪپڻُ، هلڻُ، بچڻُ، اُٿڻُ.

سُوالُ ٦ مِثالَن موُجِبِ ضميريِ پڇاڙيوُن هٽائي ضميري لفظ استعمالُ ڪري جُملا وري لِکو :

مِثالُ : هِڪڙي ڏينهَن ڪاوِڙجي چِيائينِس.

هَڪڙي ڏينهَن هُن هُن کي ڪاوِڙجي چِيو.

١. تَڀائي وَڏو ڪيومانءِ.

٢. اِهو قصو ٻُڌاياڻينم.

٣. سموري ڳالهه سَمجهاياڻونس.

٤. ڪِنو گِدرو ڏناڻينس.

٥. پوُرا پيَسا ورتئين.

مِثالُ : گهَر ۾ پيرُ رَکَڻُ نه ڏينديسانءِ.

مان توکي گهَر ۾ پيرُ رَکَڻُ نه ڏيندِس.

١. مَزيدارُ آکاڻي لِکائينديسانِ.

٢. اِنهَن قِصَن جو تَرجُمو ڪري ڏيکاريندااسونوَ.

٣. سانجهيءَ تائين رُپيو ضرُور آڻي ڏيندوسانس.

٤. ڳالها قِصا ٻُڌائيندمُ.

٥. بازارِ وينديِنس چا ؟

٦. وَڏو ٿي ڪمائي ڪارائيندوسانس.

❋ ❋ ❋ ❋ ❋

٢٣. سِنڌي فِلمَ - آباڻا

سُنيلُ : مَهيشَ، تو ٽي.وي ءَ تي مَنجهنِد جو سِنڌي فِلمَ آباڻا ڏٺي ؟

مَهيشُ : نَہ سُنيلَ، ڪالهہ مان ٻاهِرِ ويو هوسِ اِنَ ڪري چاهيندي بہ مان اِها فِلمَ نہ ڏسي سگهيسِ. اِها تمامُ پُراڻي فِلمَ آهي. ڪافي سالَ اَڳُ مون اِها فِلمَ ڏٺي هُئي.

سُنيلُ : بَرابَرِ، اِها پُراڻي فِلمَ آهي. رَنگينَ بہ ناهي، پَرَ تمامُ سُٺي آهي. ڀارَتَ ۾ وِندرَ ۽ ڪمائيءَ جي خيالَ کان اِها سِنڌيءَ جي پهرِين بهترِينُ فِلمَ ليکي وَڃي ٿي. اِنَ کان پهرِين ڀڳتَ ڪنوَررامَ نالي هِڪَ ننڍي فِلمَ ٺهي هُئي. پَرَ ڪنورَ ڪلا مَندرَ جي پرچَمَ هيٺان بِهاري مَسَندَ جي 'آباڻا' سِنڌي فِلمُنِ جو نئون دورُ شُروع ڪري ڇڏيو... اِنصافُ ڪٿي آ، راءِ ڏياچُ، سَسُئي پُنهوُن، جهُولي لالُ، سِنڌوءَ جي ڪِناري، هوجَمالو ۽ شَلَ ڌيئَرُ نَہ ڄمَنِ وَغيرهَ اَنيڪَ فِلموُن ٺهيوُن پَرَ آباڻا سان بَرُ ميچي نہ سگهيوُن.

مَهيشُ : مُنهِنجي خيالَ مُوجِب اِنَ جو مُکيہ سَبَبُ آهي دِلِ کي ڇُهندڙُ ڪهاڻي، گيتَ ۽ سُريلو سَنگيتُ.

سُنيلُ : تُنهِنجي ڳالهہ صَحيح آهي. هِنَ فِلمَ جو مُکيہ مَقصَدُ هو سِنڌي جيوَتِ جو سُڀاويڪُ چِٽُ چِٽَڻُ. سِنڌيُنِ جوُن ريتيوُن رواجَ، وِرهاڱي بعدِ ڪئمپُنِ جي مُشڪِلاتُنِ ۽ سَندَنِ پُرشارٿَ جي جهلڪَ ڏيکارَڻُ. وِرهاڱي جي پَس مَنظرَ ۾ سُهڻيءَ ڪهاڻيءَ جا تُزُ ۽ اَثردارُ ڊائلاگَ لِکيا پروفيسَرَ رامَ پَنجواڻيءَ. گيتڪارَ پَرسرامَ ضِيا جي گيتَنِ کي سُرَنِ ۾ سينگاريو بُلو.سي. راڻي ۽ سي. اَرجَنَ

جهڙن سنگيتڪارن. فلم جي جان هُئي شيلا راماڻي، ساڌنا، ڪان موهن، ارجن ميرچندائيءَ ۽ ديپڪ آشا جهڙن اداڪارن جي سُڀاويڪ اداڪاريءَ ۽ هدايتڪاريءَ جو جوهر ڏيکاريو ديپڪ آشا.

مهيش ؛ اڙي واه! سُنيل تو کي ته هيترن سالن جي پُراڻي فلم جا اداڪار، هدايتڪار، گيتڪار، سنگيتڪار سڀ ياد آهن.

سُنيل ؛ جيئن مون توکي ٻڌايو اڄ تائين جيڪي به سنڌي فلمون ٺهيون آهن انهن مان سڀني کان لوڪپريه فلم آهي اباڻا. اڄ به ڪيترا ڪئسيٽ گهرائي ويڊيو تي اها فلم ڏسندا ۽ ڏيکاريندا آهن. ان جا گيت ڪيترن کي اڄ به ياد آهن.

مهيش ؛ فلم جا سڀئي گيت سُٺا آهن. مونکي سڀني کان وڌيڪ وڻيو ماستر چندر جو دل کي ڇُهندڙ سوز ڀريو گيت 'پکي باغ پنهنجو ڇڏيندا وڃن ٿا... هئه هئه ملا اباڻا...'. سُنيل تو ٻڌايو ته هن فلم کانپوءِ هڪ ٻئي پٺيان انيڪ فلمون ٺهيون پوءِ هن کيتر ۾ هڪدم ماٺائي ڇو اچي ويئي.

سُنيل ؛ مهيش، توکي سُڌ آهي ته اڄڪلهه فلم ٺاهڻ تمام وڏي خرچ جو ڪم آهي. هتي سنڌي ٽڙيل پکڙيل آهن. هو انگريزي، هندي ۽ مڪاني ٻولين جون فلمون ڏسن ٿا ۽ هر لحاظ کان سنڌي فلمن جي ڀيٽ انهن سان ڪن ٿا. ڪمائيءَ جي خيال کان سنڌي فلم ٺاهڻ جوکي جو ڪم آهي. نفعي جي ڳالهه ته ڇڏ لاڳت نڪرڻ مُشڪل آهي. ان ڪري فلمن بدران سنڌي ناٽڪ منڊليون زور وٺڻ لڳيون.

مَهيشُ : پرَ اَڄُڪلهہ ماڻهوُ سينيمائن ۾ وڃي فِلمُون ڏسَڻ بدران
گهرِ ٽيليوزَن تي فِلمُون ۽ پروگرامَ ڏسَڻ وڌيڪ پسَندِ
ڪَنِ ٿا. اِنَ ڪري نَندي بَجيٽَ جوُن سِنڌي ٽيلي
فِلمُون ٺاهي سگهجَنِ ٿيوُن.
سُنِيلُ : ها برابَرِ، اِن ڏِسَ ۾ گهڻو ڪُجُهہ ڪري سگهِجي ٿو.

چوُنڊ نَوان لَفظَ :
پرچَمَ = پَتاڪا، جهنڊي جو ڪپڙو؛ پَس مَنظرَ = پهريون حَوالو
يا واقعو؛ ٺُرُ = بِلڪُلُ صَحيح؛ ماٺائي = مَندي؛ جوکو = خَطِرو؛
مُنافعو = ڪمائي؛ لاڳَتِ = سيڙَپَ، لڳايَل رَقمَ.

اَڀياسُ

سُوالُ ١ سُوالَنِ جا جَوابَ لِکو :
١) سِنڌيءَ ۾ ڪَهڙيُون فِلمُون ٺهيُون آهِن؟
٢) اَباڻا جو مُکيهُ مَقصَدُ ڪهڙو آهي؟
٣) اَباڻا فِلمَ جي ڪاميابيءَ جو ڪهڙو رازُ آهي؟
٤) ڀارَتَ ۾ سِنڌي فِلمُون جو نہ ٿيوُن ٺَهَنِ؟ اِنَ ڏِسَ ۾ چا ڪَرَڻُ گهُرجي؟

سُوالُ ٢ 'اَباڻا' فِلمَ بابَتِ گهُربلَ چاڻ لِکو :
فِلمَ جو نالو : اَباڻا
اَداڪارَ :
سَنگيتڪارَ :
گيتڪارُ :

ڊائلاگ لِکندڙ :

نِرماتا :

هِدايتڪارُ :

سُوالُ ٣ ضِدَ لِکو : پُراڻو، صَحِيح، پُنيان، نَفعو.

سُوالُ ٤ مِثالن مُوجب ليڪ ڏِنَلَ ڪِريا رُوپَنِ ۾ ڦيرو آڻي خالَ ڀري جُملا پُورا ڪَريو :
مِثالُ : هو اِها فِلمَ ڏِسَندا آهِنِ ۽ ٻيَنِ کي بہ ڏيکارِيندا آهِنِ.

١. اِهو سَبَقُ پَڙهين مان پاڻَ لِکَندُسِ پوءِ توکي ———.
٢. کُنَنِ چانهہ پِيتي ۽ اَسان کي بہ ———.
٣. تو پاڻَ تہ پئسا ڪونہ ڀَريا پوءِ ٻيَنِ کان ڇو ———.
٤. توهين اِهو ڪمُ نہ ٿا ڪري سَگهو تہ ٻئي کان ——— ڏِيو.

سُوالُ ٥ مِثالَن مُوجب ليڪ ڏِنَلَ رُوپَنِ ۾ ڦيرو آڻي خال ڀَري جُملا پُورا ڪَريو :
مِثالُ : آباڻا جي ڪَهاڻي دِلِ کي ڇُهي ٿي.
دِلِ کي ڇُهندڙ ڪَهاڻي ئي فِلمَ جي ڪاميابيءَ جو رازُ آهي.

١. ٻارَ ڏاڍو کِلي ٿو. ——— ٻارُ سِيني کي وَڻي ٿو.
٢. هُوءَ ڇوڪري راڳُ ڳائي ٿي. ——— ڇوڪري باجو بہ وَڄائي ٿي.
٣. زالُون تَمام گهڻو ڳالهائين پِييُون. گهڻو ——— زالُن جي ڳالهہ سَمُجهہ ۾ ئي نہ ٿي اَچي.
٤. ڪُنوارِ پيءُ هتان هُتان پئسا آڻي ڏئي ٿو. ——— شخص

ڪي ٿي خَبَرَ تہ خَرچُ ڇا ٿِيندو آهي.

٥. گوڙُ ٻُڌِي ماڻهوُ پَنهنجي ڪُرسيُنِ تان <u>اُٿَنِ</u> ٿا. ــــــ ماڻهُنِ ڪي هوُ وِهاري ٿو.

* * * * *

٢٤. ڳوٺ جي ڪوٺ

سمجهه ۾ نه ٿو اچي توهين ڇو ڀڄي رهيا آهيو شهرن ڏانهن. توهانکي لڳي ٿو ته شهرن ۾ روزگار جا وجهه، تعليم جون سهوليتون ۽ وندر جا وسيلا... سڀ ڪجهه موجود آهي. پر ان انڌيءَ ڊوڙ ۾ ڪهڙي حالت بڻائي ڇڏي اٿو شهرن جي؟ انساني جيوت جو سک، چين، شانتي ۽ سلامتي سڀ ڪجهه خطري ۾ وجهي ڇڏيو اٿو. هر هنڌ گهٽ ۽ تاڻ جو ماحول بڻائي ڇڏيو اٿو. جتي ڏسو گوڙ گهمسان ۽ جهڳيون جهوپڙيون يا وري اهي عاليشان عمارتون جن ۾ رهندڙ شخص پنگتي ناتا ۽ انساني ملهه وساري پنهنجي پاڻ ۾ ننڍڙا ننڍڙا ٻيٽ بڻيا، مشيني پرزن جيان جيوت جيئن. ڪين پنهنجي پاڙيسرين جي ڏک سک جي به سڌ ڪانهي! ڳوٺن ۾ ته اچي ڏسو ڪيترا نه پختا آهن سندن پنگتي ۽ انساني ناتا...! ڪنهن شخص کي هلڪو بخار ئي ٿئي ته سڄي ڳوٺ ۾ خبر ڦهلجي وڃي! هو هڪ ٻئي جو سڌ اونائي سدائين مدد لاءِ تيار رهن ٿا.

پنگتي ناتن جي ڳالهه ته ڇڏيو. توهين ڏيکاءَ ۽ نقلي شهري زندگيءَ سبب قدرت جي نعمتن کان به ڪٽجندا پيا وڃو. توهان کي ته قدرت جي سونهن پسڻ جي به فرصت ڪانهي. بجليءَ جي تيز روشنيءَ ۾ توهان کي اها به سڌ نه ٿي رهي ته پورڻماسي ڪڏهن آهي ۽ اماس ڪڏهن!

ڳوٺ ۾ اچي ڪڏهن چانڊوڪيءَ ۾ هيڏيءَ جو سير ته ڪري ڏسو؛ تارن ۽ ڪتين جي اڪيوٽ راند ۾ ته اچي شامل ٿي ڏسو؛ پرڀات ويلا جي سيتل هير جو آنند ته وٺي ڏسو. ڪڏهن اچي پڪين جي مٽي لاٽ جو ته رس وٺي ڏسو، مڪڙين

۽ گُلنِ جي سُونهَن ۽ سُگنڌ تي تہ موهجي ڏسو! ڪنهن اوُچيءَ ٽڪريءَ تي ويهي اوڀرَ ۾ اڀرندڙ سِجَ دواران آڪاس ۾ پکيڙيلَ گُلالَ جي رَنگَ ۾ تہ رَڱجي ڏسو يا وري ڪنهن سانتِ نديءَ جي ڪناري سَنڌيا راڻيءَ جا ويسَ مَٽيندڙَ رُوپَ تہ پَسي ڏسو! ڀَرپورِ بَرساتِ ۾ مِٽيءَ جي مَهڪَ ۾ پاڻَ کي موهي تہ ڏسو، سَدائين جهُولَندا جهُومَندا کيتَ، گوڏُلي ويلا ۾ موٽَندا مالَ ۽ هاري... ڪيترا نہ دِلڪَش نَظارا آهِنِ ڳوٺِ جا! اَڄو اَڃي اُنکَن جي مَوجَ ماڻيو.

ڳوٺَنِ بابَتِ مَنَ مان اِهو پُراڻو خيالُ ڪڍي ڇڏيو تہ ڇا آهي ڳوٺَنِ ۾؟ غَريبي، گَندگي، اَگيانُ ۽ اَنڌوشواسَ... اَڄُ ڳوٺَنِ جو رُوپُ بَدِلجي چُڪو آهي. هِتِ سَڀُ سهُوليَتُون آهِنِ؛ پاڻي آهي، بجلي آهي، سڪُولَ آهِنِ، اِسپتالُون آهِنِ، ريڊيو، ٽي.وي.، فونَ ۽ اَخبارَ وَغيرهَ وندُرَ ۽ ڄاڻَ جا سَڀُ وسيلا حاضُرَ آهِنِ ڳوٺَنِ ۾. آمدرفتَ جُون سَڀُ سهُوليَتُون موجُودُ آهِنِ ڳوٺَنِ ۾. هاري پُراڻا طَريقا ڇڏي نوَنِ طريقَنِ سان کيتي ڪَرڻَ لڳا آهِنِ؛ اُچا ٻِجَ ۽ ڪيميائي ياڻُ اِستعمالُ ڪَرڻَ لڳا آهِنِ؛ کُوهَنِ ۽ وَاهَنِ ذَريعي ريجَ جي سهُوليَت وَڌي رَهي آهي. ڳوٺَنِ ۾ گهرو ڌنڌَنِ کي هِمٿايو پيو وَڃي جيئَن ماڻهوُ پَنهنجي پيرَنِ تي پاڻَ بيهي سَگهَنِ. پيچڙا پَڪيُن سَڙڪُنِ ۾ بَدِلجي رَهيا آهِنِ. اَڄُ ڳوٺَنِ ۾ هَرَ کيترَ ۾ اِنقلابي تبديلَ نَظرَ اَچي رَهي آهي. اَچي ڏسو، تہ سَهي ڳوٺَنِ جو اِهو بَدِلجَندڙُ رُوپُ!

اَچو، ڏيکاريَ جا مُکوٽا لاهي، مونجهہ ۽ بي چيَنيءَ کان آجا ٿي اَچي ڳوٺَ ۾ ڊوڙي چَٽِيءَ جو سوادُ تہ وٺي ڏِسو! اَچي مَحنَتڪَشُ ماڻهُن جا ٻانهَہ ٻيلي ٿي ڏسو. اَچو، گوڙَ گهمسان کان ٻاهِرِ نِڪري اَچي سانتِ، سُهاوڻِڪ ۽ تازگيءَ ڀري جيوَتِ جيئو. اَچو، ڳوٺَنِ ڏانهُن موٽ ڪاٿو. اَچو، اَچي ڳوٺَ

وسايو. پاڻ خوش رهو ۽ ملڪ کي به خوشحال بڻايو.

چونڊ نوان لفظ ۽ اصطلاح :

لفظ : ڪوڪ = سڏ، نوتو، گوڙ گهمسان = شور گُل، تمام گهڻو گوڙ، ناتو = سنبنڌ، پيٽ = ٽاپو، نعمت = پرماتما جي ڏنل شئ، مهر، پسڻ = ڏسڻ، چانڊوڪي = چانڊني، ڪتي = نکتر، سيتل = ٿڌو، مهڪ = سُگنڌ، هير = سيتل هوا، مڪڙي = ڪلي، تبديل = قيرو، بدلاءُ، مال = پالتو جانور، مونجهه = گهٽڻ.

اصطلاح : سڏ اوناڻڻ = پڪار ٻڌڻ، موج ماڻڻ = آنند وٺڻ، پنهنجي پيرن تي بيهڻ = آتم نربز ٿيڻ، ٻانهن ٻيلي ٿيڻ = هڪ ٻئي جي مدد ڪرڻ.

اڀياس

سوال ۱ سوالن جا جواب لکو :

۱) شهري زندگي ڳوٺ ۽ تاڻ واري جو ٻٽڻجي پيئي آهي؟
۲) شهري ماڻهو قدرت کان ڪيئن ڪٽجي رهيا آهن؟
۳) قدرت جي سونهن ڳوٺن ۾ ڪهڙيءَ ريت ماڻي سگهجي ٿي؟
۴) اڄڪلهه ڳوٺن ۾ ڪهڙي تبديل اچي رهي آهي؟
۵) ڀارت ۾ ڳوٺن کي وسائڻ جو ضروري آهي؟

سوال ۲ ’ڳوٺاڻي زندگي‘ وشيه تي ۱۵-۲۰ جملا لکو.

سوال ۳ ضد لکو : نقلي، اُماس، اوير، گيان.

سُوالُ ٤ جُملن ۾ استعمالُ ڪريو :

سَڏُ اوناڻ، مَوَجَ ماڻڻ، پنهنجي پيرن تي بيهڻ، ٻانهن ٻيلي ٿيڻ.

سُوالُ ٥ مثالَ مُوجب لفظ جوڙيو :

مثالُ : گندو - گندگي

سادو، آسودو، بندو، روانو، ناراض.

سُوالُ ٦ مثالَ مُوجب جملا ڦيري لکو :

مثالُ : توهان قدرت جي نعمتن کان ڪٽجي ويا آهيو.

توهين قدرت جي نعمتن کان ڪٽجندا پيا وڃو.

١) ٻوٽن ۾ خُوشحالي وڌي ويئي آهي.
٢) زمانو تيزيءَ سان بدلجي ويو آهي.
٣) شاديءَ جي هالَ ۾ ماڻهو اچي ويا آهن.
٤) هُنَ دُڪانَ مان سنڌي ڪئسيٽون خريديون ويون آهن.

سُوالُ ٧ مثالَ مُوجب جملا ڦيري لکو :

مثالُ : شهرن جي ڪهڙي حالت ٻڌائي ڇڏي اٿوَ ؟

توهان شهرن جي ڪهڙي حالت ٻڌائي ڇڏي آهي ؟

١) ٻلونءَ ۾ ڇا لکائي رکيو اٿيئي ؟
٢) هُنَ ڏانهن سنڌي ڪتابُ موڪليو اٿم.
٣) ڪتابن جا پئسا ڀريا اٿوَ يا نه ؟
٤) سنڌونگر مان گهڻا سبيلَ ڪپڙا خريد ڪيا اٿئون ؟
٥) سندس جنم ڏينهن تي ريشمي ساڙهي ڏني اٿس.
٦) ٻارن لاءِ سُٺا رانديڪا ورتا اٿن.

٢٥. مان آهيان سِنڌو...

مان آهيان سِنڌو. اُها پوِترُ ندي جنهن کي سڀ کان وڏيڪ مانُ مليو آهي. مُنهنجي ڪِناري تي ئي سڀ کان پهرين اِنساني سڀيتا جو سِجُ اُڀريو، مُنهنجي ڪنڌي تي ئي ويدَ رچيا ويا، مون مان ئي ساکياتُ پرگهٽ ٿيو ورُڻ ديوتا اُڏيرولالُ جنهن مذهبي تعصب کان دُور رهي اِنساني محبت جو منترُ ڏنو. مون مان ئي لفظ نهيا هِندُ ۽ هِندوُ... !!

سهسين ورهين کان مونکي پوڄيو پيو وڃي. مُنهنجو سيتلُ ۽ پاونُ جلُ ماتا جي ٿڃ جيان پوترُ پاڪ مڃيو پيو وڃي. مُنهنجي ڪنڌي تي اچي هرڪو صبر ۽ شڪر جو اِظهارُ پيو ڪري. پنهنجي اندرَ ۾ جهاتي پائي الَک کي پيو پسي.

مُنهنجو جنمُ مانسرورَ مان ٿيو آهي. اِها ڍَنڍَ تِبيت جي اولهہ پاسي ۾ ڪيلاسَ پربت جي اُترَ اوڀرَ ۾ آهي. اَسان جي پُراڻن ۾ ڪيلاس پربت جي وڏي مهما آهي. ڀڳوانَ شِوَ جو آستانُ آهي ڪيلاسَ پربت. اِن ڪري ئي مونکي ايترو پوترُ مڃيو وڃي ٿو. مان هُتان نڪري هڪ چنچلُ بالِڪا جيان نچندي ٽپندي اچي ميدانَ ۾ پهچان ٿي. اُتي جهيلم، چناب، راوي، ستلج ۽ بياس وغيرہ ندين گڏجي مون ۾ سمائجي مونکي وسيع، اونهون ۽ گنڀيرُ بڻائي ڇڏين ٿيون. اڄوڪي ڀوڳولي نظرئي کان ڏسجي تہ مان تِبيت کان ڪشمير، اُترَ اولهہ سرحدي صوبي، پنجاب ۽ سِنڌ جو ٢٨٨٠ ڪ.م. لنبو سفرُ طئہ ڪري وڃي عربي سمنڊ ۾ سمائجان ٿي.

مان سِنڌُ جا پراڻ آهيان. سندس گلي جو هارُ آهيان. سڄيءَ سِنڌُ جي وچ مان وهان ٿي. سِنڌُ ۾ سڄي سال ۾

ڪُلُ پَنجَ ڇهَ اِنچَ بَرساتِ مَسَ پَوي، سو سِنڌُ جي آباديءَ ۽ خُوشحاليءَ جي سَموُري جَوابداري مُون تي ئي اَچيو پَوي. کيتِي، چوپايو مالُ ۽ واپارُ سَڀُو مُنهنجي ٻَلَ تي پيو هَلي. مُنهنجي واهَنِ ۽ ڪانَنِ ذَريعي غيَرآبادُ زَمينَ بہ آبادُ ٿيو پَوي. سِنڌُ جي يومي سَدائين سَبزُ پيئي نَظرِ اَچي. مان ماءُ جِيان پيئي پاليان پنهنجي ٻَچڙَنِ کي. مُنهنجا ٻالَڪَ پڻ مُونکي ڏاڍو مانُ ڏينَ ٿا. هِندو توڙي مومِنَ مُون کي مَڃينِ ٿا. ڦُليلي، ساڌٻيلو ۽ زِندَهَ پيرُ وَغيَره اِنَ جا ئي تہ مِثالَ آهِنِ.

مُنهنجي ڪنڌي تي ڪَراچي، حيَدرآباد، سيوَهڻُ، سَکَرُ، ڪوٽڙي ۽ رُوهڙي وَغيرهَ واپاري مَرڪزَ ۽ سُندَرُ شَهَرَ آهِنِ.

اِئين نَہ سَمُجهو تہ مُون ڏُکَ ڪونَہ ڏِٺا آهِن. مان صَدينِ کان قُدرتي قَهرَن، ڪاهُنِ ۽ حادِثَنِ جي گَواهُ رَهي آهيان. ڪيترِيوُن ئي لاهيوُن چاڙهيوُن ڏِٺيون اَٿَمِ؛ گهڻو ڪُجهہ سَٺو اَٿمِ. اِنَ ڪري ئي تہ ڪَڏهِن مُنهنجي ٻي ڇيَني وَڌي ويندي آهي؛ اَندرَ ۾ آنِڌ مانِڌ مَچي ويندي آهي جا شاهي سيَلابَ جي روپَ ۾ ظُلي نِڪرَندي آهي جا مُونکي پاسا مَٽائڻَ لاءِ مَجبوُرُ ڪَندي آهي. پوءِ تہ بَسِ مان پَنهنجي تِڪَہ ۾ سَڀُ ڪُجهہ وَهائي کڻي ويندي آهيان.

ڇا ماتا پَنهنجي ٻَچڙَنِ کي ڏُکي ڏِسي سَگهَندي؟ مُورُ نَہ! هوءِ تہ سَدائِين سَڄي عالَمَ کي آبادُ رَکڻَ جي سائينءَ دَرِ وينِتي ڪَندي آهي. مان بہ تہ ماتا آهيان نَہ! ٻَچڙا ماتا جي ويجهو هُجَنِ يا دُورِ، هوُ سدائِين سَندسِ هِردي ۾ سَمايَل. اِنَ ڪَري ئي تہ هُو مُون ۾ ويساهُ رَکَنِ ٿا، مُونکي مَڃينِ ٿا. مان بہ هُنَنِ بِنا رَهي نَٿي سَگهان، آخر ماتا جو آهيان!

چُونڊ نَوان لَفظَ :

ڪَنُو = ڪِنارو، ڪَپُ، مَذهَبي تَعصُبُ = ڌَرمي ڪَٽرپڻو، مَحَبَت = پيارُ، پريمُ، سَهِسين = هَزارين، پاوَنُ = پَوترُ، ماتا جي ٿَڃُ = ماءُ جو کِيرُ، اَلَکُ = اَللهُ، پَرماتما، پاڪُ = پَوِترُ، وَسِيع = وِشالُ، ٻَلُ = طاقَت، شَڪتي، ڦاٽُ = نَديءَ مان نِڪتَلُ قُدرَتي واهُ، سَبزُ = سائو، لاهيوُن چاڙهيوُن = ڏُکُ سُکُ، آنڌِ مانڌِ = بيچيني، سيلابُ = ٻوڏِ، قَهرُ = ظُلمُ، ڪاهه = حَمِلو، گَواهُ = ساکي، موُرُ نَه = هَرگِز نَه، بَلڪُلُ نَه، ٽِڪَ = ڌارا، وَهِڪرو، عالَمُ = جَڳُ، سَنسارُ، ويساهُ = آسٿا، وِشواسُ.

اَڀياسُ

سُوالُ ١ سُوالَن جا جَوابَ لِکو :

١) ڀارتي سَنسڪَرتيءَ ۾ سِنڌوُ نديءَ جي ڪِهڙي اَهميَت آهي؟
٢) سِنڌوُ نَدي ڪِٿان نِڪري، ڪيترو فاصلو طَئه ڪَري، ڪِهڙي سَمُنڊ ۾ سَمائِجي ٿي؟
٣) سِنڌوءَ ۾ مُکيه ڪِهڙيوُن نَديوُن سَمايل آهِنِ؟
٤) سِنڌوُ ڪَهڙي نموني تَباهي آڻيندي آهي؟
٥) سِنڌوءَ کي ماتا ڇو ٿو مَڃيو وَڃي؟

سُوالُ ٢ حَوالا ڏيئي سَمُجهايو :

١) مان سِنڌ جا تَه پَراڻَ آهيان.
٢) مان بِه ماتا آهيان نَه!

سُوالُ ٣ توهِين پَنهِنجي ڪيترَ جي مُکيهُ نَديءَ بابَتِ ١٥-٢٠ جُملا لِکو.

سُوالُ ۴ ضِدَ لِکو :

چَنچَلُ، آبادُ، سَبزُ، ڏکُ، ويجھو، ڀالکُ.

سُوالُ ۵ جُملَنِ ۾ اِستعمالُ ڪَريو :

جهاتي پائِڻُ، مانُ ڏيڻُ، لاهيُون چاڙهيُون، آنڌِ مانڌِ.

سُوالُ ٦ مِثالُ مُوجِبِ جُملا ڦيري لِکو :

مِثالُ : هُنَنِ مُنهنجي ڪَنني تي ويڌ رَچِيا.

مُنهنجي ڪَنني تي ويڌ رَچِيا ويا.

١) هُنَنِ اسان جُون نِڪيلُون ڪَڍايُون.

٢) هُنَنِ توهان جو ڪِتابُ موڪِليو.

٣) هُنَنِ مُنهنجي کاتي ۾ پيَسا جَمع ڪَرايا.

۴) هُنَنِ سِيني کي مِنائي کارائي.

سُوالُ ٧ مِثالَ مُوجِبِ جُملا ڦيري لِکو :

مِثالُ : ماڻهُنِ دواران مُونکي پوڇيو وَڃي پيو.

ماڻهوُ مونکي پُوڇِنِ پيا.

١) ٻارَنِ دواران راندِ ڪَئي پَئي وَڃي.

٢) ماستَرَ دواران سبق لکيو پيو وَڃي.

٣) موهِنيءَ دواران خَط موڪليا وَڃن پيا.

۴) زالُنَ دواران اَنيڪُ گَهرو هُنَرَ هَلايا وَڃَنِ پيا.

❋ ❋ ❋ ❋ ❋

٢٦. سِنڌيءَ جو سِرمورُ - شاهُ لَطيفُ

سِنڌي شاعِرَنِ ۾ شاهَ لَطيف جو نالو سَڀَ کان وَڏيڪَ سِڪَ ۽ صَداقَتَ سان کَنيو وَڃي ٿو. کيسِ سِنڌيءَ جو سِرمورُ شاعِرُ ڪوٺيو وَڃي ٿو. سَندَسِ شعرُ دُنيا جي اعليٰ دَرجي جي شعِرَ سان بَرُ ميچي سَگهي ٿو.

شاهَ لَطيفَ جو جَنَمُ سَنہ ١٦٨٩ع حيدرآباد (سَنڌ) ضِلعي جي هالا تعلُقي جي هالا حَويلي ڳوٺَ ۾ ٿيو هو. هوُ شاهَ حَبيب جو پُٽ ۽ سِنڌيءَ جي مَشهُور شاعِرَ شاهَ ڪَريم جو ٽَڙَپوٽو هو.

شاهَ لَطيفُ ڪِٿي ۽ ڇا پَڙهيو؟ اِنَ بابَتِ پَروَسي جوڳو اَحوالُ نَٿو مِلي. چَوَنِ ٿا تہ هُنَ 'اَلفُ' جي اُچارَ بعدِ 'ب' چَوَڻَ کان صاف اِنڪارُ ڪيو، تَڏهِن تہ هُنَ پاڻَ چيو آهي ؛

'اَکَرُ پَڙهہ اَلفَ جو وَرقَ سَڀَ وِسارِ،
اَندرُ توُن اُجارِ، پَنا پَڙهندين ڪيترا؟'

ڪِنِ جو وَري اِهو رايو آهي تہ هُنَ کي پَڙهَڻُ لِکَڻُ ايندو هو ۽ هوُ وَڏو عالِمُ هو. ڪُجھہ بہ هُجي، پَلي هُنَ دَستوري عِلمُ حاصِلُ ڪيو هُجي يا نہ، پَرَ اِهو سَچُ آهي تہ ڪَبيرَ وانگُرُ هُنَ رِڳو پَنهِنجي آزمُودَنِ مان گهڻو ڪُجھہ پرايو هو. جَڏهِن هو وِيهَنِ وَرهَيِنَ جو مَس هو تَڏهِن مائِٽَنِ کان بِنا موڪلائي جهنگَ مُنهُن ڏيئي هَليو ويو. پُورا ٽي سال هُنَ ساڌُنِ، سَنتَنِ ۽ فَقيرَن جي سَنگَ ۾ گُذاريا. هُنَنِ سان گَڏُ وَڃي مَندَرَن ۽ مَسيتُنِ ۾ زِيارتُون ڪيائِين. اِنَ ڳالھہ جو سَندَسِ سُڀاءَ ۽ شعِرَ تي گهرو اَثرُ پيو. هوُ مَذهَبي ڳالهيُن بابَتِ آزاد خيالُ شخصُ هو. سَندَسِ دِلِ ۾ ذَرو بہ مَذهَبي ڪَٽرپڻو ڪينَ هو.

سَندَس هِردو اِنسانَ ذاتِ لاءِ قُربَ ۽ صَداقت سان پُرِ هو. رَتَنَ دورانِ هُنَ قُدرتَ جي سُونهَن جو جيڪو جمال پَسيو تَنهِن جو مَنَ موهيندڙ بيان هُنَ پَنهنجي شِعرَ ۾ ڪيو آهي.

شاهُ هِڪ سَچو صُوفِي دَرويشُ هو. سَندس گهُرجُون تَمامُ گَهٽِ هُيُون. هوُ سادو کائيندو هو ۽ سادو پَهرِيندو هو. هو ويرَ وِروڌَ کان پَري سانتيڪي سُڀاوَ وارو شَخصُ هو. جَهڙو هو پاڻَ پلارو ۽ باجهارو تِهڙي هُئي نِهَني ۽ نِماڻي سَندس بيوي سَئيدا بيگَم. کين اَولادُ ڪونہ هو پرَ هُنَنِ کي پَنهنجا مُريدُ ئي اَولادَ جِيان پيارا هُئا.

شاهُ پَنهنجي مُريدَنِ سان ڏاڍو سِڪَ پَريو وَرتاءُ ڪندو هو. چَوَنِ ٿا سَندَسِ هِڪُ مُريدُ هَر سالِ زيارَتَ لاءِ ايندو هو. هَميشَهَ هو پاڻَ سان شاهَ صاحِبَ لاءِ نَذراني طورَ هِڪُ کَٽو کَٽي ايندو هو. هِڪ ڀيري تَنگائيءَ سَبَبِ هوُ کَٽو نہ ڳِنهي سَگهيو. سوچيائين بِنا نَذراني ڪيئن وَڃان. سو هوُ شاهَ صاحِبَ وَٽِ ڪونہ ويو. ٻئي سالِ جَڏهِن هوُ وَٽِس کَٽو کَٽي آيو تہ شاهَ صاحِبَ پُڇيُس، ’پَرُ ڇو نہ مُنهُن ڏيکاريئہ؟‘ مُريدَ عَرضَ ڪيو، ’پَرُ سائِين جَنِ لاءِ کَٽو ڳِنهي نہ سَگهيُس. سوچيُم هَٿين سَکڻو ڪيئن وَڃان.‘ اِنَ تي شاهَ صاحِبَ فَرمايو، ’اُهو کَٽو ئِي گهوريو جو دوستَ کي دوستَ کان سِڪائي.‘

شاهَ جي دِلِ ۾ سَنڌُ ۽ سِنڌي ٻوليءَ لاءِ بيحَدِ پيارُ هو. هُنَ جيڪو شعرُ چيو آهي تَنهِن جو آڌارُ آهي سِنڌُ جُون مَشهُورُ لوڪ ڪٿائُون سَسُئِي پُنهوُن، عُمَرُ مارُئي، سُهڻي ميهارُ، مُومَلَ راڻو، نُورِي جامُ تَماچِي ۽ دودو چَنيسَرُ وَغيرَهَ. هُنَ اِنهَنِ لوڪ ڪَٿائُنِ کي پَنهنجي ڪَلپنا جو پارَسُ ڇُهائي اَمولڪ ۽ اَمَرُ بَڻائي ڇڏيو آهي. سَندس شِعرَ ۾ رُوحاني رازُ سَمايَلُ آهي. سَندَسِ سُورمِيُنِ ۽ سُورمَنِ جي ڏارَ ڏارَ ويسَنِ ۾ آتما ۽ پَرماتما

جو ڀاڱو سمايل آهي.

سنڌس شعر جي ٻي اهم ڳالهه اها آهي تہ اهو ڀارتي راڳ راڳڻين تي ٻڌل آهي، چند پڻ ڀارتي آهن. شاهہ پنهنجي شعر ۾ وطن پرستيءَ جا نهايت سٺا خيال پيش ڪيا آهن. هو نہ رڳو سنڌ پر ساري سنسار کي سدائين سُکي رکڻ جي سائينءَ در وينتي ٿو ڪري :

سائينم ! سدائين ڪرين سنڌ مٿي سُڪار،
دوس ! مٺا دلدار، عالم سڀ آباد ڪرين.

راڳہ شاهہ جي جيءَ جو جياپو هو. هو چوندو هو تہ منهنجي دل ۾ الاهي محبت جو درخت آهي جو راڳ بنا سُڪيو وڃي. راڳ راڳڻين جي ڪيس پوري ڄاڻ هُئي. هو ڳائڻ وديا ۾ پڻ ماهر هو. خدائي مستيءَ ۾ اچي جڏهن هو ڳائيندو هو تڏهن هُن جا مريد سنڌس شعر قلمبند ڪندا ويندا هئا. عالمن سنڌس شعر لوڪ ڪٿائن ۽ راڳن جي آڌار تي ڪنو ڪري 'شاهہ جو رسالو' ۾ پيش ڪيو آهي.

سنڌيءَ جي هن لاثاني شاعر سنہ ١٧٥٧ع ۾ هن جهان مان لاڏاڻو ڪيو، پر سندس شعر کيس امر بڻائي ڇڏيو. سندس شعر اسان جي من کي موهي ٿو ۽ آتما کي آنند پهچائي ٿو.

چوند نوان لفظ ۽ اصطلاح :

لفظ : سرمور = بهترين، سڀني کان شريشٽ ؛ صداقت = سچائي، سچي آستا ؛ ٽڙيوٽو = پوٽي جو پوٽو ؛ آزمودو = انڀو ؛ پراپت = حاصل ڪرڻ ؛ ورق = پنو ؛ سنگہ = ساٿ، سنگت ؛ زيارت = ڌرمي آستان جي ياترا، تيرٿ ياترا ؛ قرب = سِڪ، پريم ؛ پُر = پورو ڀريل ؛ جمال = سونهن، سُندرتا ؛

گهُرجَ = ضَرُورَتَ؛ ويرُ = دُشمَنيِ؛ ڀلارو = ڀلائيِ چاهيندڙُ؛ ٻاجهارو = مَهربانُ، دَيالو؛ مُريدُ = شِشُ؛ نَذِرانو = سَوکڙي، پيٽا؛ کٽو = کَهِرو سادو ڪَنبلُ؛ ڳنهڻُ = خَريدَ ڪَرَڻُ؛ پَرُ = گُذرَيلَ سالِ؛ سَکِڻو = خالي؛ اَمولڪ = بيبها، قيمتي؛ رُوحاني = آتمڪ؛ سُورمو = نائڪُ؛ سُورمي = نائڪا؛ وَطن پَرستي = ديش ڀڳتي؛ سُکارُ = آبادُ؛ دوسُ = دوستُ، مِترُ؛ دلدارُ = پيارو؛ جِياپو = جانِ، پراڻَ؛ اِلاهي = خُدائي، پَرماتما جو؛ دَرَخَتُ = وَڻُ؛ ماهِرُ = قابِلُ؛ لاثاني = بهِترينُ.

اِصطِلاحَ: قلَمبندِ ڪَرَڻُ = لِکَڻُ؛ جَهانَ مان لاڏاڻو ڪَرَڻُ = گُذاري وَڃَڻُ،ديهانتُ ٿِيَڻُ.

اَڀياسُ

سُوالُ ١ سُوالَن جا جَوابَ لِکو:

١) شاهَ لَطيفَ کي سِنڌي ساهِتَ جو سِرمورُ ڇو ٿو ڪوٺيو وَڃي؟
٢) شاهَ لَطيفَ جو جَنمُ ڪِٿي ۽ ڪَڏهِن ٿيو؟
٣) شاهَ لَطيفَ جي تَعليم يافتہ هُئَڻَ بابَتِ عالِمَن جو ڪهِڙو رايو آهي؟
٤) شاهَ جي سَياوَ تي سادُنِ سَنتَن ۽ فَقيرَنِ جو ڪهِڙو اَثرُ پيو؟
٥) شاهَ لَطيفَ پَنهنجي شِعرَ جو مُکيہ آڌارُ ڇا کي بَڻايو؟
٦) شاهَ جي شِعرَ کي ڪهِڙي نَموني ڪَنو ڪَري پيشِ ڪيو ويو آهي؟ سَنڌسِ مَجمُوعي کي ڪهِڙو نالو ڏِنو ويو آهي؟

سُوالُ ٢ حَوالا ڏيئي سَمجهايو:

١. 'اُهو کَٽو ئي گهوريو، جو دوستَ کي دوستَ کان سِکائي!'
٢. مُنهِنجي دِلِ ۾ اِلاهي مُحبَتَ جو دَرَخَتُ آهي جو راڳَ بنا سکيو وڃي.

سوال ٣ ڏنل اشارن جي آڌار تي سنڌيءَ جي مشهور شاعر ساميءَ بابت لکو :

شاعر جو نالو	: چئنراءِ
پِتا جو نالو	: ٻچومل
جنم	: سن ١٧٤٣ع، شڪارپور سنڌ.
ديهانت	: سن ١٨٥٠ع.
گُروءَ جو نالو	: سوامي ميگهراڄ.
گُروءَ جو اثرُ	: تمامُ گهڻو، سمورو شعر 'سامي' يا 'مينگهو' نالي سان رچيل.
شاعرَ جو سُڀاءُ	: سنت پُرش، سادگيءَ جي مورت، اوچ خيال.
سلوڪ لکڻ جو طريقو ۽ خيال	: سلوڪ گُرمکيءَ ۾ چِٺڪين تي لکي مٽ ۾ وجهڻ، بعد عالمن دواران سوڌي ساميءَ جا سلوڪ نالي سان ڇپائڻ، نرگڻ ڌارا جو مکيه شاعر، ويدن جي واڻي، سوليءَ سنڌيءَ ۾، اٽڪل ٽي هزار سلوڪ، آتما پرماتما، مايا، گرو ۽ گيان مکيه وشيه، ٻولي مٺي سولي ۽ پُراثر.

سوال ٤ ضد لکو :

ويرُ، سُڪار، سادو، سُڪو.

سوال ٥ جملن ۾ استعمال ڪريو :

قلمبند ڪرڻ، جهان مان لاڏاڻو ڪرڻ.

سوال ٦ مثال موجب لفظ جوڙيو :

مثال : ثاني - لاثاني

علاج، جواب، وارث.

سُوالُ ٧ مِثالَ مُوجِبِ جُملا ڦيري لِکو :

مِثالَ : هُنَ لوڪَ ڪَٽائُنِ کي اَمرُ ڏنّو.

هُنَ لوڪَ ڪَٽائُنِ کي اَمرُ ڏنّائي ڇڏيو آهي

١) اَسان سَڀني وَقتَ تي پيَسا ڀَريا.
٢) مينا گهر جو ڪمُ پورو ڪيو.
٣) ڪيترنِ ماڻهُن ڄڻ پَنهِنجي ٻولي وِساري.
٤) مُون کيسِ چڱيءَ طرحَ ڳالهه سَمُجهائي.

سُوالُ ٨ مِثالَ مُوجِب جُملا ڦيري لِکو :

مِثالُ : هوُ سِنڌُ ۽ ساري سَنسارَ کي سُکي رَکَڻَ جي وينِتي ڪَري ٿو.

هوُ نَہ رُڳو سِنڌَ پَرَ ساري سَنسار کي سُکي رَکَڻَ جي وينِتي ڪَري ٿو.

١) هو اَميرَنِ ۽ غريبَنِ سان سُنو وَهنوارُ ڪَري ٿو.
٢) اَسين مُلڪَ جي شَهرَنِ ۽ ڳوٺَنِ جي خُوشحالي چاهيُون ٿا.
٣) هِنَ سڪُولَ ۾ هِندي ۽ سِنڌي ٻوليُون سيکاريِندا آهِن.
٤) هوءَ تَمامُ سُنو ڳائي ۽ نَچِي سَگهي ٿي.

❋ ❋ ❋ ❋ ❋

٢٧. ڪامپيوٽر يُگ

گُذريل ٻن ٽن ڏهاڪن ۾ اليڪٽرانڪ کيتر ۾ انقلابي تبديل آئي آهي. ان کيتر جي اهم ديڻ آهي ڪامپيوٽر.

’ڪامپيوٽ‘ جي اَکري معنيٰ آهي ڳڻپ. ڪامپيوٽر جو مطلب آهي ’ڳڻپ جي مشين.‘ اسان جي آڱرين کي سڀ کان ’قديم ڪامپيوٽر‘ ڪوٺي سگهجي ٿو.

جديد ڪامپيوٽر ۾ اليڪٽرانڪ طريقي سان يادداشت داخل ڪئي وڃي ٿي جنهن کي ’ڊيٽا فيڊنگ‘ يا پروگرامنگ ڪوٺجي ٿو. ڪامپيوٽر ڳڻپ جي آڌار تي ’پروسيس‘ ڪري ٿو. آپريٽر اها ڄاڻ حاصل ڪري گهربل روپ ۾ پيش ڪري ٿو.

ڪنهن به ڪامپيوٽر جي قسم ۽ قوت جو دارومدار اُن ۾ داخل ڪيل ڄاڻ تي ئي ٽڪي ٿو. جيئن روزمره جي حساب ڪتاب لاءِ جوڙ، ڪٽ، ونڊ ۽ ضرب وغيره ڪٽڻ اينداز ’ڪئلڪيوليٽر‘ سادو ڪامپيوٽر ئي آهي، ۽ وڏن وڏن ڪارخانن وغيره ۾ اوکا ۽ جوکائتا ڪم سولائيءَ سان ڪرڻ وارو ’روبو‘ اعليٰ درجي جو ڪامپيوٽر آهي.

پهرين ڪامپيوٽر جو آڪار ايڏو ته وڏو هوندو هو جو اُهو هڪ وڏو ڪمرو والاري ڇڏيندو هو. پر اَڄ اليڪٽرانڪ کيتر ۾ ٿيل جديد کوجنائن جي مدد سان ننڍيون ’چپس‘ تيار ڪرڻ سبب ان جو آڪار تمام ننڍو ٿي ويو آهي. ان سان ڪامپيوٽر جي يادداشت ۽ ڪم ڪرڻ جي قوت ۾ پڻ ڪافي اضافو ٿي ويو آهي.

اَڄ جديد انساني زندگيءَ جي هر ننڍي وڏي کيتر ۾ ڪامپيوٽر جو استعمال ڪيو پيو وڃي. ان ڪري اَجوڪي يُگ کي ’ڪامپيوٽر يُگ‘ ڪوٺي سگهجي ٿو. اَڄ ڪيترا ئي ناممڪن

لَڳَندڙَ مَسئلا ڪامپيُوٽَرَ جي مَدَدَ سان حَلُ ڪَرَڻُ مُمڪِنُ ٿي پيو آهي. اِنَ ڪيترَ ۾ انيڪَ سائنسدانَن ۽ ڪوجنيڪَن جو يوگدانُ رَهيو آهي. سَنہ ١٦٤٢ع ۾ 'پيسڪَل' ڳَڻَپَ مَشينَ جو اِيجادُ ڪَيو جَنهن کي 'پيسڪَلائين' ڪوٺيو ويو. اِها جوڙَ ڪَرَڻَ واري سادي مَشينَ هُئي. بعدِ سَنہ ١٦٧٣ع ۾ لينزِ (Leilnitz) پيسڪَلائين ۾ سُڌارو ڪَري هُنَ ۾ ضربَ ڪَرَڻَ جي سَهوليَتَ پڻ شامِلُ ڪَئي. سَنہ ١٨٠١ع ۾ جوسَف جيڪارڊَ (Jacquard) حاضُريءَ جو حِسابُ ڪَندڙَ 'پَنچ ڪارڊَ' اِيجادُ ڪَيو جَنهن تي ئي 'ڊجيٽَل ڪامپيُوٽَرَ' جو بُنيادُ پيو. حِسابَن جي پروفيسَرَ چارلس ببيج (Babbage) کي 'جَديدُ ڪامپيُوٽَرَ جو اَبو' ڪوٺيو وَڃي ٿو. هُنَ سَنہ ١٨٣٣ع ۾ پَنچ ڪارڊَ سان گَڏُ ڳَڻَپَ جي سَهوليَتَ پڻ جوڙي. ١٨٨٧ع ۾ هَرمَنَ هالينٿَ (Hallenth) اَهڙيءَ مَشينَ ايجادُ ڪَئي جا پَنچ ڪارڊَ ۽ ڳَڻَپَ سان گَڏوگَڏُ جاچَ ڪَلي ڪَرَڻَ جو ڪَمُ ڪَري سَگهي پئي.

سَنہ ١٩٤٤ع ۾ آميرِڪا جي هاورڊ يُونيوَرسِٽيءَ ۾ پَهرئين آٽوميٽِڪ ڪامپيُوٽَرَ جو اِيجادُ ڪَيو ويو. اِنَ کيترَ ۾ اَڳتي بہ گهڻو ڪَمُ ٿيو پَرَ اُنَ جو بُنيادُ ساڳيو ئي هو، رُڳو مَشينَ جي رَفتارَ ۽ قُوَتَ ۾ سُڌارو ٿيندو رَهيو. سَنہ ١٩٤٨ع ۾ 'ٽرانزِسٽَرس' جو اِيجادُ ٿي چُڪو هو. اِنَ صَديءَ جي ڇَهين ڏَهاڪي ۾ ڪامپيُوٽَرَ لاءِ ٽرانزِسٽَرس جو اِستعمالُ ٿيَڻَ لَڳو. اُڳتي هَلي مَقناطيسي ٽيپَ، ڊِسڪَ ۽ ڊَرمَ جي اِستعمالَ سَبَبِ ڪامپيُوٽَرَ جو آڪارُ ويو گهٽِجَندو ۽ ڪَمُ ڪَرَڻَ جي قُوَتَ وڌَندي.

اَڄُ ڪامپيُوٽَرُ اِنساني زِندگيءَ جو اَڻَ وَندڙيو حِصو بَڻجي چُڪو آهي. اِنَ جو اِستعمالُ جاچَ، رِوندڙَ، سَلامَتيءَ، صِحَتَ ۽ ڪوجنائُن جي اَنيڪَ کيترَن ۾ ڪَيو پيو وَڃي. اِنَ جي مَدَدَ سان وَڏا وَڏا ڪارخانا هَلايا پيا وَڃَن، بئنڪَنِ ۽ آفيسُن جا

حسابَ ڪَيا پيا وڃَنِ. گهرَ ۾ رڌڻَ پچائِڻَ، ڪپڙا ڌوئڻَ ۽ پيا ڪيترائي ڪمَ جلدُ ۽ صَحيح نمُوني ڪرڻَ لاءِ ڪامپيوٽرَ جي مَدَدَ وٺي پيئي وڃي. اَڄُ سينيما، ٽي.وي.، وِڊيو، گِيت، سَنگِيتَ، وِندُرَ جي هرَ ڪيترَ ۾ ڪامپيوٽرُ مَدَدَ ڪرڻَ لاءِ تيارُ آهي. شُروعاتي پَڙهڻَ پَڙهائِڻَ جي ڪمَ کان وٺي اوچُ ٽَڪنيڪي تعليمَ جو اَهمُ وسيلو بڻجي رَهيو آهي ڪامپيوٽرُ. گاڏيوُن، هوائي جَهازَ، پاڻيءَ جا جَهازَ وغيرَه تيزُ رَفتارَ ۽ پوريءَ سَلامَتيءَ سان هَلائِڻَ لاءِ اِهو مَدَدگارُ بڻجي رَهيو آهي. اِنَ جي مَدَدَ سان بيماريُنِ جي چَڪاسَ ۽ عِلاجُ ڪيو پيو وڃي. اِنَ جي مَدَدَ سان ئي راڪيٽَ هَلائِجَنِ ٿا، اُپگرَهَ موڪِلِجَنِ ٿا ۽ اَنيڪَ آڪاسي کوجِنائوُن ڪيون وَڃَنِ ٿيوُن.

ڪِنِ کي اَچي ڊَپُ وَرايو آهي تَہ اَڳتي هَلي اِئين نَہ ٿِئي تَہ اِنسانُ ڪامپيوٽرَ جي اِشارَنِ جو غُلامُ بڻجي وڃي. پَرَ اِهو ڊَپُ بي بُنيادُ آهي. ڪهڙو بہ ڪامپيوٽرُ هُجي اُنَ کي هَلائِڻَ لاءِ تَہ اِنسانُ ئي کپي. دَراَصَلِ اِهو تَہ آهي 'عَلاوالدِين جو چِراغُ'، مالِڪَ جي حُڪُمَ جو بَندو جو سَندَسِ اِشاري تي هَر ڪمُ ڪرڻَ لاءِ حاضُرُ آهي.

چوُنڊ نَوان لَفظ :

اَکرِي معنيٰ = بُنيادِي يا مُولُ معنيٰ ؛ قُوَتَ = طاقَتَ، شَڪتي ؛ دارومَدارُ = آڌارُ ؛ اوکو = ڏُکيو، مُشڪِلُ ؛ جوکائِتو = جوکَمُ ڀَريو، خَطِري وارو ؛ اِضافو = واڌِ ؛ اِيجادُ = کوجِنا ؛ چَڪاسَ = جاچَ ؛ بَندو = شيوَڪُ، داسُ.

آڀياس

سُوالُ ١ سُوالَنِ جا جَواب لِکو :

١) ڪامپيُوٽَرَ جي معنيٰ ڇا آهي؟ اِهو ڪهڙي نَمُوني ڪَمُ ڪري ٿو؟

٢) شُروعاتي ڪامپيُوٽَرَ ۽ جَدِيدُ ڪامپيُوٽَرَ ۾ ڪهڙو تَفاوَتُ آهي؟ ٺوري ۾ سَمُجهايو.

٣) ڪامپيُوٽَرَ ۽ روبو ۾ ڪهڙو تَفاوَتُ آهي؟

٤) ڪامپيُوٽَرُ اِنساني زِندَگيءَ جي ڪهڙَنِ کيتَرَنِ ۾ ڪَتَبِ آچي ٿو؟

٥) ڇا ڪامپيُوٽَرُ اِنسانَ کي پَنهِنجو غُلامُ بَڻائي سَگهي ٿو؟ جي نَہ تَہ ڇو؟

سُوالُ ٢ خالَ ڀَري جُملا پورا ڪَريو :

١) ____ سَنہ ١٦٤٢ع ۾ جَمَعَ جي مَشِين جو اِيجادُ ڪَيو جنهِن کي ____ ڪوٺيو ويو.

٢) ____ سَنہ ١٨٠١ع ۾ پَنچ ڪارڊ جو اِيجادُ ڪيو جو ____ ڪامپيُوٽَرَ جو آڌارُ بَڻيو.

٣) سَنہ ١٩٤٣ع ۾ هارورڊ يُونيورسِٽيءَ ۾ ڀَهرثين ____ ڪامپيُوٽَرَ جو اِيجادُ ڪَيو ويو.

سُوالُ ٣ ڏِنَلَ نِشانيُنِ لاءِ لَفظَ لِکو :

$+ \quad - \quad \times \quad \div$

سُوالُ ٤ ضِد لِکو : اوکو، سادو، غُلامُ، جَدِيدُ.

سُوالُ ٤ مِثالَنِ مُوجِب لَفظَ جوڙيو :

مِثالُ ١ : شُرُوعاتِ - شُروعاتي

سَرڪار، سُگَنِڌ، دِل، بَرساتِ، بازارِ.

مِثالُ ٢ : مُمڪِنُ - نامُمڪِنُ

قابلُ، ڪامِيابُ، لائِقُ، مَنظورُ، پَسَند.

مِثالُ ٣ : مَدَدَ - مَدَدگارُ

خِدمَت، ياد، پَرهيز.

سوال ٦ مِثالَ موجِب جُملا ڦيري لِکو :

مِثالُ : آڪَرِيِنِ کي سَڀ کان قَديمُ ڪامپيوٽَرُ ٺاهِڻُ جو موجِد ٺِهرايو ويندو آهي. ڪوٺِجي ٿو.

آڪَرِيِنِ کي سَڀ کان قَديمُ ڪامپيوٽَرُ ڪوٺي سَگهجي ٿو.

١. مُلڪَ ۾ نَيُنِ ڪوچنائُنِ جي جاڙَ اَڄِجي ٿِي.

٢. پارَتَ ۾ تَعليمَ شيُون بِيَنِ مُلڪَنِ ڏانهُن موڪِلجَنِ ٿيون.

٣. وگياني ڪوچنائُن جي مَدَدَ سان ماڻهُنِ کي وَڌيڪ خُوشحالُ بَڻائِجي ٿو.

٤) هُنَ کي پَنهِنجو فرضُ پالَڻَ لاءِ چَئِجي ٿو.

سوال ٧ مِثالَ موجِب جُملا ڦيري لِکو :

مِثالُ : اُنَ جي مَدَدَ سان ڪارخانا هَلايا وَڃَنِ ٿا.

اُنَ جي مَدَدَ سان ڪارخانا هَلايا پَئِي ويا.

١. ڪوچنائُنِ جو اِستعمالُ اَنيڪَ ڪيترَنِ ۾ ڪيو پيو وَڃي.

٢. ڪيترا ئي ڪَمَ صَحيح نَموني ڪَرَڻَ لاءِ ڪامپيوٽَرَ جي مَدَدَ وَرتي پيئي وَڃي.

٣. سَرحَدَ جي رَکيا لاءِ جُوانَ موڪِليا پيا وَڃَنِ.

٤. ٻارَنِ کي راندِيُون سيکاريُون پيُون وَڃَنِ.

❋ ❋ ❋ ❋ ❋

٢٨. قومَ جو آتم ٻلُ

هڪ دفعي گروُ شِشُ رڻَ تي نڪتا، رستي تي هلندي هلندي شِشَ هڪ ٻوٽي ڀرسان بيهي گروءَ کان پڇيو، ’گروديوَ، ديا ڪري ٻڌايو تہ هي ٻوٽو گلَ جهليندو يا نہ؟‘

گروديوءُ کي پلَ سانت چِتَ سان ٻوٽي ڏانهن نهاريندو رهيو پوءِ چيائين، ’هائو ٻالڪَ، اِهو ٻوٽو گلُ جهليندو.‘

شِشَ يڪدم پنهنجي هٿَ سان سٽَ ڏيئي اُهو ٻوٽو پٽي هڪ پاسي ڦٽو ڪندي چيو، ’هاڻي ڪيئن ايندا هن ٻوٽي ۾ گلَ؟‘

گروديوُ مشڪندو اڳتي وڌيو ۽ شِشُ سندس پٺيان هلڻ لڳو. پاسيواري ڳوٺَ ۾ پهتا مس تہ اچي برسات پيئي. ساندهہ ستَ ڏينهن برسات هلي جنهن سبب ڪين اُنَ ڳوٺَ ۾ ٽِڪِڻو پيو. سٽن ڏينهن بعد جڏهن هو ساڳئي رستي تان موٽيا پئي تہ شِشُ ڇا ڏسي تہ اُهو ٻوٽو اُسري بيٺو آهي ۽ اُنَ ۾ ٻہ سُندرُ گلُ پيا ٽڙن. هوُ اُتي ئي ڏندين آڱريون ڏيندي بيٺو رهيو. سندس عجبُ ڏسي گروديوءَ چيو، ’خبرَ اٿيئي تنهن ڏينهن پنهنجي خاموشُ نگاهن سان ڇا ڏٺم؟ ڏٺم پئي تہ هن ٻوٽي ۾ غضبَ جو آتم ٻلُ هو. تو هن کي پٽي ڦٽي ڪيو، پرَ برسات ۾ وهي آيلَ مٽيءَ ۾ هن وري پنهنجون پاڙون پختيون ڪري ورتيون ۽ ڏسُ اڄُ هيءُ زندهہ آهي، ٽڙي پيو، مهڪي پيو.‘

اِها ڳالهہ هرَ قومَ سان لاڳو ٿئي ٿي. ڪنهن بہ قومَ ۾ اِهو آتم ٻلُ ڪٿان ٿو پيدا ٿئي؟ اِهو پيدا ٿئي ٿو هرَ مشڪلَ کي مشڪي منهن ڏيڻ سان، پختي ارادي سان، ارادي کي عملَ ۾ آڻڻ سان ۽ هرَ حالَ ۾ پاڻُ نڀائي پنهنجو

وجود قائم رکڻ سان.

سنڌي قوم جو ئي مثال وٺجي. ان قوم تي صدين کان ڪڏهن قدرتي قهرن جي مار پيئي آهي ته ڪڏهن پرڏيهي ڌاڙيلن ۽ سياسي ڪيڏ جو شڪار بڻي آهي اها قوم. تازو هن صديءَ ۾ ورهاڱي جي طوفان سبب هن قوم جو وڏو اهم حصو پنهنجي پاڙن کان ڪٽجي سڪل پنن جيان ٽڙي پکڙي ويو. لکين پريوار اباڻا ڇڏي ويڳاڻا ٿيا. وڏا وڏا زميندار سڙڪن تي پٿر ٽوڙڻ ۽ مزوري ڪرڻ لڳا، وڏا وڏا واپاري رستن تي لائي وڙو، ڪڻڪ ڦلوڻا ۽ رومال وڪڻڻ لڳا. زالون گهر گهر ۾ وڃي وڙيون، پاپڙ ۽ آچار وڪڻڻ لڳيون. ايترو ئي نه ننڍڙا معصوم ٻار هلندين گاڏين ۾ ڪٽمٺڙا وڪڻڻ لڳا. عاليشان حويلين ۾ رهندڙ ٻٽرڪن ۾ مشڪلاتن ڀري زندگي جيئڻ لڳا. ان حالت ۾ به انهن همت نه هاري ڇو ته هنن کي ورثي ۾ مليل هو آتم ٻل ۽ آتم سنمان. ان ڪري ئي هنن ڪنهن اڳيان هٿ نه ڦهلايو، پنهنجي پرشارٿ جي ٻل تي هنن نئين زمين ۾ پنهنجون پاڙون پختيون ڪري اسرڻ لڳا. پاڻ وساياڻون، ٻين کي به خوشحال بڻاياڻون.

اڄ دنيا جي هر ڪنڊ ڪڙڇ ۾ سندن واپار جو ڏاڪو آهي. 'ٿوري ڪٽئي گهڻي برڪت' ۾ سندن وشواش آهي. هو پنهنجي ملي وهنوار سبب ٻراون کي به پنهنجو ڪا بڻائي ڇڏين.

چئبو آهي - 'ڇهڙو لڳي واءُ ٿيهڙي ڏجي پٺ.' هو هر حال ۾ پاڻ کي ٺهڪائي وٺڻ ۾ ماهر آهن. ڏاڍا رلڻا-ملڻا آهن. جتي وڃن اتي کير کنڊ وانگر ملي وڃن. هو تعليم يافته، ٻهوڀاشي، جات پات جي ڀيد کان مٿي ۽ ڇوتاڇوت کان آجا آهن. سڀني ديوي ديوتائن کي مڃين. صوفي مت ۽ نانڪ

پَنتَ جي گهِري اَثرَ سَبَب هِندُو، مومِن، سِکَ، ڪِرستانَ ۾ پيدُ نَہ رَکَنِ، هُنَنِ لاءِ اِنسان ذاتِ هِڪَ بِرادَري آهي.

هوُ ڌرمي سُپاوَ وارا ۽ توَڪلي آهِنِ. سَدائين رَبَ جي رَضا ۾ راضي. پرَ مَحنَتَ کان ڪَڏهِن بہ ڪين ڪيٻائين. جي ڪو ڪمُ هَٿَ ۾ کَڻَنِ، تَنڍو هُجي يا وَڏو، خاصِ هُجي يا خَسيِسُ پُوريءَ لَگَنِ سان پُورو ڪَنِ. پُرشارٿيءَ سان گَڏوگَڏُ ڏاڍا پَرمارٿي پِڻِ آهِنِ. جِتي وَڃَنِ تِتي عاليشانُ اِسپتالوُن، ڌرمشالائوُن ئو تعليمي سَنستائوُن قائمُ ڪَنِ.

ڀاڱ کي سِنڌي ڪوٺائِڻَ ۾ ڪينِ فَخرُ آهي. پَنهِنجو سِنڌيپَڻو قائِمُ رَکَڻَ جو اونو اَٿَنِ. پَنهِنجي وَطَنَ لاءِ پِڻِ ڏاڍي حُبَ اَٿَنِ. دُنيا جي هَرَ کُنڊَ مان ناڻو ڪمائي اَچي پَنهِنجي مُلڪَ ۾ لڳائِينِ.

ڀارتي گُلدستي جو هِڪُ عَلحِدو گُلُ آهي سِنڌي قوَمَ جا پَنهِنجي سُونهَن ۽ سُڳَنڌِ سان سَدائين سَڀني کي موهيِندي رَهَندي. پَنهِنجي هَم وَطَنيُنِ سان ٻانهَن ٻيلي ٿي هَرَ مُشڪِلُ جو مُقابِلو ڪَري مُلڪَ کي اَڏِيندي ۽ خوُشحالُ بَڻائِيندي.

چوُنڊَ نَوان لَفظ ۽ اِصطِلاحَ :

لَفظَ : سَٽَ = چِڪَ؛ سانڌَهِ = لڳاتارِ؛ عَمَلُ = ڪو ڪم وَهِنوارَ ۾ آڻَڻَ جي ڪِريا؛ تعليم يافتہ = سِکيا حاصِلُ ڪَيَلُ، پَڙهيَلُ ڳُڙهيَلُ؛ ڪِرستانُ = عيسائي؛ توَڪِلي = ڀاڳَ تي ڀَروَسو ڪَندڙُ؛ رَبُ = خُدا، پَرماتما؛ رَضا = اِڇا، مَرضي؛ خَسيِسُ = معموُلي، سادارَڻُ؛ حُبَ = پريمُ؛ ناڻو = ڌَنُ، دولَت؛ عَلِحَدو = جُدا، اَلِڳ قِسمَ جو.

اِصطِلاحَ : قَبُلو ڪَرِڻُ = اُچارِڻُ؛ ڏَندين آڱُريوُن ڏِيَڻُ = عَجَبَ ۾ پَوَڻُ؛ مُنهن ڏِيَڻُ = مُقابِلو ڪَرَڻُ.

اَڀياسُ

سُوالُ ١ سُوالَنِ جا جَوابَ لِکو :

١) شِشَ گُروءَ کان ڇا پُڇيو ؛ گُروءَ جي جَواب بعدِ هُنَ ڇا ڪيو ؟
٢) ڪنهن بہ قومَ جي وَجُودَ لاءِ آتمر ٻَلُ ڇو ضَرُوري آهي ؟
٣) وِرهاڱي بعدِ سِنڌين کي ڪهڙين مُشڪلاتُنِ سان مُقابلو ڪرڻو پيو ؛ اُنَ ۾ هو ڪيئَن ڪامِيابُ ٿيا ؟
٤) سَنڌي سَماجَ جون ڪهڙيون خُوبيون آهِن ؟
٥) سِنڌين کي ڪهڙيءَ ڳالهِہ جو اونو آهي ؟
٦) سِنڌي پنهنجي مُلڪَ کي ڪهڙي نَمُوني خُوشحالُ بڻائي رَهيا آهِنِ ؟

سُوالُ ٢ حَوالا ڏيئي سَمُجهايو :

١) هائو ٻالَڪَ، اِهو ٻُوٽو ضَرُورُ گُلَ ڇهليندو.
٢) ڏُکُم پئي تہ هِنَ ۾ غضَبَ جو آتمر ٻَلُ هو.

سُوالُ ٣ ضِدَ لِکو : آڳِتي، خَسيسُ.

سُوالُ ٤ جُملَنِ ۾ اِستعمالُ ڪريو :

ڏَنديِن آڱريُون ڏيَڻُ، ڪِيَرَ ڪَنڌُ وانگُرُ مِلَڻُ، مُنهُن ڏيَڻُ.

سُوالُ ٥ معنيٰ سَمُجهايو :

لُوري ڪَٽئي گهٽي بَرڪَت
جَهڙو لَڳي واءُ تَهڙي ڏجي پُٺ.

سُوالُ ٦ مِثالَ مُوجِب جُملا ڦيري لِکو :

مِثالُ : هُوَ اُنَ گهوٽَ ۾ رَهيا.

هُنَ کي اُنَ ڳوٺَ ۾ رَهِڻو پيو.

١) رَستو ڀُلجي ڀَوَڻ سَبَب هُنَ راتِ جهَنگَ ۾ گُذاري.

٢) اَسان اِنَ شَئِ جا وڏيڪَ پيَسا ڀَريا.

٣) مِزمانَنِ سَبَبِ تونْ سَڄي راتِ جاڳئين.

٤) مونْ هُنَ ڏانهُن سَڀُ رسيدوُن موڪِليوُن.

* * * * *

٢٩. نيلسن منڊيلا - زنده باد (سنپادڪي ليک)

هاڻي ڏکڻ آفريڪا ۾ پهريون چونڊون بنا رڪاوٽ جي پوريون ٿي ويون ۽ شروعاتي نتيجا اچڻ شروع ٿيا آهن. اهو ڏسي ڪري سچ پچ عجب ٿو لڳي ته ٿورائيءَ وارن راڄ ڪندڙ گورن هڪ وڪاس ڪيل واپاري ديش ۾ بنا هاهاڪار مچائڻ جي ڏکڻ آفريڪا کي هڪ لوڪشاهي راشٽر جي روپ ۾ تبديل ڪرڻ ۾ پورو سهڪار ڏنو. ويهين صديءَ جو هي آخرين ڏهاڪو هڪ نئين راشٽر اڀري اچڻ ڪري چوڏس جي چنڊ وانگر ٿو چمڪي ۽ پردي پٺيان انهن هزارين ماڻهن جي پڪارن جا آواز اچي رهيا آهن جن رنگ ڀيد خلاف ڪشمڪش ڪئي هئي. انهيءَ ۾ شڪ ڪونهي ته نيلسن منڊيلا هن نئين ملڪ جو هڪ 'سپر هيرو' آهي جنهن لوڪشاهيءَ لاءِ هلچل هلائيندي زندگيءَ جو ٢٥ سالن کان به وڌيڪ عرصو جيلن ۾ گذاريو. پر هن نئين راشٽر جي نرماڻ ۾ هاڻوڪي راشٽرپتيءَ ايف. ڊبليو. ڊي. ڪلارڪ جي شاندار ڀومڪا آهي جنهن ڏکڻ آفريڪا جي ظلمن ۽ ڪمزورين کان آزاد ڪرڻ ۾ سهڪار ڏنو ۽ رنگ ڀيد پيدا ڪندڙ گروپ 'اٿريار ائڪٽ' وغيره کي هوريان هوريان مٽائي ڇڏيو. اهو چمتڪاري اثر ايڪتا ۽ آتوٽ ڪوشش جو آهي. نيلسن منڊيلا ۽ ايف. ڊبليو. ڊي. ڪلارڪ ٻنهين جي ڀومڪا ته آهي ئي آهي پر 'زولو' نيتا منگوشتو بٿليجي به پٺتي نه پيو. آخر ۾ چونڊ جا ڪارڻ سمجهي، ڀشڪار جي بدنصيبيءَ جي نعري کان ڪنارو ڪري هن جي پارٽي 'الڪاٿا فريڊم' به چونڊن ۾ شامل ٿي. ووٽنگ لاءِ اٿاهُ اتساهُ ۽ امنگ ڏکڻ آفريڪا جي ووٽرن ۾ هو. اهو ڏسي چئي سگهجي ٿو ته ماڻهن ۾ پنهنجي آئيندي ناهڻ

جو زبردست چاهه آهي. ووٽ ڏيڻ لاءِ ووٽرن جون ڊگهيون قطارون ڏٺيون ويون ۽ ووٽنگ ٻه ڏينهن وڌائي ويئي. ڏکڻ آفريڪا جي هنن چونڊن ۾ ڪي ٻه ووٽرن جون لسٽون ڪانه هيون پر جيڪو به بالغ ناگرڪ هو، اهو ووٽر هو. پنهنجي سڃاڻپ جي ڪارڊ جي آڌار تي هن ووٽ پئي ڏنو. ڪل ملائي ووٽنگ سانتيڪي نموني ٿي گذري.

ڏکڻ آفريڪا ۾ هن نموني آدم جي ورهاست آهي، ٦٨ سيڪڙو ڪارا آهن جيڪي گهڻائيءَ ۾ آهن، ١٩ سيڪڙو گورا آهن. گڏيل جاتين جا ماڻهو ١٠ سيڪڙو ۽ ايشيا جا ٣ سيڪڙو آهن جن ۾ گهڻائي هندستانين جي آهي. اهي گروپ هڪ ٻئي جي خلاف هوندي به ووٽنگ وقت هنن بيحد ڌيرج ۽ بلڪل ضابطي کان ڪم ورتو.

اقرار موجب ديش جي سرڪار هڪ گڏيل سرڪار ٿيندي جنهن جو ڪم ڪرڻ جو عرصو ٥ سال هوندو. انهيءَ ميعاد ۾ پارليامينٽ ديش جو وڌان ٺاهيندي. هاڻي ڏسڻو آهي ته شروعاتي ڌيرج ۽ ضابطو ايندڙ ٥ سالن تائين جٽاءُ ڪري ٿو يا نه؟

شروعاتي چونڊن جا نتيجا اهو ٻڌائي رهيا آهن ته منڊيلا جي آفريڪي نيشنل ڪانگريس کي گهڻائي ملندي. مگر جيڪڏهن هن کي ٻه ٽيا ڀاڱا گهڻائي حاصل ٿي ويئي ته نئون وڌان پوريءَ طرح ڪارن ماڻهن جو ئي وڌان ٿي سگهي ٿو. چونڊون هڪجهڙائيءَ واري سرشتي تي مدار رکندڙ آهن يعني جيڪا به پارٽي جيترو سيڪڙو ووٽ حاصل ڪندي انهيءَ حساب سان پارليامينٽ ۾ ان جون سيٽون هونديون.

هن وقت جي حالت اها آهي ته آفريڪي نيشنل ڪانگريس کي ٥٥ سيڪڙو کان گهٽ ووٽ نه ملندا ۽ هوڏانهن وري

ڏي. ڪلارڪ جي نئشنل پارٽيءَ کي ۲۰ کان ۲۵ سيڪڙو تائين ووٽ ملي سگهن ٿا. ٻٿليجي کي اڪانٿا فريڊم پارٽيءَ کي ٻه ۷ سيڪڙو جي آسپاس ووٽ ملڻ گهرجن. انهيءَ جو مطلب اهو ٿيندو ته منڊيلا ديش جو نئون راشٽرپتي ٿيندو جيڪو ۱۰ ميءَ تي طاقت ۾ ايندو. اقرار موجب ۲۰ سيڪڙو کان وڌيڪ ووٽ کڻڻ وارين پارٽين مان ۲ اُپ راشٽرپتي ڪيا ويندا تنهن ڪري هڪ اُپراشٽرپتي نئشنل پارٽيءَ جو ٿيندو جنهن لاءِ هاڻوڪي راشٽرپتيءَ ڏي. ڪلارڪ جو نالو ٿو کنيو وڃي. چونڊن ۾ ڪلارڪ بلڪل صبر ۽ دل و جان سان ڪاريه ڪيو ۽ هُن اهو به محسوس ڪيو ته منڊيلا سان گڏ ڪاريه ڪرڻ ۾ هُن کي ڪابه رنڊڪ پيش ڪونه آئي. هرڪا پارٽي جيڪا ۵ سيڪڙو ووٽ حاصل ڪندي اُها ۲۷ ميمبرن واري منتري منڊل لاءِ پنهنجي اُميدوار کي چونڊائي سگهي ٿي. ظاهر آهي ته منڊيلا کي ڀڪراءُ جي آڌار تي ئي ۵ سال پورا ڪرڻا پوندا.

آفريڪي نئشنل ڪانگريس کي کشاديءَ دل وارن گورن ۽ هندستانين جي حمايت آهي پر اُنهن کي پنهنجو ساٿي ٻڌائي رکڻ لاءِ انهن ۾ نئون اُتساهه ڀرڻ جي درڪار آهي. منڊيلا ۽ هُن جي پارٽي ڄاڻي ٿي ته کين ڪارن ماڻهن جي اُميدن کي پورو ڪرڻ لاءِ ڪجهه ڪرڻو پوندو. هُن جي پارٽي ايندڙ ۱۰ سالن ۾ ۲۵ لکن ماڻهن کي نوڪريون ڏيڻ، ۱۰ لک گهر ٺهرائڻ ۽ ۲۵ لکن ڳوٺن ۽ شهري مڪانن ۾ بجلي لڳائڻ جو وچن ڏنو آهي. انهيءَ مان ظاهر آهي ته اهو هڪ وسيع پروگرام آهي ۽ انهيءَ لاءِ بيشمار پيسو کپي. ڪجهه به هجي انهن جو ڪم سولو ڪانهي. آخر دل جي گهرائيءَ مان هي سونهري شبد ضرور نڪرندا، ’شاباس! شاباس!

نئلسَنَ مَنڊيلا تو جيلَ جوُن سَختيوُن ٢٥ سالَ ساندَهِ سَليوُن. نيتِ تو جَهڙي مُلڪي مَحبوُبَ ڏکڻَ آفريڪا ۾ لوڪشاهي آندي ۽ ٻاپوءَ جو سُپنو ساڪارُ ڪَري سَنسارَ اڳيان سَتيہَ ميوَ جيتي جو سَچو مِثالُ قائِمُ ڪيو.

(هِندُستانُ - مُمبئي، ٻُڌَرُ ٤ ميءَ ١٩٩٤ع.)

چوُنڊ نَوان لَفظَ :

ڪَشمَڪَشِ = سَنگهَرشُ ؛ هوريان = آهِستي، ڌيري ؛ شاهي = تَمامُ وَڏو، وِشالُ ؛ آدَمُ = ماڻهو، جَنتا ؛ ضابطو = اَنُوشاسَنُ، اِختياري ؛ اِقرارُ = سَمجهوتو ؛ مِيادُ = مُدو، مُقرَرُ وَقتُ ؛ مَدارُ = آڌارُ ؛ دِل وجان سان = پوريءَ لَگَن سان ؛ رَنڊَڪ = رُڪاوَٽَ ؛ ڪُشادو = وِشالُ، تَمام وَڏو ؛ دَرڪارُ = ضَرورَتَ ؛ سَختي = مُشڪِلاتَ ؛ مُلڪي مَحِبُوبُ = ديش پريمي.

اَڀياسُ

سُوالُ ١ سُوالَنِ جا جَوابَ لکو ؛

١) ڏکڻ آفريڪا جي چُونڊُن وَقتِ راڄُ ڪَندڙَ گورَنِ ڪهڙو رُخُ اپنايو ؟

٢) نيلسَن مَنڊيلا کي نئين مُلڪَ جو سُپر هيروُ ڇو ٿو ڪوٺيو وڃي ؟

٣) ڏکڻَ آفريڪا ۾ ٿِيَلَ چُونڊُن جي طَريقي جُون مُکيہ خاصيَتوُن ڪهڙيوُن آهِن ؟

٤) نئين سَرڪارِ ڏکڻَ آفريڪي لوڪَن جي خُوشحاليءَ لاءِ ڪهڙا ڪَمَ پورا ڪَرڻ جو فيصِلو ڪيو آهي ؟

سُوالُ ٢ خالي پَري جُملا پُورا ڪريو :

١) نيلسَن مَنديلا ـــــ ڪان ٻه ڏهاڪا عَرصو جيلَن ۾ گُذاريو.

٢) ڏکڻ آفريڪا ۾ ـــــ سَيڪڙو ڪارا، ـــــ سَيڪڙو گورا، ـــــ سيڪڙو گڏيلَ جاتيُن وارا ۽ ـــــ سَيڪڙو ايشيا جا ماڻهُو آهِن.

٣) اِقرارَ مُوجِبِ ڏکڻ آفريڪا ۾ چُونڊيلَ سَرڪارِ جو عَرصو ـــــ هُوندو.

سُوالُ ٣ ضِدَ لِکو : ٿورائي، هوريان، سَڀڪارُ، گورو.

سُوالُ ٤ ڏنلَ مِثالَ جي آڌارَ تي لَفظَ جوڙيو :

مِثالُ : پُنيان - پُنتي

آڳيان، هيٺان، مَٿان.

سُوالُ ٥ ڏنلَ مِثالَ جي آڌارَ تي جُملا ڦيري لِکو :

مَثالُ : اَسين اِهو ڏسُون ٿا.

اَسان کي اِهو ڏِسڻو آهي.

١) هُو راتِ واريءَ گاڏيءَ ۾ وَڃَن ٿا.

٢) مان پَنهِنجو گهرَ جو ڪمُ پُورو ڪَريان ٿو.

٣) ڇا تُون پَنهنجي ڀاءُ ڏانهُن پيَسا مُوڪلِين ٿو؟

٤) اَسين هُنَن کي سَمُجهايُون ٿا.

٥) توهين فَقطِ سِنڌيءَ ۾ ڳالهايو ٿا.

سُوالُ ٦ ڏنلَ خَبرُن جو سارُ پَنهِنجي لَفظَن ۾ لِکو :

(١) پوک جي واڌاري لاءِ نئين قسم جا ٻج.

دَهلي يو.اين.

زَرعي مَنتري ٻلرامَ جاکڙَ هِڪَ بَيان ۾ ٻُڌايو تـه ڀارَتَ جا زَرعي وِگياني ساراهَ ڪَرڻَ لائِقُ آهِنِ جِنِ چانوَرن، ڪَڻڪَ

۽ رائيءَ جي جُدا جُدا نَون ٻِجن جو وِڪاسُ ڪيو آهي.

هُنَ ٻُڌايو تہ وِگيانيُن چانورن لاءِ نوان ۱۲ قِسمن جا ٻج، ڪڻڪ لاءِ ۱۳ ۽ رائيءَ لاءِ ۳ قِسمن جي ٻجن جو وِڪاسُ ڪيو آهي.

ڊاڪٽر جاکڙ ٻُڌايو تہ اِهي نَئين قِسمن جا ٻج ڪِسانن کي ڏنا ويندا تہ جيئن هُو پنهنجي پيداواريءَ کي وڌائين.

(۲) وِديشي سيلانيُن مان وَڏي ڪمائي

دهلي يو.اين.

وديشي سيلاني جي سير وسفر ۽ ڀارت جي پراچين سينيتڪ ۽ اِتهاسڪ ڄاڻ حاصِلُ ڪرڻ لاءِ هِتي اَچن ٿا، تن مان مارچ مهيني تائين گُذريل سالَ کان وَڌيڪ وَديشي سِڪي جي حاصِلات ٿي آهي.

چالو سالَ ۾ مارچ مهني تائين ڀارت ۾ ۱،۸۷،۱۴۶ وِديشي سيلاني آيا آهِن، جڏهن تہ گُذريل سالِ اَن عرصي اندر ۱،۴۶،۱۹۱ وديشي سيلاني آيا هُئا.

هِڪ سرڪاري خبر موجب گُذريل سالِ وِديشي سيلانيُن مان ۳۲۹ء۴۸ ڪروڙ وديشي سِڪو حاصِلُ ٿيو هو جڏهن تہ هن سالِ ۴۵۳ء۶۹ ڪروڙ ڪمائي ٿي آهي.

❋ ❋ ❋ ❋ ❋

٣٠. دوست ڏانھن خط

پُونو
١ جنوري ١٩٩٧

پيارا دوست روشن،

نئين سال جُون لک لک واڌايُون. مان هتِ ايشور جي ڪرپا ۽ توھان دوستن جي شُڀ ڪامنائُن سان مزي ۾ آھيان. اُميد تہ توھين سڀ بہ ڪُٽنب سميت خُوش پرسَن هُوندا.

مُون توکي پھرئين خط ۾ هتي جو سمورو احوالُ ڏنو هو ۽ ڄاڻايو هو تہ هتِ اسان جو سنڌي ٻوليءَ جو ڪورسُ ٽنِ ڀاڱن ۾ ورهايل آهي ٻُنيادي، درمياني ۽ اوچ. ٻُنيادي ڪورسَ ۾ اسانکي ٻوليءَ جي ٻُنيادي بناوت جو اڀياسُ ڪرايو ويو جيڪو آڪٽوبرَ تائين هليو. هيُون درمياني ڏاڪو هاڻي پورو ٿيڻَ تي آهي. انَ دورانِ اسان کي سوليءَ ٻوليءَ جي استعمالَ جي اڀياس سان گڏوگڏ سنڌي سماج جي مختلف پھلُن جي ڄاڻ پڻ ڏني ويئي. ايندڙ هفتي انَ جو امتحانُ آهي، بعدِ اسين ٻن هفتن لاءِ سنڌي ماحولي سيرَ تي ويندا سين. سنڌي ڪالونيُون گھمندا سين، تعليمي ۽ سماج شيوي سنسٿائُون ڏسندا سين ۽ اديبن، تعليم داننِ، سماج شيوڪنِ، واپاريُن ۽ عامُ ماڻھنِ سان گڏجندا سين. سنڌن رھڻي ڪھڻيءَ،ريتيُن رواجنِ جو اڀياسُ ڪندا سين. سندن خُوبيُن خاميُن، يوگدانَ ۽ مسئلنِ کي صحيح معنيٰ ۾ سمجھڻَ جي ڪوشش ڪندا سين، جو تہ سنڌي پڻ اسان جي سماج جو ئي اڻوٽندڙ حصو آهن. هوُ تہ جتي وڃن ٿا اُتان جي ٻولي سکيو وڃن ٿا ۽ مڪاني ماڻھنِ ۾ هرَ نموني رلي ملي وڃن ٿا. پرَ اسان سنڌي سماج جي ايترو ويجھو نہ ويا آهيُون. اسان کي سندن ٻوليءَ، ريتيُن رواجن ۽ ادبَ جو اڀياسُ

ڪَرِڻُ گهُرجي. اِنَ مُرادَ سان ئي اَسين ماحولي سيرَ تي وَڃي رَهيا آهيون. اِنَ لاءِ اَسان جي سائِينءَ اَگِ ۾ ئي پُورو پروگرامُ رٿيو آهي. هَرَ هنڌِ رَهائِشَ، گَڏجاڻيءَ وَغيرَهَ لاءِ خاصِ شخصيَتُنِ سان لِکَ پَڙهَ ڪَئي آهي.

پروگرامَ مُوجِبِ اَسين ١٨-١-٩٧ کان ٣١-١-٩٧ تائين سِنڌُونگرُ، مُمبئي ۽ گانڌِيڌامُ گهُمَنداسين.

توکي ڄاڻُ آهي تہ مُمبئيءَ جي پَرسان ٺاڻي ضِلعي ۾ اُلهاسنگرُ سِنڌين جو سَڀَ کان وَڏو مَرڪَزُ آهي. هِتي پَنجِنِ ڪئمپُنِ ۾ اَٽڪَلَ ٻہ لَکَ سِنڌي رَهَنِ ٿا، اِنَ ڪري ئي هِنَ کي سِنڌُونگرُ پڻ ڪوٺيو وَڃي ٿو. هِتِ هَرَ هَنڌِ ننڍا وَڏا ڪارخانا ۽ گهرو هُنَرَ هَلَنِ ٿا اِنَ ڪري هِنَ کي مِني جَپانُ بہ چَوَندا آهِنِ. هِتِ روزمَرَهَ جي گهُرجَ جي هَرَ شئہ نهي ٿي. هي واپارَ جو وَڏو مَرڪزُ آهي. مُلڪَ جي جُدا جُدا ڀاڱَنِ کان ماڻهو خَريداريءَ لاءِ هِتِ اَچَنِ ٿا. هِتان ٻِيَن مُلڪَنِ ڏانهن پڻ وَڏي پيماني تي مالُ موڪليو وَڃي ٿو.

سِنڌُونگرَ ۾ سِنڌيَن اَنيڪَ عاليشانُ تعليمي سَنستائون کوليون آهِنِ جِتِ هَرَ قومَ جا هَزارين شاگِردَ تعليمَ حاصِلُ ڪَنِ ٿا. هِتِ شانتي پرڪاش آشرمُ، ٻُڍا آشرمُ، ناري شالائون وَغيرَهَ اَنيڪَ سَماجَ شيوي سَنستائون آهِنِ جِنِ لاءِ سِنڌي واپاري دِلِ کولي دانُ ڪَنِ ٿا.

اَسين سِنڌُونگَرَ ۾ پَنجَ ڏينهن رَهَنداسين. پَنجَ ئي ڪئمپون گهُمَنداسين، مُکيہ سَنستائون ڏِسَنداسين ۽ ڪُجهہ خَريداري بہ ڪَنداسين. بعدِ اَسين مُمبئيءَ ڏانهن رَوانو ٿينداسين.

واپارَ جي لِحاظَ کان مُمبئي اَسان جي مُلڪَ جو سَڀَ کان وَڏو مَرڪَزُ آهي. مُمبئيءَ کي اَڏاڻَ ۾ سِنڌي واپارين ۽ ڪارخانيدارَن جو پڻ ڪافي يوگدانُ رَهيو آهي. هِتي سَندَنِ

سنستائن جي مدد سان انيڪ وڏيون تعليمي سنستائون ۽ اسپتالون هلايون وڃن پيون.

اسان جو ممبئيءَ ۾ فقط هڪ ڏينهن جو ڳتيل پروگرام آهي. صُبح جو سيتا سنڌو ڀون جي چونڪيءَ ۾ شامل ٿينداسين، جتي اسان کي سنڌي راڳ ٻُڌڻ جو موقعو ملندو. اُن بعد ساڌٻيلو آشرم ۽ جهولي لعل مندر ڏسڻ ويندا سين. منجهند جو ڪي تعليمي سنستائون ڏسنداسين ۽ رات جو سنڌي ناٽڪ.

ٻئي ڏينهن صُبح جو گانڌي ڌام روانو ٿينداسين ۽ رات جي ڏهين ٻجي ڌاري هُتي پهچنداسين.

گجرات جي ڪڇ ضلعي ۾ گوڙ گهمسان کان دور سانت، شِٽلو، صاف ۽ ننڍڙو شهر آهي گانڌيڌام. دراصل اسان جا چار ڌام ته اڳ ۾ ئي هئا. ورهاڱي بعد سنڌين کي وسائڻ لاءِ اَڏيو ويو پنجون ڌام گانڌيڌام. مهاتما گانڌيءَ جي سپنن جي سنڌ - گانڌيڌام. سندس اِڇا هئي ته سڀ سنڌي اُتي وري وسن ۽ پنهنجي سڀيتا قائم رکن.

هت پڻ سنڌين جون تعليمي سنستائون آهن. هت سنڌيءَ جا انيڪ ٻرک اديب پڻ رهن ٿا. اسان جي هُنن سان ملاقات رکي ويئي آهي. هتي واپار کي همٿائڻ لاءِ سرڪار ڦري ٽريڊ زون ٿرپا ڪيو آهي. هتي مشهور ڪنڊلا بندر به آهي. اُتي اسان کي پاڻيءَ جا جهاز ڏسڻ جو موقعو ملندو. اسين آگ بوٽ ۾ سير پڻ ڪنداسين.

ڀُڄ جي آل انڊيا ريڊيو اسٽيشن تي اسان جي ملاقات رکي ويئي آهي. اِن ڪري اسين ڀُڄ ويندا سين. هت ڪڇ جي ڀرت، چِر ۽ جنڊيءَ جو ڪم ڪيل سُندر شيون ملنديون آهن. اسين ڪجهه شيون خريد ڪنداسين. ڀُڄ جي ويجهو ٽِڪيءَ ايراضيءَ جي ڳوٺن ۾ وڃي هڪ رات رهنداسين. سنڌي ڳوٺاڻن

سان ڳالهائيندا آهين بولائيندا آهين. سنڌين لوڪ گيتن ۽ لوڪ سنگيت جي موج ماڻيندا آهين.

پورا ٻه هفتا سيلانين جيان پيا گهمندا آهين؛ پيا سنڌي سماج جو اڀياس ڪندا آهين. اسين ايترو ته رڌل رهندا آهين جو متي ڪنهن جي به فرصت نه ملندي. ماحولي سير تان موٽي اچي مونکي سفرنامو لکڻو آهي. توکي به سمورو احوال ڏيندس.

مان هن مهني ماحولي سير تي وڃي رهيو آهيان ان ڪري گهر پيسا نه موڪلي سگهندس. بابا جي علاج لاءِ يا ٻئي ڪنهن ضروري خرچ لاءِ پيسا کپن ته هزار ڪن ڏجانئن. موٽي اچي موڪليندوسانءِ.

منهنجو ڪڪو گوبند تنهنجي ئي ڪلاس ۾ آهي، سو پنهنجي اکِ ۾ رکجانئس. هن سال بورڊ جو امتحان اٿس. سٺيون مارڪون کڻندو ته ڪاليج ۾ داخلا ملي سگهندس.

تو لکيو هو ته منهنجو ڪو دوست سنڌي سکڻ چاهي ٿو سو جڏهن مان هوليءَ تي گهر ايندس تڏهن پاڻ سان گهربل فارم کڻي ايندس. تون ڪنهن قسم جو خيال نه ڪج ڪيس داخلا ملي ويندي.

هاڻي امڙ جي طبيعت نيڪ هوندي. منهنجي رامست چئجانئس ۽ منهنجي پاران پيرن تي هٿ رکجانئس. ٻاٻي ۽ ٻار مزي ۾ هوندا.

سڀني سائين لاءِ نمستي ۽ شاگردن لاءِ پيار.

تنهنجو دوست،
راجيش شرما.

روشن لال ڏٻي،
نيتاجي هاءِ سڪول، پراڻي برتن منڊي،
پوسٽ: بريلي (اُتر پرديش).

چونڊ نوان لفظ :

خوبي = خاصيت، گڻ؛ خامي = دوش، کمي؛ مُراد = اُديش، مقصدُ؛ گڏجاڻي = مُلاقات؛ بَرک = مشهورُ؛ ڏاري = لَڳہ ڀڳہ؛ آگ بوٽ = اِسٽيمرُ؛ جَندڙي= ڪاٺ تي لاک سان رنگائيءَ جو ڪمُ؛ سيلاني = سير ڪندڙُ.

چونڪي : خدا جي بندگيءَ يعني پرماتما جي ڀڳتيءَ ۾ ڀڄن نما ڪلام ۽ صوفي ڪلام ڳائجن ٿا. ڪلامن جي وچ وچ ۾ اُن وشيہ سان واسطو رکندڙ ڏوهڙا ۽ بيت چيا وڃن ٿا. اِن کي چونڪي ڪوٺجي ٿو.

اڀياس

سُوالُ ۱ سُوالن جا جواب لکو :

۱) نئين ہولي 'سيکارڻ' جو پروگرامُ ڪيترن ۽ ڪهڙن ڀاڱن ۾ ورهايو ويو آهي؟

۲) راجيشُ ماحولي سير تي ڪهڙي مقصد سان ۽ ڪيڏانهن وڃڻو هو؟

۳) سنڌونگر کي 'مني ڄپان' جو ٿو ڪوٺيو وڃي؟

۴) ماحولي سيرَ دوران راجيش ۽ سندس سائين جو مُمبئيءَ ۾ ڪهڙو پروگرامُ آهي؟

۵) گانڌيڌام کي سنڌين جو پنجون ڌامُ ڇو ٿو ڪوٺيو وڃي؟ اُتان جي خاصيتن جو ٿوري ۾ بيان ڪريو.

سُوالُ ۲ پنهنجي دوست کي خطُ لکو جنهن ۾ ڪيس ڪا نئين ٻولي سکڻ جي صلاح ڏيو.

سُوالُ ۳ ضدَ لکو : عامُ، خوبي.

سُوالُ ۴ مِثالَ مُوجِب لَفظَ جوڙيو :

مِثالُ : سَفَرُ - سَفرنامو

اِقرارُ، قَسَمُ، دعوت، هِدايَتَ، سُوالُ.

سُوالُ ۵ صَحيح لَفظَ چُونڊي خالَ پُري جُملا پُورا ڪريو :

(پَنجون، پَنجين، پَنجين، پَنجَئي)

١) اَسين ـــــ تاريخ ڪلڪتي ويندا سين.
٢) هُنَنِ کي ـــــ بَجي تائين آفِيَس ۾ وهارڻو پَوندو.
٣) هوءَ ڪلاس ۾ ـــــ نمبرُ آئي.
۴) هُنَ جا ـــــ پاٽرَ آيا هُئا.

سُوالُ ٦ مِثالَ مُوجِبُ جُملا ڦيري لِکو :

مِثالُ : پيرَنِ تي هَٿُ رَکِجانئِيس.

هُنَ جي پيرَنِ تي هَٿ رَکِجانءِ.

تُون هُنَ جي پيرَنِ تي هَٿُ رَکِج.

١) خَطُ لِکِجانئِس.
٢) وَري وَلي اَچِجانئِن.
٣) آڪالي پُڌائِجانئِس.
۴) سِنڌي سيکارِجانئِن.

❋ ❋ ❋ ❋ ❋